بقايا 1 دورو

محمد اسحاق ڊار برسلز جي جاري دوري دوران نيٽو هيڊڪوارٽر جو دورو ڪيو ۽ نيٽو جي سيڪريٽري جنرل مارڪ روٽي سان ملاقات ڪئي ترجمان ڪالهه ڏينهن پريس بريفنگ ۾ چيو ته نائب وزيراعظم ۽ نيٽو جي سيڪريٽري جنرل جي وچ ۾ ٿيندڙ ملاقات ۾ ڌرين گڏيل دلچسپي جي معاملن بشمول امن ۽ سلامتي، دهشتگردي ۽ علائقائي ۽ عالمي اڀرندڙ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو ته نائب وزيراعظم سينيٽر محمد اسحاق ڊار هنگري جي پرڏيهي وزير سان ٻطرفي ملاقات ڪئي جنهن ڪانپوءِ ٻنهي ملڪن هنگريڪم وظيفا پروگرام 2028 – 2026 ع جي فريم ورڪ تحت تعاون بابت مفاهمت نامي جي تجديد تي صحيحيون ڪيون اهو پروگرام پاڪستاني شاگردن کي هنگري ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ 400 وظيفن جي آڇ ڪندو هن چيو ته نائب وزيراعظم ۽ جو برسلز جو دورو پاڪستان ۽ يورپي يونين جي لاڳاپن ۾ هڪ اهم سنگ ميل آهي ترجمان وڌيڪ چيو ته پاڪستان يورپي يونين سان هڪ جامع ۽ گڏيل فائديمند حصيداري کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ پرعزم آهي

بقايا 2 پاڪستان

جي خلاف انساني حقن جي مسلسل خلاف ورزين جي شديد مذمت ڪري ٿو پاڪستان عالمي برادري بشمول گڏيل قومن انساني حقن واري ڪائونسل ۽ گڏيل قومن جي انساني حقن بابت هاءِ ڪمشنر کان مطالبو ڪري ٿو ته اهي والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جي سنگين صورتحال جو نوٽيس وٺن، انساني حقن جي خلاف ورزين تي ڀارت جي جوابدهي کي يقيني بڻائين ۽ انساني حقن جي معتبر عالمي تنظيمن کي آزادانه ۽ غيرجانبدارانه جاچ ڪرڻ جي اجازت ڏين پرڏيهي آفيس جي ترجمان طاهر اندرابي پنهنجي هفتيوار پريس بريفنگ ۾ ميڊيا کي ٻڌايو ته پاڪستان افغان طالبان حڪومت پاران فتنہ الهندستان ۽ فتنہ الخوارج جي حمايت جي ڪري سرحدي گذرگاهه بند ڪري رکي آهي ۽ افغانستان سان سمورو واپار معطل ڪري ڇڏيو آهي ترجمان چيو ته سرحدي لنگهه کولڻ تاپي ڪاسا 1000 جهڙن منصوبن تي عملدرآمد ۾ دير جي ذميواري افغان طالبان تي لاڳو ٿئي ٿي ترجمان ان ڳالهه جو ورجاءُ ڪيو ته افغانستان کي پاڪستان جي اندر دهشتگرد حملن جي لاءِ پنهنجي سرزمين جو غلط استعمال بند ڪرڻ گهرجي هن ميڊيا کي ٻڌايو ته پاڪستان افغانستان سان رابطي ۾ رهڻ جي ڪوشش ڪئي پر ان کي جاني نقصان ڪٿلو پيو هن چيو ته ان کان اڳ پاڪستان واپار ۽ سلامتي کي جدا ڪري ڇڏيو هو پر تحمل جو مظاهرو ڪيو جنهن جي هڪ حد هوندي آهي ترجمان چيو ته منهنجي خيال ۾ صبر جي اها حد پار ٿي وئي آهي اسان واپار کي اڳتي ٿيڻ نه ٿا ڏئي سگهون جيئن افغان سرزمين تان پاڪستانين جي قتل جو لائيسنس ڏئي واپار ڪيو پيو وڃي ترجمان هڪ افغان اڳواڻ جي پاڪستان جي لاءِ 4000 بمبار تيار ڪرڻ جي اعلان بابت پڇيل سوال تي تبصرو ڪندي چيو ته ان بيان ثابت ڪري ڇڏيو ته پاڪستان جو موقف صحيح آهي ته افغان سرزمين پاڪستان جي اندر دهشتگرد حملن جي لاءِ استعمال ٿي رهي آهي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي ڀارتي وزيراعظم مودي سان ڳالهه ٻولهه بابت پڇيل سوال جنهن ۾ خاطري ڪرائي وئي هئي ته هو پاڪستان سان جنگ نه ڪندو تي تبصرو ڪندي ترجمان چيو ته ان خاطري کي اسان واضح طور تي شڪ جي نگاهه سان ڏسون ٿا ان جي تائيد ڀارت مان ايندڙ بيانن ۾ نه ڏٺي وئي هن چيو ته ڀارتي سياسي ۽ عسڪري قيادت جنگ جون ڳالهيون جاري رکيون آهن ۽ جارحاڻا بيان جاري ڪري رهي آهي هڪ سوال جي جواب ۾ ترجمان چيو ته ايراني ائٽمي مسئلي تي پاڪستان جو موقف اصولي ۽ مستحڪم آهي ۽ ته پاڪستان عالمي قانون تحت ايرانين جي حقن ۽ ذميوارين موجب ائٽمي افزودگي جي حق کي تسليم ڪيو آهي آمريڪي ڪانگريس جي رپورٽ تي تبصرو ڪندي ترجمان چيو ته ان رپورٽ جي پڇاڙي تي پاڪستان جي زبردست ڪاميابي جو حوالو ڏنو ويو آهي جيڪو رپورٽ جو "ڪافي معنيٰ خيز" نتيجو آهي ان کان اڳ پرڏيهي آفيس جي ترجمان طاهر اندرابي ميڊيا کي هفتي دوران سفارتي مصروفيتن کان آگاهه ڪيو جن ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار جي روس جي دوري کي اجاگر ڪيو جتي هن ايس سي او ڪائونسل آف هيڊز آف گورنمينٽ اجلاس ۾ شرڪت ڪئي ۽ برسلز ۾ پاڪستان – يورپي يونين اسٽريٽجڪ ڊائيلاگ جي ستين اجلاس جي گڏيل صدارت جي لاءِ شرڪت ڪئي ۽ چوٿين يورپي يونين انڊو – پيسفڪ وزارتي فورم ۾ شرڪت ڪئي جتي هن مختلف ملڪن جي هم منصبن ۽ سربراهن سان پڻ ملاقاتون ڪيون هن چيو ته پاڪستان ۽ هنگري هنگريڪم وظيفا پروگرام 2028 – 2026 ع جي فريم ورڪ تحت تعاون جي مفاهمت جي تجديد تي پڻ صحيحيون ڪيون آهن جنهن تحت پاڪستان جي شهرين کي هنگري ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ 400 اسڪالرشپس ڏنيون وينديون. طاهر اندرابي چيو ته پاڪستان اسرائيلي قابض فوج ۽ انتهاپسند آبادڪارن پاران والاريل اولهندي ڪناري ۾ فلسطينين جي خلاف انساني حقن جي مسلسل خلاف ورزين جي شديد مذمت ڪئي آهي جنهن ۾ مسجد اقصيٰ تي بار بار قبضو ڪرڻ ۽ نمازين جي خلاف اشتعال انگيزي شامل آهي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو ته اهڙي طرح جا قدم عالمي قانون ۽ گڏيل قومن جي لاڳاپيل قراردادن جي واضح خلاف ورزي آهن ترجمان ان ڳالهه تي زور ڏنو ته مقدس جاين جي تقدس کي عالمي قانون ۽ تاريخي حيثيت موجب يقيني بڻايو وڃي هن چيو ته پاڪستان عالمي برادري کان مقدس جاين جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ، آبادڪارن جي وڌيڪ تشدد ۽ دراندازين کي روڪڻ سميت گڏيل قومن جي لاڳاپيل قراردادن کي برقرار رکڻ جي لاءِ فوري موثر قدم کڻڻ جو مطالبو ڪري ٿو پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو ته اسان ٻه رياستي حل تي ٻڌل منصفاڻي، جامع ۽ پائيدار امن جي حمايت ۾ ان جي اصولي موقف جو ورجاءُ ڪريون ٿا جنهن جي نتيجي ۾ هڪ آزاد، خودمختيار، قابل عمل ۽ لڳوليڳ فلسطين جي رياست قائم ڪئي وڃي جيڪا جون 1967ع کان اڳ جي سرحدن تي ٻڌل هجي ۽ جنهن جي گادي وارو شهر القدس الشريف هجي طاهر اندرابي ڀارت جي غيرقانوني طور تي قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير ۾ انساني حقن جي مسلسل ۽ سنگين صورتحال تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته وسيع پئماني تي نظربندين گرفتارين ۽ بنيادي آزادين تي وسيع پابندين جون پاليسيون والاريل ڪشمير جي آبادي کي گڏيل سزا ڏيڻ جي برابر آهن هن چيو ته ڪشميري نوجوانن کي انهن جي سڃاڻپ ۽ عقيدي جي بنياد تي پروفائيل ڪرڻ جون خبرون انهن خدشن کي وڌيڪ وڌائي ڇڏين ٿيون ترجمان چيو ته ڀارت والاريل علائقي ۾ آباديات جي ڪردار کي تبديل ڪرڻ ۽ ڪشميري عوام جي مذهبي ثقافتي ۽ سماجي ورثي کي ختم ڪرڻ جون ڪوششون جاري رکيون آهن اهي قدم ڪشميري آبادي جي جائز امنگن کي دٻائڻ جي سوچيل سمجهيل حڪمت عملي جو حصو آهن هن چيو ته هزارين ڪشميري نوجوان گم آهن جڏهن ته ڪشميري عوام جا سياسي نمائندا وڏي انگ ۾ غيرقانوني حراست ۾ آهن اهڙا قدم ڪشميري عوام جي عالمي سطح تي مڃيل خودمختياري جي حق کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ انهن جي پائيدار عزم کي ڪمزور نه ٿا ڪري سگهن ترجمان چيو ته پاڪستان عالمي برادري بشمول گڏيل قومن انساني حقن واري ڪائونسل ۽ گڏيل قومن جي انساني حقن بابت هاءِ ڪمشنر کان مطالبو ڪري ٿو ته اهي والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جي سنگين صورتحال جو نوٽيس وٺن، اهي ادارا ڀارت کي فوري تدارڪ جا قدم کڻڻ جي ترغيب ڏين انساني حقن جي خلاف ورزين تي ڀارت جي جوابدهي کي يقيني بڻائين ۽ انساني حقن جي معتبر عالمي تنظيمن کي آزادانه ۽ غيرجانبدارانه جاچ ڪرڻ جي اجازت ڏين ترجمان چيو ته گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن ۽ ڪشميري عوام جي امنگن موجب جمون ڪشمير تڪرار جو منصفاڻو پرامن ۽ پائيدار حل ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام جي لاءِ ضروري آهي بنگلاديش جي اڳوڻي وزيراعظم جي ڪيس ۾ ٻڌايل سزا تي تبصرو ڪندي ترجمان چيو ته اهو بنگلاديش جو اندروني معاملو آهي بنگلاديش جي عوام پنهنجي مسئلن کي پنهنجي جمهوري ۽ آئيني عمل موجب حل ڪرڻ جي مڪمل صلاحيت رکي ٿي

بقايا 3 وفاقي وزير اطلاعات

ترقي ڪري رهيو آهي حڪومت وقت سر ۽ موثر اطلاع جي لاءِ نشرياتي ادارن کي مضبوط بڻائي رهي آهي نئين نسل خاص طور تي جنريشن زي کي ميڊيا لٽريسي ۽ صحيح معلومات جي تعليم ڏيڻ وقت جي ضرورت آهي ڪالهه جمعي ڏينهن باڪو ۾ ڊي ايٽ ميڊيا فورم کي خطاب ۾ اطلاعات واري وفاقي وزير آذربائيجان جي حڪومت ۽ صدر الهام عليوف جي متحرڪ قيادت ۽ وژن کي ساراهيندي چيو ته اڄ اسان خطي جي تعاون ۽ حصيداري عمل جي ان اهم ميڙ ۾ شريڪ آهيون هن چيو ته آذربائيجان ڊي ايٽ ۾ شامل ٿيڻ کانپوءِ ڀرپور توانائي سان پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته اها وقت جي اهم ضرورت آهي ته اسرندڙ ملڪن جي مثبت بيانيي کي دنيا آڏو پيش ڪيو وڃي ۽ پنهنجون ڪامياب ڪهاڻيون صحيح انداز ۾ دنيا تائين پهچايون وڃن هن زور ڏنو ته عالمي ميڊيا منظرنامو بي مثال تبديلي جي دور مان گذري رهيو آهي ۽ سياسي معاشي ماحولياتي ۽ انساني بحران هاڻي جديد ٽيڪنالاجي ۽ جديد مواصلاتي ذريعن جي ڪري اڳ کان ڪيترائي ڀيرا تيزي سان پکڙجي رهيو آهي هن چيو ته اسان روايتي پرنٽ ميڊيا کي اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ تبديل ٿيندي ڏٺو اهو هڪ مرحليوار ارتقا هئي جيڪا هڪ منظم ۽ ساختياتي عمل تحت وجود ۾ آئي هن چيو ته اليڪٽرانڪ ميڊيا کان ڊيجيٽل ميڊيا تائين ايندڙ ٻي ارتقا پنهنجي ئي ماحول ۾ پنهنجي ئي رفتار سان پاڻ ئي وجود ۾ آئي دنيا هن وقت ٻن قسم جي ڳالهين ۾ ورهائجي چڪي آهي، ڊيجيٽل اميگرنٽس ۽ ڊيجيٽل نيٽوز ۽ اها وچ هڪ خوبصورت حقيقت آهي ڇو ته ڊيجيٽل ميڊيا اڄ تيز ترين مواصلاتي ذريعو بڻجي چڪو آهي هن چيو ته اسان کي هن فورم تي ڊيجيٽل نيٽوز ۽ ڊيجيٽل اميگرنٽس ٻنهي کي گڏ ڪٺي هلڻو پوندو، هي فورم ان جي لاءِ آئيڊيل آهي جتي اسان نه رڳو گڏيل تعاون ڪري سگهون ٿا پر هڪ ضابط اخلاق پڻ جوڙي سگهون ٿا جنهن جي ذريعي اسان نوجوان نسل خاص طور تي جنريشن زي کي سوشل ميڊيا جي مثبت ۽ تعميري استعمال بابت تعليم ڏئي سگهون. اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته پاڪستان ۾ ميڊيا جو منظرنامو انتهائي متحرڪ آهي ملڪ ۾ 117 ملين انٽرنيٽ صارفين ۽ 79.9 ملين سوشل ميڊيا صارفين موجود آهن پاڪستان جي آبادي جو 68 سيڪڙو حصو اهي نوجوان آهن جيڪي 30 سالن کان گهٽ عمر جا آهن ۽ اهو ئي سبب آهي جو پاڪستان جو ميڊيا لينڊ اسڪيپ مثبت انداز ۾ تيزي سان تبديل ٿي رهيو آهي هن چيو ته ڀارت سان تازي ڇڪتاڻ دوران انفارميشن وار به جاري هئي جنهن ۾ جنريشن زي اهم ڪردار ادا ڪيو صحيح معلومات وقت سر دنيا تائين پهچائي اها حصيداري ميڊيا هائوسز ڊيجيٽل پليٽ فارمز ۽ جنريشن زي جي وچ ۾ ڪاميابي سان سرانجام ڏني وئي جنهن جي نتيجي ۾ پاڪستان جي لاءِ موثر ڀرپور بيانيو سامهون آيو هن چيو ته اسان اهو به مشاهدو ڪيو ته غلط معلومات عوامي دائري کي بگاڙي ٿي معاشرتي پولرائيزيشن کي وڌائي ٿي ۽ ادارن تي اعتماد کي ڪمزور ڪري ٿي انهي لاءِ ميڊيا ادارن جي وچ ۾ بهتر هم آهنگي اسان جي ترجيحن ۾ شامل آهي هن چيو ته اسان جو اسٽريٽجڪ ڪميونيڪيشن بحرانن جي دوران رابطاڪاري جو طريقو ڪجهه بنيادي ٿنڀن تي قائم آهي جن ۾ اڳواٽ ۽ وقت سر معلومات جي فراهمي (ته جيئن حڪومتي ادارن جو پيغام وقت سر صحيح ۽ هم آهنگ انداز ۾ عوام تائين پهچي)، قومي ميڊيا پليٽ فارمز جي مضبوطي، سرڪاري نشرياتي ادارن ۽ ڊيجيٽل پليٽ فارمز کي جديد ٽولز ۽ تربيت سان بااختيار بڻائڻ ۽ ميڊيا پروفيشنلز جي صلاحيتن ۾ اضافو (جنهن تحت صحافين کي اهي مهارتون فراهم ڪيون وڃن جيڪي بحرانن جي ذميوارانه ۽ اخلاقي رپورٽنگ جي لاءِ ضروري آهن) شامل آهن هن چيو ته گڏيل فيڪٽ چيڪنگ سڪيرنز غلط معلومات جي خلاف فوس حڪمت عملي ۽ شهرين کي صحيح معلومات جي فراهمي ۽ ميڊيا لٽريسي جي ذريعي شهرين کي ان قابل بڻائڻ ته اهي ڪوڙي معلومات کي موثر طريقي سان سڃاڻي سگهن اهي سمورا قدم پاڪستان جي ان عزم جي عڪاسي ڪن ٿا ته اسان هڪ مضبوط، قابل اعتماد ۽ جمهوري قدرن تي ٻڌل اطلاعاتي ماحول قائم ڪرڻ چاهيون ٿا جيڪو معاشرتي هم آهنگي ۽ قومي استحڪام کي مضبوط بڻائي. هن چيو ته ڊي ايٽ فورم گڏيل قدمن جي لاءِ هڪ غيرمعمولي پليٽ فارم فراهم ڪري ٿو ۽ اسان جا ميمبر ملڪ گڏيل طور تي هم آهنگ حڪمت عملين ۽ گڏيل قدمن سان بي پناهه فائدو کڻي سگهن ٿا. وفاقي وزير چيو ته آذربائيجان جي حڪومت پاران ميڊيا ايڪسيلينس سينٽر قائم ڪرڻ جو قدم ساراهه جوڳو آهي ۽ اسان ان قدم ۾ مڪمل تعاون ڪنداسين هن چيو ته اسان جي تجويز آهي ته ميڊيا جي وزارتن ۽ ميڊيا پروفيشنلز تي ٻڌل هڪ گڏيل ورڪنگ گروپ قائم ڪيو وڃي جيڪو باقاعدگي سان ورچوئل ويبو ڪانفرنسز ۽ ميٽنگز جي ذريعي رابطي ۾ رهي جنهن سان اسان کي هڪ ٻئي جا تجربا لاڳيتو شيئر ڪرڻ ۾ مدد ملندي هن چيو ته ڪرائسس رپورٽنگ، ڊيجيٽل فورينزڪس ۽ گمراهه ڪندڙ معلومات جي تدارڪ بابت گڏيل تربيتي پروگرام ۽ ورڪشاپس منعقد ڪرڻ پڻ ضروري آهي هن تجويز ڏني ته ميڊيا تعاون جي لاءِ باڪو پڌرنامو جاري ڪيو وڃي جيڪو مستقبل جي روڊ ميپ جو تعين ڪري ۽ ان تي سمورن ميمبر ملڪن جو اتفاق هجي هن چيو ته تجويز ڪيل باڪو ڊيڪلريشن ڊي ايٽ ملڪن جي ميڊيا پروفيشنلز ۽ ميڊيا وزارتن جي لاءِ اڳتي وڌڻ جو رستو مقرر ڪري سگهي ٿو ۽ وفاقي وزير اها به تجويز ڏني ته ڊي ايٽ ميڊيا فورم جا سوشل ميڊيا هينڊلز قائم ڪيا وڃن جن جي ذريعي ميمبر ملڪ اقتصادي ترقي، عوامي ڀلائي ۽ اسلامي دنيا بابت مثبت بيانيو پيش ڪري سگهن. هن چيو ته اهو پليٽ فارم اسلامو فوبيا ۽ دهشتگردي جي خلاف موثر ردعمل سان گڏ ترقي ۽ خوشحالي جي گڏيل بيانيي کي فروغ ڏيندو ۽ اسان وٽ ڪيترين ئي مثبت ڪهاڻيون موجود آهن جيڪي دنيا تائين پهچائي سگهجن ٿيون اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جو ايف بي آر ۾ سڌارن جو قدم دنيا جي لاءِ قابل تقليد آهي سڌاراجاتي عمل سان نه رڳو اسان جي آمدني ۾ اضافو ٿيو پر ادارن تي عوام جو اعتماد به بحال ٿيو آهي هن چيو ته اسان وٽ سڌارن، اداراجاتي بهتري ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال جهڙا تجربا موجود آهن جن کي ڊي ايٽ جو گڏيل سوشل ميڊيا پليٽ فارم موثر انداز ۾ دنيا تائين پهچائي سگهي ٿو اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته آن لائين انتهاپسندي ۽ نفرت انگيز مواد خطي ۾ معاشرتي هم آهنگي جي لاءِ وڏو خطرو آهي ان جي خلاف حصيداري وقت جي اهم ضرورت آهي هن چيو ته اسان گڏيل عوامي سفارتڪاري جي مهم پڻ شروع ڪري سگهون ٿا جنهن سان ڊي ايٽ ملڪن جي گڏيل بيانيي امن اقتصادي ترقي ۽ ثقافتي ورثي کي اجاگر ڪري سگهجي اطلاعات واري وفاقي وزير سيڪريٽري جنرل کي سندس ڪامياب مدي، ڊي ايٽ ملڪن جي لاءِ خدمتن ۽ گذريل سال قاهره ۾ ڊي ايٽ سمٽ جي ڪامياب انعقاد تي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ ان جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو هن چيو ته هاڻي پاڪستان 2026ع ۾ سيڪريٽري جنرل جو عهدو سنڀاليندو اسان کي موجوده سيڪريٽري جنرل جي تجربن مان تمام گهڻو سکڻ جو موقعو مليو آهي هن ٽيڪنالاجي جي استعمال ۽ مصنوعي ذهانت جي ضابطه اخلاق تي اتفاق جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو ته ڪجهه پليٽ فارمز تي مصنوعي ذهانت سان تيار ڪيل وڊيو موجود هوندي آهن ان تي مخصوص نشان هوندو آهي ته هي اي آءِ سان تيار ڪئي وئي آهي، اسان کي به اهڙي طرح جي نشاندهي جي ضرورت آهي ته جيئن صارفين اصل ۽ مصنوعي وڊيوز ۾ فرق ڪري سگهن هن چيو ته اهي قدم غلط معلومات ۽ گمراهه ڪندڙ مهم جو مقابلو ڪرڻ ۾ اسان جي مدد ڪندا. وفاقي وزير چيو ته مختلف سوشل ميڊيا پليٽ فارمز تي فيڪٽ چيڪنگ جو نظام موجود آهي اسان اڪثر انهن وسيلي ئي صحيح معلومات جي تصديق ڪندا آهيون ۽ ڪوڙين خبرن جي نشاندهي ڪريون ٿا اڄ دنيا کي درپيش وڏي چيلينجز مان هڪ غلط معلومات ۽ گمراهه ڪندڙ مواد آهي. ورلڊ اڪنامڪ فورم موجب عالمي اڳواڻن ان کي موجوده دور جو سڀ کان وڏو چيلينج قرار ڏنو عالمي اڳواڻن ايٽمي جنگ يا موسمياتي تبديلي کي نه پر غلط معلومات کي سڀ کان وڏو خطرو قرار ڏنو جيڪو انتشار ۽ تباهي جو سبب بڻجي سگهي ٿي هن چيو ته بهتر تعاون ۽ ڊي ايٽ ميڊيا فورم جهڙن قدمن سان اسان رابطن کي مضبوط ڪري سگهون ٿا ۽ ميڊيا نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهون ٿا، اسٽريٽجڪ ڪميونيڪيشن رڳو حڪومتن جي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جو نالو نه آهي پر اهو معاشري ۾ بحران جي مقابلي ۽ گڏيل ردعمل جو پڻ ذريعو آهي وفاقي وزير چيو ته ذميوارانه صحافت، اخلاقيات تي ٻڌل رپورٽنگ ۽ صحيح معلومات جي فراهمي جي لاءِ اسان کي گڏجي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي هن چيو ته مضبوط رابطن جي لاءِ پاڪستان سمورن ڊي ايٽ ملڪن سان تعاون وڌائڻ جي لاءِ تيار آهي ته جيئن اهڙو فريم ورڪ جوڙي سگهجي جيڪو امن اعتماد ۽ بحران کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت کي بهتر بڻائي، اسان کي گڏجي اهڙو معلومات ماحول قائم ڪرڻو آهي جتي سچ ڪوڙ تي غالب اچي تعاون ورڇ کي شڪست ڏئي ۽ رابطا ڪمزوري بدران طاقت جو ذريعو بڻجن وفاقي وزير آذربائيجان جي حڪومت، صدر الهام عليوف، آذربائيجان پريزيڊنشل ايڊمنسٽريشن ۽ پرڏيهي معاملن جي سربراهه حڪمت حاجيوف ۽ ڊي ايٽ سيڪريٽريٽ جا ٿورا مڃيندي چيو ته ڊي ايٽ ميڊيا فورم جي ذريعي ميمبر ملڪن جي وچ ۾ ميڊيا تعاون کي فروغ ملي ٿو اهڙو نظام جوڙڻ جي لاءِ پراميد آهيون جنهن سان ايندڙ نسل فائدو کڻن ۽ ساڳئي کي ڏهاڪن کانپوءِ به اهڙين شروعات طور ياد ڪن جنهن ڊي ايٽ ملڪن جي عوام جي لاءِ امن ۽ خوشحالي جو بنياد رکيو هجي

بقايا 4 وزيراعظم

جي بهترين جائزي اجلاس ۾ ڪيو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب اجلاس ۾ وفاقي وزيرن احسن اقبال، جام ڪمال خان، احد خان چيمه، علي پرويز ملڪ، وزيراعظم جي صلاحڪار محمد علي، مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني، خاص معاون هارون اختر ۽ ثاقب شيرازي جي قيادت ۾ صنعتي ورڪنگ گروپ ۾ شامل صنعتڪارن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ صنعتي ترقي جي حوالي سان سفارشون پيش ڪيون ويون جن کي وزيراعظم ساراهيندي چيو ته ملڪي معاشي ترقي، روزگار جي فراهمي ۽ آمدني ۾ اضافو صنعتي ترقي کانسواءِ ممڪن نه آهي ڪاروبار ۾ آساني ۽ سيڙپڪاري ۾ اضافي جي لاءِ قدم حڪومت جي اولين ترجيح آهن ملڪي صنعتي ترقي جي لاءِ نجي شعبي جون تجويزون اهميت رکندڙ آهن وزيراعظم ڪاروباري برادري پاران صنعتي ترقي جي لاءِ تيزي سان تيار ڪيل تجويزن کي ساراهه جوڳو قرار ڏيندي چيو ته انهن تجويزن جو غور سان جائزو وٺي ڪانپوءِ عملدرآمد جي لاءِ حڪمت عملي تيار ڪئي ويندي وزيراعظم چيو ته پاڪستاني ڪاروباري برادري مشڪل وقت ۾ حڪومتي پاليسين جو ساٿ ڏنو ۽ ملڪ کي معاشي بحرانن مان ڪڍڻ ۾ مدد ڪئي الله جي فضل ۽ ڪرم سان ملڪ جو معاشي رخ بهتر ۽ ملڪ ترقي طرف گامزن آهي پر ملڪي ترقي جي لاءِ اسان کي وڌيڪ محنت ڪرڻي پوندي اجلاس کي پاڪستان جي صنعتي ترقي ۽ ملڪ ۾ سيڙپڪاري ۾ اضافي جي لاءِ پاليسي تجويزون پيش ڪيون ويون اجلاس ۾ ملڪي صنعتي جي چٽاڀيٽي ۾ اضافي جي لاءِ خطي جي ملڪن سان ڀيٽ پڻ پيش ڪئي وئي وزيراعظم انهن تجويزن کي ساراهيندي معيشت جي ٻين شعبن جي حوالي سان سفارشن سان تجويزن کي گڏائي قومي پاليسي فريم ورڪ ۾ شامل ڪرڻ ۽ لاڳاپيل عملدارن کي ان تي عملدرآمد جي لاءِ تفصيلي جائزي جي هدايت ڪئي

بقايا 5 سرڪاري دورو

پروگرامن جي حوالي سان تفصيلي بريفنگ ڏني وئي امارات نيوز ايجنسي وام موجب جنرل وومين يونين جي سيڪريٽري جنرل نورا خليفہ السويدي خاتون اول آصفہ ڀٽو زرداري جي آجيان ڪئي ۽ گڏيل عرب امارات ۽ پاڪستان جي مضبوط ٻطرفي لاڳاپن سان گڏوگڏ ٻنهي ملڪن جي ترقي ۾ عورتن جي ڪردار کي اجاگر ڪيو جنرل وومين يونين پاران آصفہ ڀٽو زرداري کي انهن نمايان پروگرامز بابت آگاهه ڪيو ويو جيڪي قوم جي ماءُ جنرل وومين يونين جي چيئرپرسن، مدر اينڊ چائلڊ هُڊ جي سپريم ڪائونسل جي صدر ۽ فيملي ڊيولپمينٽ فائونڊيشن جي سپريم چيئرپرسن شيخہ فاطمہ بنت مبارڪ جي هدايتن تحت هلايا پيا وڃن خاتون اول آصفہ ڀٽو زرداري شيخہ فاطمہ بنت مبارڪ وومين، پيس اينڊ سيڪيورٽي انيشي ايٽو جو جائزو ورتو اهو منصوبو جنرل وومين يونين دفاع واري وزارت ۽ يو اين وومين جي حصيداري سان قائم ڪيو هو ڪيس ٻڌايو ويو ته 2019ع کان هيستائين 25 ملڪن جي 700 کان وڌيڪ عورتن کي خولہ بنت الازور ملٽري اسڪول ۾ تربيت ڏني وئي آهي ان کن مهينن جي پروگرام ۾ امن مشنن اندروني سلامتي هٿيار هلائڻ جي تربيت، فيلڊ اسڪلز ڪميونيڪيشن ليڊرشپ، ڪيميڪل ڊفينس شهري جنگي مهارتن، انجنيئرنگ، جيو جتسو فٽنس ۽ جنگي شروعاتي امداد جهڙا اهم موضوع شامل آهن. آصفہ ڀٽو زرداري الجوهره هال جو پڻ دورو ڪيو جتي شيخہ فاطمہ بنت مبارڪ کي مليل عالمي اعزاز نمائش جي لاءِ رکيا ويا آهن

بقايا 6 ناصر شاهه

ٿي ويندو هن چيو ته ايم ڪيو ايم جو ڪم رڳو شوشا ڇڏڻ آهي اهو ڪم اهي هميشه ڪندا رهن ٿا. اهي ڳالهيون هن سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ بورڊ (ڪلڪ) جي آفيس ۾ پريس ڪانفرنس دوران ڪيون ناصر شاهه چيو ته اسان ايم ڪيو ايم جماعت اسلامي، پي ٽي آءِ سميت ڪراچي جي سمورن اسٽيڪ هولڊرز کي دعوت ڏني آهي ته ريهو ۽ گڏجي ڪراچي جي بهتري لاءِ ڪم ڪريو ايم ڪيو ايم وارن کي معلوم آهي ته ڪراچي مان انهن جي سياست ختم ٿي چڪي آهي، تنهن ڪري اهي بار بار صوبي جو شوشو ڇڏيندا رهن ٿا. هن چيو ته ڪراچي ۾ گهرن مان ڪچرو کڻڻ هڪ لڳاتار عمل هلڻ گهرجي، ڪجهه هنڌن تان شڪايتون به ملن ٿيون سنڌ ۾ ڊويزنل بورڊز کي هڪتو ڪيو پيو وڃي

بقايا 7 ڳڻتي جو اظهار

اظهار ڪندي اسرائيلي فوج کان شام جي خودمختياري ۽ علائقائي سلامتي جو احترام ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي پرڏيهي خابرو اداري مطابق فرانس جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان پاسڪل ڪونفاور چيو آهي ته سندس ملڪ اسرائيلي فوج کي گولان جي جبلن تان پوئتي هٽڻ ۽ شام جي علائقائي سلامتي جي احترام جو مطالبو ڪيو آهي هن ڏکڻ لبنان تي اسرائيلي حملن جي شدت تي پنهنجي ملڪ جي ڳڻتي جو به اظهار ڪيو ترجمان چيو ته اسان کي ڏکڻ لبنان ۾ اسرائيلي حملن جي شدت تي ڳڻتي آهي ۽ اسان اسرائيلي حملن تي پنهنجي ملڪ جي ڳڻتي جو به اظهار ڪيو آهي. ترجمان چيو ته اسان کي ڏکڻ لبنان ۾ اسرائيلي حملن جي شدت تي ڳڻتي آهي ۽ اسان اسرائيلي حملن جي مذمت ڪيون ٿا جن ۾ عام شهري ماريا ويندا آهن پاسڪل ڪونفاور وڌيڪ زور ڀريو ته 27 نومبر 2014 ع تي ٿيل ڦيل جنگ بندي معاهدي جي حمايت ۾ فرانس جو موقف واضح آهي ۽ ان جي احترام جي ضرورت آهي

بقايا 8 آغاز

بلديات سيد ناصر حسين شاهه جي هدايت تي ايس بي سي اي جي سخت ڪارروائي ڪندي شهر ۾ غير قانوني تعميرات ۾ ملوث آفيسرن خلاف اعليٰ سطحي جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (ايس بي سي اي) جي ڊائريڪٽر جنرل مزمل حسين هاليپوٽو شهر ۾ تيزي سان وڌندڙ غير قانوني تعميرات جو سخت نوٽيس ورتو آهي ۽ اعليٰ سطحي جاچ جو حڪم ڏنو آهي ڊائريڪٽر ويجيلنس جي رپورٽ ملڻ کان بعد، ڊائريڪٽر جنرل فوري ڪارروائي ڪئي ۽ ايڊيشنل ڊائريڪٽر جنرل (آپريشنز) کي انڪوائري آفيسر طور نامزد ڪيو هڪ سرڪاري خط موجب، ڊائريڪٽر جنرل واضح هدايتون جاري ڪيون آهن ته غير قانوني تعميرات ۾ ملوث عنصرن جي سڃاڻپ لاءِ هڪ شفاف، گڏيل ۽ فوري جاچ مڪمل ڪئي وڃي خط ۾ چيو ويو آهي ته ڊائريڪٽر ويجيلنس پاران فراهم ڪيل تفصيل انڪوائري سان ڳنڍيل آهن جنهن جي روشني ۾ معاملي جي سمورين پرتن کي کولڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي وڌيڪ، لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته معاملي کي تمام سنجيدگي سان وٺن ۽ فوري قدم کڻن ۽ جلد کان جلد انڪوائري رپورٽ جمع ڪرائين ته جيئن ذميوارن خلاف سخت ڪاٽيوار ڪارروائي ڪري سگهجي ڊائريڪٽر جنرل مزمل حسين هاليپوٽو موقعي تي واضح ڪيو ته ايس بي سي اي جي پاليسي غير قانوني تعميرات جي معاملي ۾ زيرو ٽالرنس آهي ۽ ان سلسلي ۾ ڪا به رعايت يا دير برداشت نه ڪئي ويندي

بقايا 9 شاهينہ شير

منعقد ڪئي وئي ان موقعي تي صوبائي وزير شاهينہ شير علي چيو ته ايجوڪيشن پروگرام هڪ بهتري قدم آهي جنهن تحت هر عمر جون عورتون پنهنجي تعليم ۽ مهارت کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهن ٿيون هن چيو ته وومين ڊوليپمينٽ ڊپارٽمينٽ پاران اي ڪميليڪس پروجيڪٽ شروع ڪيو پيو وڃي جنهن تحت عورتن کي گهر ويٺي مارڪيٽ تائين رسائي لاءِ خصوصي تربيت ڏني ويندي ۽ ان منصوبي جي ذريعي تربيت يافتہ عورتون پنهنجي تيار ڪيل مصنوعات سڌو سنئون وڪرو ڪري سگهنديون بلڪہ بين الاقوامي مارڪيٽن تائين سندن رسائي به ممڪن ٿي سگهندي تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي وزير(آيس پي آر) جي ڪردار ۽ عورتن جي ترقي واري کاتي جي ٽيم جي ڪاوشن کي ساراهيو

بقايا 10 منظوري

پريس ڪلب جي 639 ميمبرن لاءِ پلاٽن جي منظوري ڏئي ڇڏي، پريس ڪلب جي صدر فاضل جميلي سيڪريٽري سهيل افضل خان ۽ گورننگ باڊي جي ميمبر پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو ۽ وڏي وزير جو شڪريو ادا ڪيو سنڌ ڪابينا پاران ڪراچي پريس ڪلب جي 639 ميمبرن لاءِ پلاٽن جي منظوري ۽ ايم ڊي اي ۾ ڊريپش 80/20 جو مسئلو حل ڪرڻ جي فيصلي تي ڪراچي پريس ڪلب جي صدر فاضل جميلي سيڪريٽري سهيل افضل خان ۽ گورننگ باڊي جي ميمبرن پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو خصوصي شڪريو ادا ڪندي چيو آهي ته ان جي دلچسپي ۽ رهنمائي بنا اها اڀرائي ممڪن نه هئي

بقايا 11 هڪ زخمي

کي زور دار ٽڪر لڳايو جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل تي سوار عورت پل تان هيٺ ڪري پئي ۽ موقعي تي فوت ٿي وئي، جڏهن ته ان سان گڏ موجود نوجوان سخت زخمي ٿي پيو فوت ٿيل عورت جي سڃاڻپ 30 سالن جي طوبيٰ جي نالي سان ڪئي وئي آهي، جڏهن ته زخمي شخص جي سڃاڻپ شعيب پٽ عبدالمجيد جي نالي سان ڪئي وئي آهي زخمين کي فوري طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ۽ پوليس واقعي جي جاچ ڪري رهي آهي. نارٿ ناظم آباد بلاڪ ايف ڪوثر نيازي ڪالوني جي ويجهو حادثي ۾ 65 سالن عورت سڪينا زال لڪمير فوت ٿي وئي آهي. نيو ڪراچي جي علائقي ايوب ڳوٺ چوڪ جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار 50 سالن جو رفيق ولد عمر فوت ٿي ويو

بقايا 12 آءِ جي سنڌ

ميڊيا سان ڳالهائيندي آءِ جي سنڌ چيو ته هي سنڌ جي پهرين ضلعي ڊرائيونگ لائسنس برانچ آهي جنهن مان نه رڳو بدين ضلعي جا شهري پر ويجهن ضلعن جا شهري به فائدو حاصل ڪندا. غلام نبي ميمڻ ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي ڪارڪردگي جي تعريف ڪندي چيو ته بدين ضلعي ۾ منشيات خلاف بهترين قدم کنيا ويا آهن ۽ اميد آهي ته مستقبل ۾ ان حوالي سان ڪارروائيون وڌيڪ تيز ڪيون وينديون هن چيو ته بدين ۾ منشيات استعمال ڪندڙن جي علاج لاءِ بحالي مرڪز پڻ قائم ڪيا ويندا ته جيئن اهي پنهنجي منشيات جي لت کان نجات حاصل ڪري سگهن

بقايا 13 گرفتار

منشيات اسمگلنگ خلاف 7 آپريشن، نائجيرين سميت چار ڄڻا گرفتار ڪروڙين رپين جي منشيات برآمد. اين ايف موجب ڪارروايون دوران مجموعي طور 417 ڪلوگرام کان وڌيڪ منشيات هٿ آئي جنهن جي مارڪيٽ ويليو 37 ڪروڙ 50 لک رپين کان وڌيڪ آهي ڪراچي ۾ ڪوريئر آفيس مان برطانيه موڪليل پارسل مان ليڊيز پرس ۾ لڪائي ويل 93 گرام هيروئن برآمد ڪئي وئي جڏهن ته ٻي ڪارروايي ۾ موٽرسائيڪل سوار کان 3 لک 48 هزار ڊائزيپام گوريون جن جو وزن 106.8 ڪلوگرام آهي

بقايا 14 انگ 43 ٿي ويو

خابرو اداري مطابق ويتنام جي مرڪزي علائقن ۾ تيز برسات سبب شديد ٻوڏ جون تباهيون جاري آهن ۽ فوتين جو انگ وڌي 43 ٿي ويو آهي جڏهن ته 9 ماڻهو اڃان تائين لاپتا آهن اها معلومات ويتنام ڊزاسٽر اينڊ ڊائيڪ مينيجمينٽ اٿارٽي جمعي ڏينهن جاري ڪئي آهي اٿارٽي مطابق ٻوڏ جي وهڪرن سبب 67 هزار 700 کان وڌيڪ گهر پاڻي هيٺ اچي ويا آهن جڏهن ته 168 گهرن کي شديد نقصان پهتو آهي ان کان علاوه 13 هزار ايڪڙ کان وڌيڪ سارين ۽ ٻيا فصل تباهه ٿي ويا آهن ۽ 88 ايڪڙ فشريز فارم پاڻي هيٺ اچي ويا آهن رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ٻوڏ سبب 30 هزار 700 کان وڌيڪ چوپايو مال ۽ پولٽري لڙهي وئي آهي جنهن بعد معاشي نقصان جو شروعاتي ڪاٿو 3 ڪرب ويتنامي ڊونگ (اٽڪل 12 ڪروڙ آمريڪي ڊالر) لڳايو ويو آهي اختيارين مطابق ريسڪيو ٽيمون متاثر علائقن ۾ امدادي سرگرميون جاري رکيون آهن پر مسلسل برساتن بحالي جي ڪم ۾ رڪاوٽ بڻجي رهيون آهن

بقايا 15 سُڪديو هيمناڻي

امن بحال ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي ۽ اهم ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن هڪ جاري بيان ۾، سنڌ حڪومت جي ترجمان سُڪديو هيمناڻي چيو ته سنڌ جي وڏي وزير جي هدايتن تي اسٽريٽجڪ طور تي اهم ڪنڌڪوٽ-گهوڙگهاٽ پل تي 100 اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ (ايس ايس يو) ڪمانڊوز جي تعيناتي سيڪيورٽي کي وڌيڪ مضبوط ڪيو آهي

بقايا 16 سعديہ جاويد

آهي ته ڪراچي ۾ مستقل امن جو سهرو پاڪستان پيپلز پارٽي کي وڃي ٿو ڇو ته پيپلز پارٽي جي قيادت شهر ۾ استحڪام ۽ امن لاءِ عملي قدم کنيا آهن سعديہ جاويد چيو ته ڪراچي واسي پريشان نه ٿين سنڌ حڪومت شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ مڪمل طور سرگرم آهي ۽ پنهنجي آئيني ذميواري ڀرپور نموني نڀائي رهي آهي ترجمان وڌيڪ چيو ته ڏوهن ۽ بدامني جي شڪايتن تي سنڌ پوليس فوري ڪارروائي ڪري رهي آهي ۽ جلد ئي ذميوار جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ملڪ جي ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۾ بهترين بلدياتي نظام نافذ ڪيو آهي جتي بلدياتي نمائندا هر وقت ميدان ۾ موجود آهن ۽ عوام سان سڌي نموني رابطي ۾ آهن سعديہ جاويد چيو ته سياسي جماعتن کي گهرجي ته الزامن بدران عوامي مفاد ۾ حڪومت جو ساٿ ڏين جيئن شهر ۽ صوبو وڌيڪ ترقي ڪري سگهي

بقايا 17 ٿيسز مڪمل

پي ايڇ ڊي ڪئي آهي هن هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي گائيڊلائين تحت سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي مان پي ايڇ ڊي مڪمل ڪئي آسيه ثمرين سنڌ مدرسة يونيورسٽي جي سينيٽ هال ۾ پنهنجي ٿيسز "انٽيليجنٽ پريزنٽيشن اسڪيم ته جيئن ڪيسجوئل ڊيٽا جو استعمال ڪندي انساني روپي جي نشاندهي ڪري سگهجي" جي عنوان تي فائنل ڊفينس پريزنٽيشن ڏني

بقايا 18 وفد جي ملاقات

(PIDCL) جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر وسيم حيات باجوه جي سربراهي ۾ هڪ اعليٰ سطحي وفد بلديہ عظميٰ ڪراچي جي هيڊ آفيس ۾ اهم ملاقات ڪئي، وفد ۾ وفاقي حڪومت جي صوبو سنڌ لاءِ ترجمان راجا خليق زمان ۽ چيف انجنيئر شفيع چاچڙ پڻ شامل هئا. ان موقعي تي ميونسپل ڪمشنر ايس ايم افضل زيدي، فنانشل ايڊوائزر ڪي ايم سي گلزار ابڙو ۽ ڊائريڪٽر ميڊيا ڪي ايم سي دانيال سيال پڻ اجلاس ۾ موجود هئا. وفد ميئر ڪراچي بئرسٽر مرتضيٰ وهاب کي يقين ڏيارايو ته بلديہ عظميٰ ڪراچي کي درپيش سيني فني مسئلن، تخنيقي رڪاوٽن ۽ انفراسٽرڪچر سان لاڳاپيل شڪايتن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو ويندو ۽ هن سلسلي ۾ هر ممڪن سهڪار فراهم ڪيو ويندو

بقايا 19 گورنر سنڌ

ٽيليويزن تعليم تفريح ۽ عالمي شعور جي واڌاري لاءِ هڪ تمام مؤثر ذريعو آهي هن چيو ته هن پليٽ فارم ذريعي پاڪستان جي پليٽ فارس ثقافت ۽ مثبت پهلوئن کي دنيا جي سامهون اجاگر ڪري سگهجي ٿو گورنر سنڌ زور ڏنو ته ميڊيا کي عالمي سطح تي پاڪستان جي امن پسند سڃاڻپ کي اجاگر ڪرڻ گهرجي ۽ فلسطين ڪشمير ۽ موسمياتي تبديلي جهڙن اهم عالمي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

بقايا 20 اعلان

ٿيو جنهن ۾ فيصلو ڪيو ويو ته 30 نومبر تي پيپلز پارٽي جو 58هون يوم تاسيس ڪورنگي اداڻي نمبر تي ملهايو ويندو اجلاس ۾ پيپلز پارٽي ملير جي جنرل سيڪريٽري امداد جوکيو سينيئر نائب صدر عديل اختر شيخ اطلاعات سيڪريٽري شاهجهان خان ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد، ايم اين اي آغا رفيع الله، وزيراعليٰ جي معاون خصوصي محمد سليم بلوچ، ايم پي ايز محمود عالم جاموٽ سميت ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي ضلعي صدر ايم پي اي راجا عبدالرزاق بلوچ چيو ته پيپلز پارٽي جو يوم تاسيس وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهائبو جنهن ۾ سڀئي ڪارڪن ڀرپور شرڪت ڪندا. هن هدايت ڪئي ته ملير جي ٽنهي ٽائونز جي چيئرمين، عهديدارن، ڪارڪنن ۽ بلدياتي نمائندن کي گهرجي ته ملير جي سڀني علائقن ۽ اهم شاهراهن تي يوم تاسيس جي حوالي سان بينا فليڪس ۽ اشتهاري مهم شروع ڪن. راجا رزاق بلوچ چيو ته پيپلز پارٽي جي يوم تاسيس جي موقعي تي ڪراچي جي هر گهٽي ۽ شهر ۾ "جيئي ڀٽو" جو نعرو بلند ٿيندو.

بقايا 21 ڪيس جي ٻڌڻي

10 کان وڌيڪ گهر ٿيل ماڻهن جي ڪيسن جي ٻڌڻي ٿي. عدالت کي ٻڌايو ويو ته مختلف علائقن مان چئن شهري بازياب ٿي اچي ويا آهن. بازياب ٿيندڙن ۾ ڪامران خان،شاهه زيب،محمد عالم شير ۽ فيصل اخلاق شامل آهن. ڪامران ۽ شاهزيب کي گاڏن مان بلوچستان منتقل ڪيو ويو هو. ٻنهي جي بازيابي جي لاءِ ڍارب پنگ گهري رهيا هئا. جسٽس يوسف علي سعيد چيو ته جا رقم ڏيڻ کان پوءِ واپس آيا آهن. درخواستگذار جي وڪيل چيو ته سنڌ ۽ بلوچستان جي پوليس ملي ڪري اغوا ڪيو هو. گم ٿيل شهرين جو پتو ملي ويو ته مجبور ٿي ڇاپ جي ويجهو ڇڏي ويا. اسپيشل برانچ جو هڪ اهلڪار گرفتار ٿيو آهي. جڏهن ته شير عالم ۽ فيصل کي گلشن اقبال مان حراست ۾ ورتو ويو. ڏينهن کان پوءِ سپرهاءِوي تي ڇڏي ويا. گم ٿيل ٻٽي ويا هئا

بقايا 22 اعلان

ملڪن جي مجموعي آبادي کان وڌيڪ آهي. هن چيو ته انهيءَ صورتحال کي نظر ۾ رکندي سنڌ حڪومت ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (SEF) ADLP جو فيز II شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ته جيئن ٽيڪنالاجي جي مدد سان محروم ۽ آئوٽ آف اسڪول ٻارن تائين معياري تعليم پهچائي سگهجي. پروگرام جو پائلٽ فيز جون 2023 ۾ سچي دنيا جي سيڪارينڊڙ اداري (TTWF) جي سهڪار سان شروع ڪيو ويو جنهن جي شاندار ڪارڪردگي سبب هاڻي ان کي وڌايو پيو وڃي. وڏي وزير ٻڌايو ته پاڪستان جي ڊي جي ۽ شرح خواندگي جي لحاظ کان ڏکڻ ايشيا ۾ چوٿين نمبر تي آهي جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته تعليم ۾ جدت ۽ نون حلن جي سخت ضرورت آهي. ADLP جديد ڊجيٽل لرننگ ماڊل، اي ڊي ايل پي جنهن کي سنڌ حڪومت آگسٽ 2023 ۾ منظور ڪيو هڪ جديد پروگرام آهي جيڪو آئوٽ آف اسڪول ۽ ڏورانهن علائقن جي ٻارن لاءِ ڊجيٽل ٽيڪنالاجي ذريعي تعليمي سهولتون فراهم ڪري ٿو

بقايا 23 ملاقات

ليفينگ لي ڪري رهيا هئا ته جيئن صوبي ۾ اهم زرعي ۽ آبهوا لچڪ (climate-resilience) وارن قدمن تي ٿيندڙ ترقي جو جائزو وٺي سگهجي هي ملاقات جيڪا وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿي ان ۾ پلاننگ اينڊ ڊوليپمينٽ (P&D) جو وزير ۽ آبپاشي جام خان شورو چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه چيئرمين P&D نجم شاهه وڏي وزير جو سيڪريٽري رحيم شيخ سيڪريٽري ايگريڪلچر زمان ناريجو سيڪريٽري آبپاشي ظريف کهيڙو ۽ ٻيا شامل هئا FAO جي عملدارن ۾ ايشيا واٽر آفيسر وليد حسن ابوگيل سينيئر واٽر اينڊ لينڊ آفيسر ڊاڪٽر روبينہ وهاج، FAO پاڪستان اِن-چارج جيمز رابرٽ اوڪوٽ ۽ ڪنٽري پروگرام هيڊ مس آمنہ باجوه شامل هئا بحث ۾ سنڌ اندر خوراڪ جي سلامتي ۽ موافقتي صلاحيت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ جاري منصوبن تي رهيو

بقايا 24 ڳالهيون

گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي ملاقات ڪئي جنهن ۾ خيبرپختونخواهه سان لاڳاپيل معاملن ۽ ملڪ جي مجموعي سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران ڪالهه جمعي ڏينهن جاري بيان موجب ملاقات ۾ ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۽ سرحدي معاملن وارو وفاقي انجنيئر امير مقام ۽ پبلڪ افيئرز يونٽ وارو وفاقي وزير راڻا مبشر اقبال پڻ موجود هئا

بقايا 25 18لاپتا

ماڻهو فوت ٿي ويا جڏهن ته 18 اڃان تائين گم آهن پرڏيهي ميڊيا موجب ضلعي پاندا نارومر جي ڳوٺ پاندا نارومر ۾ طوفاني برسات ۽ لينڊ سلائيڊنگ سبب 10 ماڻهو فوت ٿي ويا. حادثي ۾ 48 گهرن مڪمل طور تي تباهه ٿي ويا جڏهن ته 195 کي نقصان پهتو حادثي کانپوءِ 934 رهواسين کي عارضي پناهگاهن ۾ منتقل ڪيو ويو

بقايا 26 شرجيل ميمڻ

ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ کاتي جو سيڪريٽري اسد ضامن ۽ ٽرانس ڪراچي جو سي اي او فواد غفار سومرو به موجود هئا. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ڪراچي آمد تي معزز مهمانن جي آجيان ڪئي ملاقات دوران ايشيائي ترقياتي بينڪ جي وفد کي ريڊ لائن بي آر ٽي جي موجوده مرحلن تعميراتي رفتار ۽ ٽيڪنيڪي معاملن تي تفصيل سان بريفنگ ڏني وئي ان موقعي تي ڳالهائيندي سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪراچي ۾ جاري ٽرانسپورٽ رٿائن خاص طور تي ريڊ لائن بي آر ٽي کي سرڪاري سطح تي معالي رٿا بڻائڻ لاءِ سنڌ سرڪار پوري ڪوشش ڪري رهي آهي

بقايا 27 رپورٽ طلب

جسٽس حسن رضوي ۽ جسٽس ڪي ڪي آغا تي ٻڌل ٻه رڪني بينچ جمعي ڏينهن ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. عدالت رمارڪس ڏنا ته ريلوي زمينن تي قبضي ۽ حد دخلين کي روڪڻ وارو ڪير آهي يا نه؟ ريلوي جي زمين قوم جي امانت آهي پاڪستان ٺهڻ وقت ڪيترين ريلون هلنديون هيون اڄ ريل گاڏين ۽ پٽڙين جو انگ اڌ رهجي ويو آهي. ريلوي جا بهترين ڪلب ۽ اسپتالون ختم ٿي ويون زمينن تي ڪچيون آباديون، انڊسٽري ۽ ڳوٺ بڻجي چڪا آهن عدالت ريلوي جي وڪيل کان پڇاڻو ڪيو ته ريلوي جي زمين کي استعمال ۾ آڻڻ جو ڪو منصوبو موجود آهي يا نه ۽ جيڪڏهن سموري زمين واپس ملي وڃي ته ريلوي ان جو ڇا ڪندي

بقايا 28 ڪارڪن شهيد

پوليس جي ترجمان موجب گذريل ڏينهن بنون جي علائقي هويد ۾ دهشتگردن امن ڪميٽي جي آفيس تي حملو ڪيو جنهن دوران فائرنگ ڪئي وئي جنهن جي نتيجي ۾ 7 ڪارڪن فوت ۽ هڪ زخمي ٿي پيو پوليس موجب حملي جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي

بقايا 29 منظوري

سامان جي وڪري جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي جن جي مجموعي ماليت 9 ڪروڙ 30 لک ڊالرز آهي پرڏيهي ميڊيا موجب آمريڪي دفاعي ساز ۽ سامان جي اها خريداري آمريڪا جي فارن ملٽري سيلز پروگرام تحت ڀارت جي پهرين ڊيل آهي جيڪا هلندڙ سال آگسٽ ۾ ٻنهي ملڪن جي ڇڪتاڻ وارن لاڳاپن کانپوءِ ٿي آهي

بقايا 30 زخمي

ليڪيج سبب ڌماڪي کانپوءِ باهه ڀڙڪي اٿي ڌماڪي سان ڪيميڪل فيڪٽري سميت پروسي جي گهرن جون ڇتيون ڊهي پيون. حادثي ۾ 19 ماڻهو فوت ۽ 7 زخمي ٿي پيا. ريسڪيو عملدارن ٻڌايو ته فيصل آباد ڪنٽرول روم کي صبح 5 لڳي 28 منٽن تي ايمرجنسي ڪال آئي ته ملڪ پور ۾ شهاب ٽائون ڪٻڙي اسٽيڊيم گرائونڊ ويجهو فيڪٽري ۾ گئس ليڪيج سبب ڌماڪو ٿيو آهي جنهن جي نتيجي ۾ گهرن جون ڇتيون ڊهي پيون آهن اطلاع ملندي ئي ريسڪيو 1122، پوليس مقامي انتظاميه جا عملدار واقعي واري هنڌ پهچي ويا. ريسڪيو جي امدادي ٽيمن موقعي تي پهچي امدادي سرگرميون شروع ڪري ڇڏيون ريسڪيو ٽيمن جديد مشينري ۽ اوزارن جي مدد سان تيزي سان ڪارروائي ڪندي 21 متاثرن کي ملبي مان ڪڍيو

بقايا 31 شڪار

ڊسٽو پڻجي ويو آهي. شو ۾ مختلف ملڪن جا جهاز پيش ڪيا ويا. شو ۾ فضائي ڪرتب ڏيکاريندي ڀارت جو جهاز ڪري تباهه ٿي ويو جهاز کي حادثو آخري ڏينهن پيش آيو جنهن بعد فوري طور ريسڪيو آپريشن ڪيو ويو

بقايا 32 منعقد

ڏينهن جي حوالي سان تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ ساموندي پٽي جي ماهيگيرن ۽ سماجي اڳواڻن وڏي انگ شرڪت ڪئي تقريب جي صدارت پاڪستان فشر فوڪ فورم جي چيئرمين سيد مهراڻ علي شاهه ڪئي ويلفيئر فائونڊيشن جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر مصطفيٰ سائمن چيف ڪنسلٽنٽ عاصم شيخ ۽ سماجي اڳواڻ شير علي ڪئي جڏهن ته پي ايف ايف جا چيئرمين عاصم شيخ سينيئر وائيس چيئرپرسن ياسمين شاهه ۽ ٻيا پڻ شريڪ ٿيا، تقريب کي خطاب ڪندي ماهيگير اڳواڻن چيو ته ساموندي حدن جي پچڪري جي نالي تي ماهيگيرن جون گرفتاريون جبري بي دخلي استحصال ۽ روزگار جا محدود موقعا ماهيگير برادري لاءِ ڳڻتي جوڳا مسئلا بڻجي چڪا آهن تقريب دوران مطالبا ڪيا ويا ته بيگناهه پاڪستاني ماهيگيرن جي ڀارتي جيلن مان فوري آزادي لاءِ مؤثر سفارتي قدم کنيا وڃن. فشر وومن لاءِ هيلٿ ڪارڊ جاري ڪيا وڃن

بقايا 33 مبارڪباد پيش

مبارڪباد ڏني ۽ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو تقريب ۾ پاڪستان ۽ انڊونيشيا جي وچ ۾ ڏگهي عرصي کان قائم ۽ مضبوط سفارتي لاڳاپن تي ٻڌل هڪ خاص دستاويزي فلم ڏيکاري وئي، جنهن کي شرڪت ڪندڙ تمام گهڻو ساراهيو

بقايا 34 مبارڪباد

دهشتگردن جو جلدي خاتمو امن جي فتح آهي ۽ هو سيڪيورٽي فورسز جي شاندار ڪاميابين کي سلام پيش ڪن ٿا. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستاني فورسز جون دليري ڀريون ڪارروايون ملڪ ۾ امن جو مضبوط ثبوت آهن

بقايا 35 ڌمڪيون

جي ڌمڪيون ڏنيون ويون تفصيل موجب ڪراچي ۾ ڀتا خوري جا واقعا وڌي رهيا آهن آرام باغ ۽ شاهه لطيف ٽائون ۾ ريسٽورنٽ ۽ ڪيٽرنگ سينٽر مالڪن کي بين الاقوامي نمبرن تان ڀتا خوري جون ڪالون مليون جن ۾ وڏي پئماني تي رقم جو مطالبو ڪيو ويو ۽ انهن کي قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ويون آرام باغ پوليس ٿاڻي ۾ ريسٽورنٽ مالڪ کان 20 لک رپين جي ڀتا خوري جو ڪيس داخل ڪيو ويو. متاثر شهري چيو ته ڪيس هڪ بين الاقوامي نمبر تان ڪال آئي ۽ ڪال ڪندڙ چيو ته "اسان سڀ ڄاڻون ٿا، جيڪڏهن توهان پئسا نه ڏنا ته اسان توهان کي اغوا ڪنداسين بعد ۾ ڀتا خوري جي رقم 20 لک رپين کان گهٽائي 30 لک رپيا ڪئي وئي

بقايا 36 اجلاس

گيمز 2025 جي حوالي سان سڀني اسٽيڪ هولڊرز جو هڪ اهم اجلاس هڪ مقامي هوٽل ۾ منعقد ٿيو جنهن جي صدارت رانديون واري وزير ۽ سنڌ اولمپڪ ايسوسيئيشن جي صدر سردار محمد بخش مهر آن لائن ڪئي اجلاس ۾ رانديون واري سيڪريٽري منور علي مهيسر ڊائريڪٽر اسد اسحاق، پاڪستان اولمپڪ ايسوسيئيشن جي سيڪريٽري خالد محمود، سنڌ اولمپڪ سيڪريٽري احمد علي راجپوت، اصغر بلوچ، خالد رحماني ۽ مختلف رانديون جي تنظيمن جي نمائندن شرڪت ڪئي ڪراچي ڪمشنر ڪراچي، ڊي آءِ جي ٽريفڪ پير محمد شاهه، فوج رينجرز ايس ايس يو ۽ ٻيا ۽ ٻين ادارن جي آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي اجلاس ۾ 35 هين نيشنل گيمز ڪراچي جي تيارين سيڪيورٽي صورتحال ۽ انتظامي معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

بقايا 37 الزام

کي اسڪول اچڻ جو حق ناهي ڪين زوري اسڪول مان ڌڪا ڏئي ڪڍيو ويو آهي شاگردياڻي جون صحافين اڳيان ڏانهون، مظاهرين ۾ ننڍڙي وشيڪا روشني آڪاشي چانڊڪي نويڪا ڪويتا ٻين احتجاج ڪندي ٻڌايو آهي گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول ميرپور ساڪرو جي هيڊ مس اسڪول کي اسڪول مان ڌڪا ڏئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو آهي

بقايا 38 ڪميٽي قائم

سيد سردار شاهه پاران گرلس هاءِ اسڪول ميرپور ساڪرو جي انچارج هيڊ ماسترياڻي گل ناز گل جوڪيو طرفان اقليتي برادري جي شاگردياڻين تي ڪين مسلمان ٿيڻ لاءِ زور ڀرڻ واري معاملي جو نوٽيس وٺڻ بعد سينيئر استادن ۽ تعليمي آفيسرن تي مشتمل 5 رڪني انڪوائري ڪميٽي قائم انڪوائري مڪمل ٿيڻ تائين الزام هيٺ آيل انچارج هيڊ ماسترياڻي گلناز جوڪيو کان عارضي چارج ڇڏرائي وئي

بقايا 39 عمره سمون

مرڪزي صدر عمره سمون مرڪزي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر ماروي سنڌي مرڪزي اڳواڻ بختاور ملاح ۽ سروٽ هاليپوٽو پنهنجي گڏيل پريس بيان ۾ چيو آهي ته گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول ميرپور ساڪرو جي هيڊ ماسترياڻي طرفان هندو نياڻين کي جبري مذهب مٽائڻ لاءِ هراسان ڪرڻ هڪ انتهائي شرمناڪ عورت دشمني تعليم دشمني ۽ مذهبي انتهاپسندي جي هٿي ڏيڻ وارو عمل آهي. قانون ۽ آئين جي ڀڃڪڙي آهي

INVITATION TO E-BID

THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through **SAP-Ariba Discovery** for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

S. #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-SYS-60-3336-303807291-2025	POST IMPLEMENTATION REVIEW OF SAP	09.12.2025 AT 1030 HRS
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-DO-303809755-2025	AIR DRILLING SERVICES	09.12.2025 AT 1030 HRS
3.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-PNP-60-3338-303821807-2025	C-TYPE INSPECTION OF ALTERNATOR COUPLED WITH EGT-1	11. 12.2025 AT 1030 HRS
4.	OGDCL-SCM-FA-CB-DS-302853318-2025	XANTHAN GUM	24.12.2025 AT 1100 HRS

EXTENSION NOTICE

BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **25.10.2025,** it is notified that the bid submission/opening date of the following case is extended as follows:

S. #	TENDER NO.	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-DF-301040419-2025	HIRING OF MUD ENGINEERING SERVICES ALONG WITH MUD CHEMICALS	03.12.2025 AT 1030 HRS

3. Bidders who have already submitted/ sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) website at **www.ppra.org.pk**.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **discovery.ariba.com/profile/AN01562899621**. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot No. 03, Jinnah Avenue, Blue Area, Islamabad, Pakistan.
Tel: +92 (51) 92002354 0/3795

ogdcl.com
OGDC the energy
No.302/31

گورنمينٽ آف سنڌ

ريجنل ڊائريڪٽوريٽ ڪاليجز شهيد بينظير آباد ايٽ نوابشاهه

فون ۽ فيڪس نمبر: 0244_360574 اي ميل: rdcsba2016@gmail.com

NO.RDCSBA/INSP/_183/2025_26 Dated:01_11_2025

اشتهار

شهيد بينظير آباد ريجن (ضلعي شهيد بينظير آباد، سانگهڙ ۽ نوشهروفيروز) جي مستقل رهائشي کان هيٺين عهدن لاءِ درخواستون طلب ڪيون وڃن آهن. درخواستون، گهربل قابليت، تجربي ۽ ٻين شرطن سان گڏ، هن اشتهار جي اشاعت جي پندرهن (15) ڏينهن اندر جمع ڪرائڻ گهرجن.

سيريل نمبر	عهدي جو نالو	بي پي ايس	عهدن جو تعداد	عمر جي حد: گهٽ ۾ گهٽ	عمر جي حد: وڌ ۾ وڌ	تعليمي قابليت، تجربو ۽ ٻيون شرطون
01	ڪمپيوٽر آپريٽر	12	21	21	28	i. هائير ايجوڪيشن ڪميشن (HEC) پاران تسليم ٿيل ڪنهن به يونيورسٽي مان ڪمپيوٽر ۾ گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڊويزن (يا برابر) ۾ گريجوئيٽ.
02	جونيئر ڪلرڪ	11	11	21	28	i. هائير ايجوڪيشن ڪميشن (HEC) پاران تسليم ٿيل ڪنهن به يونيورسٽي مان گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڊويزن ۾ گريجوئيٽ. ii. سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن / ٽريڊ ٽيسٽنگ بورڊ پاران تسليم ٿيل ڪنهن اداري مان ايم ايس آفيس ۾ ڇهن (06) مهينن جو سرٽيفڪيٽ ڪورس
03	ڪيٽلاگر	11	08	21	28	i. لائبريري سائنس ۾ بيچلر B5 / لائبريري سائنس) يا لائبريري ۽ انفارميشن سائنس ۾ ايسوسيئيٽ ڊگري (AD-LIS) يا ڊپلوما (لائبريري سائنس) ۽ سرڪاري اختياري کاتي پاران تسليم ٿيل اداري مان ايم ايس آفيس ۾ سرٽيفڪيٽ هجڻ.

هدايتون/شرط ۽ ضابطا:

1. اميدوار جيڪي هيٺ ڏنل شرطن تي پورا لهن ٿا، اهي سنڌ حڪومت جي جاب پورٽل https://sjp.gos.pk ذريعي ڄاڻايل عهدن لاءِ درخواست ڏئي سگهن ٿا.
2. اميدوارن کي سکر آئي بي اي ٽيسٽنگ سروسز (ايس ٽي ايس) پاران منعقد ڪيل گريجوئيشن ڪيٽيگري لاءِ جنرل اسڪريننگ ٽيسٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 40 سيڪڙو مارڪون حاصل ڪرڻ گهرجن ۽ انهن عهدن تي مقرري لاءِ گهربل ايس ٽي ايس پاران جاري ڪيل سرٽيفڪيٽ هجڻ گهرجي.
3. اميدوارن جي عمر جو حساب سنڌ سول سروسز (عمر جي حد ۾ رعايت) ضابطن، 2024، ضابطي 7 جي مطابق ڪيو ويندو، درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ تي. بهرحال عمر جي حد ۾ 5 سالن جي رعايت ڏني ويندي، سروسز جنرل ايڊمنسٽريشن ۽ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ جو نوٽيفڪيشن نمبر SOII(SGA&CD)564/2011 (حصو-II) تاريخ 06.03.2025.
4. شروعاتي مقررين لاءِ رکيل ڪوٽا سنڌ حڪومت جي ضابطن/پاليسين مطابق لاڳو ڪئي ويندي.
5. 15% عورتن، 5% اقليتن ۽ 5% معذورن جو نڪرندڙ ڪوٽا قاعدي/پاليسي مطابق برقرار رکيو ويندو.
6. اميدوار جيڪي اڳ ۾ ئي سرڪاري نوڪري ۾ آهن، انهن کي درخواست جمع ڪرائڻ کان اڳ پنهنجي لاڳاپيل کاتي کان اين او سي (ڪو اعتراض نه ڪرڻ جو سرٽيفڪيٽ) حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ انٽرويو دوران چونڊ ڪميٽي کي اصل اين او سي پيش ڪرڻ گهرجي.
7. مقررين سنڌ حڪومت جي 26.04.2023 جي پاليسي ۽ سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ، 1973 جي ترميم ٿيل ضابطن مطابق ڪيون وينديون.
8. اميدوارن کي صلاح ڏني وڃي ٿي ته اهي انٽرويو لاءِ چونڊ ڪميٽي جي سامهون پنهنجن اصل دستاويزن سان گڏ حاضر ٿين. انٽرويو شيڊيول جاب پورٽل تي اپ لوڊ ڪيو ويندو.
9. انٽرويو لاءِ ڪو به ٽي اي/ڊي اي قابل قبول نه هوندو.

(پروفيسر محمد سليمان سيال)
ريجنل ڊائريڪٽر ڪاليجز
شهيد بينظير آباد ريجن

INF-KRY.NO.3905/2025

i WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

بدعنواني، حڪمراني ۽ معيشت ۾ ترقيءَ جو توازن

صفحو 4

ڊاڪٽر رشيد احمد خان

سلامتي ڪائونسل غزه ۾ امن قائم ڪري سگهي ٿي؟

صفحو 4

سياسي پارٽين جي وچ ۾ ڇڪتاڻ وارو تاجي پيٽو

اعجاز منگي

صفحو 4

مير قائم خان ٽالپر

معاشري جي ترقيءَ لاءِ نوجوانن کي نظرياتي ٽي اڳيان وڌڻو پوندو!

صفحو 4

خضدار مان اغوا ٿيل سيتارجا واسي 6 مزدور مهينو گذرڻ باوجود بازياب نہ ٿي سگهيا

بلوچستان ۽ سنڌ حڪومت سميت تڪ جي چونڊيل نمائندن بہ غريبن جي سار نہ لڌي، وارث سخت پريشان، ڪيترن ئي گهرن جو گذرڻ سفر بند

متاثر ٻڪرن ڪاڻ ٿي مجبور،واقعي سبب علائقي ۾ سوڳوار واري صورتحال ڇانيل،مزدور بلوچ ويڙهاڪ تنظيم وٽ يرغمال ٻڌيل

شهيد آباد، محمد صادق ڪبر ۽ ڳوٺ موٽيل ڪبر ڳوٺن جا 6 ڳوٺاڻا بي بلوچ ڪمپني ۾ خضدار ۾ هڪ روڊ جي تعمير ڪري رهيا هئا،سماجي اڳواڻ

سمورا مغوي پورهيت آهن ۽ سندن مزدوري تي گهرن جي چلهہ ٻرندي آهي جنهن ڪري انهن جا خاندان سخت پريشان آهن

سيتارجا(ن ع) بلوچستان واري علائقي خضدار سان ڊي بلوچ ڪمپني ۾ ڪم ڪندڙ سيتارجا جا 6 مزدور عرفان علي ،محمد عظيم ،بهادر علي ،توفيق احمد ،مبارڪ علي ،محمد رفيق ڪبر هڪ مهيني کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود بازياب نہ ٿي سگهيا بلوچستان ،سنڌ حڪومت سميت تڪ جي چونڊيل نمائندن سميت ڪنهن اغوا ٿيلن جي بازيابي لاءِ ڪردار ادا نہ ڪيو جنهن حوالي سان علائقي جي سياسي سماجي اڳواڻن پ پ تعلقہ ميرواهہ جي صدر حاجي غلام عباس ڪبر فنڪشنل مسلم ليگ تعلقہ ميرواهہ جي صدر امير طارق حسين ڪبر سماجي اڳواڻ نور محمد ڪبر،اخلاق احمد ڪبر گل احمد ڪبر،محمد يونس ڪبر سميت ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ سيتارجا جي ڳوٺن شهيد آباد، محمد صادق ڪبر ۽ ڳوٺ موٽيل ڪبرجا رهواسي 6 ڳوٺاڻا ڊي بلوچ ڪمپني ۾ مزدوري ڪندا آهن جيڪي بلوچستان جي خضدار واري علائقي ۾ هڪ روڊ جي تعمير ۾ ڪم ڪري رهيا هئا تہ تقريبن هڪ مهينو اڳ انهن کي بلوچ ويڙهاڪ تنظيم جي هٿيارٻندن اغوا ڪري پاڻ وٽ يرغمال بڻائي رکيو آهي هنن چيو تہ اهڙي صورتحال بعد مغوين جي گهرن ۾ سخت پريشاني ۽ مايوسي واري صورتحال آهي هنن چيو تہ سمورا مغوي پورهيت آهن ۽ سندن مزدوري تي گهرن جي چلهہ ٻرندي آهي جنهن ڪري انهن جا خاندان سخت پريشان آهن جڏهن تہ هڪ مهيني کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود سرڪار توڙي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن پاران ڪو بہ تحرڪ نہ ورتو ويو آهي هنن وزيراعظم، آرمي چيف، وزير اعلي بلوچستان، سنڌ حڪومت سميت تڪ جي چونڊيل نمائندن کي اپيل ڪئي تہ سندن مغوي پيارن کي جلد باسلامت بازياب ڪرائي ڏنو وڃي

سيتارجا: هڪ مهيني کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود اغوا ٿيل سيتارجا واسي مزدور بازياب نہ ٿي سگهيا

مٺي ڪلوئي روڊ تي ڊمپر ۽ ڪار ۾ خطرناڪ حادثو،نوجوان موقعي تي ئي فوت ٿي ويا

ننگرپارڪر واسي ڪار ڊرائيور اجمل سنگهہ ٺڪر ۽ هڪ مسافر ڇيلهار واسي نوجوان ڇهنو ميگهواڙ موقعي تي ئي فوت ٿي ويا

مٺي ڪلوئي روڊ تي ڳوٺ هيلاريو ڀير پرسان ڊمپر ۽ ڪار ۾ خطرناڪ حادثو پيش اچڻ سبب هڪ شخص زخمي پڻ ٿيو

فوتين ڪار ڊرائيور اجمل سنگهہ ٺڪر ۽ ڇهنو ميگهواڙ جا لاش سول اسپتال مٺي آندا ويا جتان کان وارثن حوالي ڪيا ويا

مٺي (ب ر) مٺي ڪلوئي روڊ تي ڳوٺ هيلاريو ڀير پرسان ڊمپر ۽ ڪار ۾ خطرناڪ حادثو پيش اچڻ سبب ٻہ نوجوان ننگرپارڪر واسي ڪار ڊرائيور اجمل سنگهہ ٺڪر ۽ هڪ مسافر ڇيلهار واسي نوجوان ڇهنو ميگهواڙ موقعي تي ئي فوت ٿي ويا ۽ هڪ شخص زخمي پڻ ٿيو آهي فوتين جا لاش سول اسپتال مٺي آندا ويا جتان کان وارثن حوالي ڪيا ويا

باڊهہ پرسان چانڊيا برادري ۾ جهيڙو،هڪ ڄڻو فوت ۽ هڪ زخمي

ڳوٺ گلشير چانڊيو ۾ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

گولين لڳڻ سبب 38 سالا عجيب چانڊيو ٿڏي تي مارجي ويو

گولين لڳڻ سبب سندس پاڻ 40 سالا محبت چانڊيو زخمي ٿي پيو

باڊهہ (ن ع) باڊهہ پرسان سيهڙ ٿاڻي جي حد ۾ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، گولين لڳڻ جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو فوت ۽ هڪ زخمي ٿي پيو ان ڏس وڌيڪ مليل ڄاڻ موجب باڊهہ لڳ سيهڙ ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ گلشير چانڊيو ۾ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو،جنهن ۾ پسٽل جون گوليون لڳڻ سبب 38 سالا عجيب پٽ محمد عرس چانڊيو ٿڏي تي مارجي ويو جڏهن تہ سندس ڀاءُ 40 سالا محبت علي چانڊيو زخمي ٿي پيو اهڙو اطلاع ملڻ تي سيهڙ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتي جو لاش ۽ زخمي کي تعلقہ اسپتال پهچايو جڏهن تہ فوتي جو مڙهہ ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو واقعي جو ڪارڻ مذڪوره برادري جي سؤڻن وچ ۾ هلندڙ پراڻو تڪرار ٻڌايو پيو وڃي سيهڙ پوليس موجب واقعي ۾ ملوث پاڻيءَ قلندر بخش ۽ علي رضا چانڊيو سميت ٻين جي گهرن تي چڙهائي ڪئي ۾ جوابدار گهر خالي ڪري فرار ٿي ويا آهن پوليس موجب وڌيڪ جاچ هلندڙ آهي

باڊهہ: چانڊيا برادري جي جهيڙي ۾ مارجي ويل ۽ زخمي جا فوٽو

راجوخاناڻي ۾ تاجدار ختم نبوت دفاع صحابہ و محبت اهلبيت ڪانفرنس

ڪانفرنس ۾ هزارين ماڻهن جي ولولا انگيز جوش جذبي سان شرڪت ڪئي

پنجاب ۾ سني جماعتن خلاف قيامت برپا ڪئي ويئي آهي،ثروت اعجاز

سني مدرسا بند ڪرڻ،ڪارڪن،اڳواڻن کي گرفتار ڪرڻ ڪٿان جو انصاف آهي

راجوخاناڻي(ن ع) راجوخاناڻي شهر ۾ مرڪزي جماعت اهلسنت ۽ ٻين مختلف سني تنظيمن پاران هڪ ڏينهن واري تاجدار ختم نبوت دفاع صحابہ و محبت اهلبيت جي عنوان سان عظيم الشان ڪانفرنس منعقد ڪئي ويئي ڪانفرنس ۾ راجوخاناڻي ماتلي ٽلهار بدين سميت سنڌ جي مختلف شهرن علائقن ۽ ڳوٺن مان هزارين ماڻهن جوش جذبي سان شرڪت ڪئي ڪانفرنس جي جلسي گاهہ کي اهلسنت علماء اڪرام ۽ سني تحريڪ جي قائدين ۽ شهيد اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي تصويرن جهنڊن سان سينگاريو ويو هو جلسي گاهہ ۾ پهچڻ ۾ مرڪزي اڳواڻن سني تحريڪ سربراهہ جرنيل اهلسنت قائد اهلسنت محمد ثروت اعجاز قادري مفتي اعظم سنڌ مفتي محمد جان نعيمي امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا حاجي حافظ محمد سمون پير طريقت رهبر شريعت پير ڪرم الله الاهي المعروف دلبر سائين،پير طريقت پير نعمت الله الاهي المعروف رهبر سائين رئيس محمد شريف پرڳڙي رئيس نياز لاشاري رئيس قربان علي نوتڪاڻي وڏيرو امير بخش عرف ڪمون ملاح ۽ ٻين معززين مان گلن جي ورڪا ڪئي ۽ ڪين سنڌ جي ثقافت اجرڪون ۽ لونگيون پڻ پيش ڪيون ويون ڪانفرنس کي تمام جذباتي خطاب ڪندي سني تحريڪ قائد محمد ثروت اعجاز چيو تہ پنجاب ۾ جيڪو ڪجهہ سني جماعتن خلاف جيڪا قيامت برپا ڪئي ويئي اها هڪ تاريخ آهي ڪنهن هڪ تنظيم سان اختلاف هجڻ جي بنياد تي سني مسجدون مدرسا بند ڪرڻ سني ڪارڪنن اڳواڻن کي گرفتار ڪرڻ ڪٿان جو انصاف آهي موجوده وقت ۽ حالتن ۾ سني تحريڪ هجي يا اهلسنت جون سموريون تنظيمون ۽ گروپ جيستائين متحد منظر تي هڪ پليٽ فارم تي اتحاد نٿا ڪن تيستائين سندن نجات مسڪن ناهي انشاءالله 2026 جو سال سمورن سني فڪر جي جماعتن تنظيمن جي اتحاد بڌي جو سال هوندو انهي موقعي تي خطاب ڪندي مفتي اعظم سنڌ مفتي محمد جان نعيمي حافظ محمد سمون حافظ غلام نبي سمون پير ڪرم الله الاهي دلبر سائين،پير نعمت الله الاهي رهبر سائين چيو تہ اسان جو مشن عزم اهو آهي تہ تاجدار ختم نبوت خلاف ڪا سازش يا حرڪت برداشت ن ڪئي ويندي صحابہ جو دفاع ۽ اهلبيت سان محبت اسانجي منزل مقصود آهي سمورن مسلمانن جو اتحاد ۽ پاڪستان جي بقا جي لا هر قرباني ڏينداسين مولانا عبدالقدوس سمون عزيزالله شاهہ محمد شريف سعيدي مولانا اسد علي مولانا حبيب الله جت مولانا محمد حسين سمون حافظ محمد هاليپوٽو ماستر محمد بچل پرڳڙي ،حافظ مقبول سمون ،مولانا نظر محمد دل مولانا امام بخش پناڻ،مولانا غلام حسين جوڻيجو ۽ ٻين علماء اڪرام ۽ هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي ڪانفرنس ۾ پهچڻ تي پريس ڪلب راجوخاناڻي جي صحافين کي اجرڪون پڻ پارايون ويون

راجوخاناڻي: ڪانفرنس ۾ هزارين ماڻهن جي ولولا انگيز جوش جذبي سان شرڪت ڪئي

ڏوڪري ۾ 27هين آئيني ترميم خلاف ڪارو ڏينهن،احتجاجي مظاهرو

26هين ۽ 27هين غير آئيني ترميمن جي ڀرپور مزاحمت ڪنداسين،امداد جويو

آئين پاڪستان کي 40 واري قرارداد مطابق حقيقي شڪل ۾ بحال ڪيو وڃي

ڏوڪري (ن ع)ڏوڪري ۾ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي سڏ تي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري جي اڳواڻي امداد علي جويو صابر جروار ۽ ٻين ڪئي مظاهري دوران اڳواڻن چيو تہ پاڪستان ۾ لاڳو ڪيل 26هين ۽ 27هين سميت سڀني غير آئيني ترميمن جي ڀرپور مزاحمت ڪنداسين انهن زور ڏنو تہ آئين پاڪستان کي 40 واري قرارداد مطابق ان جي اصل روح ۽ حقيقي شڪل ۾ بحال ڪيو وڃي، چيو تہ هي معاملو ملڪ جي وسيع مفاد سان تعلق رکي ٿو انهن وڌيڪ چيو تہ 27هين ترميم ڪانپوءِ عدالتون ڪينگرو ڪورٽن کان بہ بدتر ٿي ويون آهن ۽ پارليامينٽ سپريميسي هيٺ اچي وئي آهي. سنڌ حڪومت قلم 144 ذريعي خوف جي فضا قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي جيڪا عدلي نظام جي آزادي تي اثرانداز ٿئي ٿي

سڪرنڊ ۾ تحريڪ تحفظ آئين پاران 26 ۽ 27 هين ترميم خلاف ڪارو ڏينهن ملهايو ويو

سڪرنڊ (س ر)تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان پاران 26 ۽ 27 هين آئيني ترميم خلاف پوري ملڪ جيان سڪرنڊ ۾ پڻ ڪارو ڏينهن ملهايو ويو ان سلسلي ۾ مختلف تنظيمن پاران حافظ ڏين پٽو جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا چانڊيہ پيٽرول پمپ ڪان شروع ٿي مختلف رستن تان ٿيندي قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي پهتي جتي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري کي حافظ ڏين پٽو ، نثار پرهياڙ ، فقير غلام مصطفيٰ ڪيريو ، ايوب ڪوسو ، مس خوشبوءِ ڪيريو ۽ ٻين الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو تہ 26 ۽ 27 هين آئيني ترميم چور حڪمرانن جي بجاءِ ملڪ ۽ قوم جي دشمن ترميم آهي جيڪا ڪنهن بہ حوالي سان ملڪي مفاد ۾ ناهي اسين ان ترميمن کي ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪنداسين هنن چيو تہ هي حڪمران جيڪي ملڪ لٽڻ ۽ ڪمزور ڪرڻ ۾ ملوث آهن تن پنهنجي بچاءُ لاءِ ترميمون ڪيون آهن ۾ پاڪستان جو 22 ڪروڙ عوام ڪين ڪنهن بہ صورت ۾ من ماني ڪرڻ نہ ڏيندو هنن اهو بہ چيو تہ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان ان ڪاري قانون خلاف اڄ کان تحريڪ شروع ڪئي آهي جيڪا ترميمن جي خاتمي تائين جاري رهندي مظاهري دوران 26 ۽ 27 ترميم خلاف سخت نعري بازي پڻ ڪئي جڏهن تہ ريليءَ

27ترميم نامنظور،ايس يو پي ۽ سنڌ ايڪشن ڪميٽي پاران مٽياري ۾ مظاهرو

مظاهرين پاران 27 آئيني ترميم ۽ پيپلزپارٽي خلاف شديد نعريبازي ڪئي وئي

27 آئيني ترميم ۾ سمورا اختيار اسٽيبلشمينٽ حوالي ڪيا ويا آهن،ارشد آخوند

مٽياري(ذ ر)27آئيني ترميم نامنظور، ايس يو پي ۽ سنڌ ايڪشن ڪميٽي ضلع مٽياري جو مظاهرو 27 ترميم ۽ پيپلزپارٽي خلاف شديد نعريبازي ڪئي وئي .سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ضلع مٽياري ۽ سنڌ ايڪشن ڪميٽي پاران ايس يو پي اڳواڻ ارشد رسول آخوند ۽ دوست علي شيخ جسقم ضلع مٽياري جي صدر ذوالفقار ڏيٿو، شهزاد سنڌي ، صدام ڪوسو، وڪيل اڳواڻ سجاد ڪلهوڙو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مٽياري پريس ڪلب اڳيان 27 آئيني ترميم خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي وفاقي حڪومت ۽ سنڌ حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي اڳواڻن جو چوڻ هو تہ ايس يو پي جي مرڪزي قيادت جي سڏ تي اڄ پوري سنڌ ۾ احتجاج ڪيو پيو وڃي اڳواڻن جو چوڻ هو تہ 27 آئيني ترميم ۾ سمورا اختيار اسٽيبلشمينٽ حوالي ڪيا ويا آهن هاڻي تہ سياسي قيادت توڙي جوڊيشري بہ اسٽيبلشمينٽ جي ڪنٽرول هيٺ اچي ويا آهن 27 آئيني ترميم سان صوبن جا اختيار ختم ڪري وفاق حوالي ڪيا پيا وڃن اڳواڻن جو چوڻ هو تہ 27 ترميم کان پوءِ 28 ترميم جون ڳالهيون هلندڙ جنهن ۾ صوبن کي ورهائڻ جون ڳالهيون پيون هلن ۾ اسان ٻڌائڻ ٿا چاهيون تہ جيستائين بہ هڪڙو سنڌ جو غيرتمند پٽ زنده هوندو سنڌ تقسيم نہ ٿيندي اڳواڻن جو چوڻ هو تہ جيستائين ترميم ختم نہ ٿي ڪئي وڃي اسان جو احتجاج جاري رهندو

مٽياري: مظاهرين پاران 27 آئيني ترميم ۽ پيپلزپارٽي خلاف شديد نعريبازي ڪئي وئي

سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي 27هين آئيني ترميم خلاف سيوهڻ ۾ ڌرڻو

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران ڪارو ڏينهن ملهائيندي ڌرڻو هڻي نعريبازي ڪئي وئي

27هين آئيني ترميم آئي عدالتن سان ناانصافي ڪئي ڪئي وئي آهي، نواز علي رند

سيوهڻ(ن ع)سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي 27هين آئيني ترميم خلاف سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران سيوهڻ ۾ ڪاله ڪارو ڏينهن ملهائيندي وڏي انگ ۾ ڪارڪنن تعلقا صدر نواز علي رند جي اڳواڻي ۾ ايس يو پي آفيس کان ڏمال چوڪ تائين پهچي نيشنل پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي نواز علي رند، آزاد غفور نوحاڻي عبدالحڪيم ٻرڙي، تاج محمد پنهيار ۽ ٻين احتجاجي ريلي کي خطاب ڪندي چيو تہ ملڪ اندر 27هين آئيني ترميم آئي عدالتن سان ناانصافي ڪئي وئي آهي جيڪڏهن اهو قانون لاڳو ڪيو ويو تہ عام ماڻهن بہ انصاف کان لاچار بڻجي ويندو هن ڪاري قانون سان انصاف ڪندڙن جا هٿ ٻڌا ويا آهن هنن چيو تہ ملڪ جا حڪمران اڄ سڌي طرح سان پنهنجي بچاءُ ۾ اهڙيون ترميمون آڻي ملڪ کي تباهي طرف ڌڪي رهيا آهن 27 آئيني ترميم نہ صرف عدالتن انصاف، شعور ۽ اظهار جي آزادي جو قتل آهي ۾ صوبن جي وسيلن مٿان قبضي ڪرڻ جي تياري آهي اسان اهڙي ڪاري قانون لاءِ ڪارو ڏينهن ملهائڻ تي مجبور ٿيا آهيون ۽ اهڙي قانون کي رد ڪيون ٿا. هنن چتاءُ ڏنو تہ جيستائين هي ترميمون رد نٿيون ڪيون وڃن اسان اهڙي ڪاري قانون خلاف ملڪ ۾ جدوجهد ۽ احتجاج جو سلسلو جاري رکنداسين

سيوهڻ: سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران ڪارو ڏينهن ملهائيندي ڌرڻو هڻي نعريبازي ڪئي وئي

مسو پرڳڙي شهر ۾ اعلانيل سان گڏ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ

اڻ اعلانيل بجلي بندش شهرين جي روزمره زندگي متاثر ڪري ڇڏي

بجلي تي هلندڙ ويلڊنگ، مشينري، مارڪيٽون ۽ دڪان سخت متاثر

مسوپرڳڙي (ن ع)سياري اينديءَ مسو پرڳڙي شهر ۾ اعلانيل سان گڏ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ۾ غيرمعمولي واڌ ٿيڻ ڪري شهري سخت پريشاني جو شڪار ٿي ويا آهن اڻ اعلانيل بجلي بندش نہ صرف شهرين جي روزمره زندگي متاثر ڪري ڇڏي آهي ۾ ڪيترن وڏن ۽ ننڍين ڪاروبارن جي سرگرمين کي پڻ مڪمل طور مفلوج ڪري ڇڏيو آهي ڪاروبار معاش نيٽ ورڪ بند بجلي تي هلندڙ ڪاروبار جهڙوڪ ويلڊنگ، مشينري، مارڪيٽون ۽ دڪان سخت متاثر ٿي رهيا آهن جڏهن تہ مسلسل بجلي نہ هئڻ سبب نيٽ ورڪ جا ٽاور پڻ بند ٿيڻ لڳا آهن جنهن سان انٽرنيٽ ۽ ڪميونيڪيشن سسٽم ۾ بہ وڏو خلل پيدا ٿيو آهي واپاري برادري موجب هي صورتحال روزانو هزارين نہ پر لکين رپين جو نقصان ڪري رهي آهي شهر جي اهم فيڊر جيٽنڊل ڪوٽ فيڊر تي بجلي جي بندش جو مسئلو وڌيڪ شدت سان جاري آهي علائقائي ماڻهن جو چوڻ آهي تہ واپڊا عملو مبينا طور ڪنڊا چورن کان ايجنٽن جي ذريعي اوڳاڙي ۾ مصروف آهي جنهن سبب علائقي ۾ بجلي جي فراهمي مسلسل متاثر ٿي رهي آهي. بار بار بجلي بند ڪرڻ جي نتيجي ۾ رهواسين سان گڏ ڪاروباري سرگرمين کي بہ سخت ڌڪ پهتو آهي رهواسين ۽ ڪاروباري طبقي جو چوڻ آهي تہ بجلي جي غير يقيني لوڊشيڊنگ سبب علائقي کي روزانو لکين رپين جو نقصان ٿي رهيو آهي جڏهن تہ ڪيترائي گهر ۽ دڪان راتين جو بہ اونداهين ۾ بدلا رهن ٿا. شهري، واپاري برادري ۽ سماجي اڳواڻن واپڊا جي اعليٰ اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي انهن جو چوڻ آهي تہ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ختم ڪري، فيڊر تي مبينا غيرقانوني عملن جا جاچ ڪيا وڃن ۽ عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي علائقي واسين جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن صورتحال تي جلد ضابطو نہ آندو ويو تہ هو سخت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيندا

مسوپرڳڙي: اڻ اعلانيل بجلي بندش شهرين جي روزمره زندگي متاثر ڪري ڇڏي

ٺٽون ڳوٺ پرسان پاڻڪي پاران چاچي ۽ پوليس جي زيادتي خلاف احتجاجي مظاهرو

ٺٽون ڳوٺ (ن ع)ٺٽون ڳوٺ ريجهو ڳوٺ بيدي لاشاري واسي سرائي نبي بخش لاشاري، علي دوست غازي لاشاري، ساجن لاشاري، دلبر لاشاري، ذوالفقار لاشاري، علي رضا لاشاري ۽ ٻين ميڊيا اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي ٻڌايو تہ اسان جي پنهنجي زرعي زمين آهي جنهن تي اسان جو چاچو سرائي حاجي لاشاري عبدالغفار لاشاري، عبدالغني راڄا لاشاري، عرفان جاني لاشاري، قبضو ڪرڻ چاهن ٿا، ۽ موت مار دمڪي پڻ ڏين ٿا جڏهن تہ هنن حد جي پوليس کي رشوت ڏئي اسان جي گهرن تي چڙهائي ڪرائي آهي. پوليس اسان کان ماڻهو ۽ پيسہ گهري رهي آهي جڏهن تہ اسان معاڙ ڪنهن قسم جو ڪيس وڪرو بہ ناهي، ۾ ريهڙ پوليس اسان کي پريشان ڪري رهي آهي ۽ پيسہ نہ ڏيڻ تي اسان جي گهرن تي بناجواز چڙهائي ڪري رهي آهي،اسان جي وزير اعلي سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي لاڙڪاڻو ۽ وس وارن کان مطالبو آهي تہ خدارا نوٽيس وٺي اسان کي تحفظ فراهم ڪري اسان انصاف ڪيو وڃي

ٺٽون ڳوٺ: پاڻڪي پاران چاچي ۽ پوليس جي زيادتي خلاف احتجاجي مظاهرو

پيپلز اسڪول پروگرام نوابشاهہ جي وفد پاران ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر جو دورو

27سئو کان وڌيڪ ٻار رجسٽرڊ آهن،جيڪي مختلف ضلعن مان اچن ٿا،آغا راشد

خيراتي ٿي رهي آهي تہ خيراتي ادارا هيئن بہ هلي سگهن ٿا سلام آهي: قرعتہ العين

سڪرنڊ (س ر)پيپلز اسڪول پروگرام نوابشاهہ جو وفد پرنسپال ميڊم قرعتہ العين جي اڳواڻيءَ ۾ ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهہ جو دورو ڪيو وفد ۾ استاد ، استاف ، شاگرد ۽ شاگرديائيون شامل هيون جتي هنن سينٽر جي مختلف شعبن جو معائنو ڪيو جنهن ۾ بلڊ بينڪ ، ليبارٽري ، آئي سي يو ، فري فارما ۽ ميل فيميل وارڊ شامل هئا ان موقعي تي ٿيليسيميا ڪوآرڊينيٽر آغا راشد ڪين سينٽر بابت آگاهي ڏيندي ٻڌايو تہ سينٽر ۾ 27 سئو کان وڌيڪ ٻار رجسٽرڊ آهن جيڪي سنڌ جي مختلف ضلعن مان اچن ٿا جن کي رت ،دوا ۽ ڪاڻو مفت فراهم ڪيو ويندو آهي بريفنگ ۽ شعبن جي معائني بعد پرنسپال قرعتہ العين ڳالهائيندي چيو تہ سينٽر جو انتظام ۽ صفائي سٿرائي ڏسي حيراني ٿي رهي آهي تہ خيراتي ادارا هيئن بہ هلي سگهن ٿا سلام آهي ڊاڪٽر محمد صادق سيال ۽ ان جي ٽيم کي جيڪي خلوص سان ٻارن جي پنهنجي اولاد جيان خدمت ڪري رهيا آهن ان دوران اسڪول جي وفد مختلف وارڊن ۾ وڃي ٿيليسيميا جي ٻارڙن سان ملاقات ڪري سندن عيادت ڪئي ۽ ڪين تحفا پڻ پيش ڪيا آخر ۾ وفد ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد صادق سيال سان ملاقات پڻ ڪئي جنهن ڪين اداري بابت ڇپيل تحريري مواد تحفي طور پيش ڪيو جنهن تي وفد پاران ڪين يقين ڏياريو ويو تہ پيپلز اسڪول پروگرام اوهان سان مڪمل سهڪار ڪندو ان کان اڳ جڏهن وفد سينٽر پهتو تہ ٿيليسيميا جي ٻارڙن قرعتہ العين ۽ ڪين گلدستا پيش ڪري سندن شاندار آجيان ڪئي

باڊهہ ۾ چورين جو سلسلو بند نہ ٿي سگهيو، شهر چورن حوالي

درگاهہ حاجي علي اصحاب جي مزار تان نذراني جي رقم چوري ٿي وئي

گوڏڙا گلي ۾ در اڳيان بيٺل موٽرسائيڪل چوري،پوليس ڪک پچي بيٺو نہ ڪيو

باڊهہ (ن ع)باڊهہ ۾ چورين جو سلسلو بند نہ ٿي سگهيو شهر چورن حوالي، پوليس ڪک پچي بيٺو نہ ڪيس درگاهہ حاجي علي اصحاب جي مزار تان نذراني جي رقم چوري ٿي وئي گوڏڙا گلي ۾ در اڳيان بيٺل موٽرسائيڪل نامعلوم چور کاهي ويا، ان کان علاوه شهري معشوق قلبپوٽو جوڙ تي ميٺون پڻ لاپتا ٿي ويون ان سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب گذريل جمعي واري رات نامعلوم چور شهر جي مشهور درگاهہ حاجي علي اصحاب جي مزار واري دري توڙي مزار پرسان رکيل نذراني جي پيٽي جا تالا توڙي پيل رقم چوري ڪري ويا. ٻئي طرف شهر جي گوڏڙا گلي واسي نوجوان فرحان گوڏڙائي جي در اڳيان بيٺل سندس هوڏانهن درگاهہ علي اصحاب جي مزار تان چوري ٿيل نذراني واري واقعي جو اطلاع ملڻ تي باڊهہ پوليس پهچي معائنو ڪرڻ ۽ تفصيل وٺڻ ڪانپوءِ ايف سي داخل ڪري ڇڏي. ياد رهي تہ گذريل ٻن ڏينهن کان باڊهہ شهر ۾ هڪٻئي پٺيان چوري جي وارداتن جو سلسلو جاري آهي باڊهہ - نصيرآباد روڊ تي دڪانن ۽ ماڊين مان چوري ٿيل سامان ۽ روڪ رقم چوري ٿيڻ بعد وري گذريل رات مذڪوره ٽن وارداتن جو ٿيڻ باڊهہ پوليس جي انتظامي لاپرواهيءَ کي واڪو ڪري ٿي هوڏانهن شهر ۾ وڌندڙ بدامنيءَ تي ساجاهہ وندن ۾ پوليس خلاف ڪاوڙ واري لهر ڇانيل آهي شهرين ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو کان

ٽائون ڪميٽي پٿورو ۾ انتظامي بحران شدت اختيار ڪري ويو،ملازمن پاران ڪم ڇڏ هڙتال،مظاهرو

ٻن مهينن کان ٽائون آفيسر مقرر نہ ٿيڻ ۽ پگهارون نہ ٿيڻ خلاف ٽائون ملازمن ڪم ڇڏ هڙتال ڪري

ملازمن جون پگهارون ٻن مهينن کان بند پيل آهن،ملازم فاقاڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن مسلسل سراپا احتجاج آهن،اڳواڻ

هفتي اندر ٽائون آفيسر مقرر ڪري اسان جون پگهارون نہ ڪيون وينون تہ اسان ڊي سي آفيس عمرڪوٽ اڳيان ڌرڻو هڻيو ويندو

پٿورو(ن ع) ٽائون ڪميٽي پٿورو ۾ انتظامي بحران شدت اختيار ڪري ويو ٽائون ڪميٽي پٿورو ۾ گذريل ٻن مهينن کان ٽائون آفيسر مقرر نہ ٿيڻ ۽ ٽائون ملازمن جون پگهارون نہ ٿيڻ خلاف ٽائون ملازمن پاران ڪم ڇڏ هڙتال احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ٽائون ملازم فتح محمد منگريو - عبدالرشيد سمون - گلزار ابڙو - ديدار سومرو - ايوب راهمون - همير منگريو - ديدار حسين رونجهو - دولت ميگهواڙ - نواز سولنگي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٽائون ڪميٽي پٿورو کان پريس ڪلب پٿورو تائين احتجاجي مظاهرو ڪري ريلي ڪڍي ويئي ٽائون ڪميٽي پٿورو ۾ گذريل ٻن مهينن کان ٽائون آفيسر مقرر نہ ٿيڻ ڪري پوري ٽائون ڪميٽي جا ڪم ٺپ ٿي چڪا آهن جڏهن تہ ٽائون ملازمن جون پگهارون ٻن مهينن کان بند پيل جنهن ڪري ملازم فاقاڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور ملازم مسلسل سراپا احتجاج بڻيل ۽ چونڊيل نمائندن کان فوري ٽائون آفيسر مقرر ڪرڻ جو مطالبو ٻي پاسي ٽائون ملازمن پاران ڪم ڇڏ هڙتال سبب پٿورو شهر گندگي جي ور چڙهيل آهن ملازمن تڪ جي چونڊيل نمائندن سيد سردار علي شاهہ نواب تيمور خان ٽالپر ميڊم صبا ٽالپر وزير بلديات سيد ناصرحسين شاهہ وزير اعلي سنڌ سيد مراد علي شاهہ کان مطالبو آهي تہ ٽائون ڪميٽي پٿورو ۾ جلد کان جلد ٽائون آفيسر مقرر ڪري اسان جون پگهارون ڏنيون وڃن هنن چتاءُ ڏيندي چيو تہ جيڪڏهن هڪ هفتي اندر ٽائون آفيسر مقرر ڪري اسان جون پگهارون نہ ڪيون وينون تہ اسان ڊي سي آفيس عمرڪوٽ اڳيان ڌرڻو هڻيو ويندو

پٿورو: ٽائون ڪميٽي پٿورو ۾ انتظامي بحران شدت اختيار ڪري ويو،ملازمن پاران ڪم ڇڏ هڙتال،مظاهرو

ماتلي ۾ پٽ تي حملي جا جوابدار گرفتار نہ ٿيڻ خلاف هيلٿ ورڪر پاران احتجاج

ماتلي (ن ع)گل محمد ڪالوني جي رهواسڻ هيلٿ ورڪر گلشن پٽ مٽس ۽ پٽ تي حملي جا جوابدار گرفتار نہ ٿيڻ خلاف پريس ڪلب احتجاج ڪري جوابدارن جي گرفتاري جي گهر ڪئي پنهنجي خالد پٽ سان گڏ پريس ڪلب پهچي ٻڌايو تہ معمولي ڳالهہ تان جوابدارن گهر ۾ داخل ٿي ڪيس ۽ پٽ شيراز تي حملو ڪري سخت تشدد جو نشانو بڻائي زخمي ڪري وڌو. هن چيو تہ ٿاڻي تي فرياد لڳائڻ تي پوليس هڪ جوابدار کي نہ گرفتار ڪرڻ ڪان پوءِ آزاد ڪري ڇڏيو جنهن بعد بيهر هو ڪين ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن . گلشن پاران جوابدارن جي گرفتاري ۽ تحفظ جي گهر ويئي

ڏوڪري اسپتال مان 8 ڏينهن اڳ اغوا ٿي ويل افسانا شيخ جو پتو نہ پيو،وارادات جي جاچ نہ ٿي

نياڻي کي زمين ڳهي وئي يا آسمان،اسپتال انتظاميہ،پوليس وارثن سان سهڪار بجاءِ هٿ هٺ رکي خاموش ويهي رهي

اسپتال اندر لڳل سي سي ٽي وي ڪئميرائن فوٽيجز بابت اسپتال انتظاميہ جاچ ۾ وارثن سان مدد ڪرڻ کان لنوائڻ لڳي

اسپتال انتظاميہ ۽ پوليس اغوا ۾ وارثن سان سهڪار ڪري نياڻي واپس ڪرائي وڃي، ٻي صورت ۾ ڊي آئي بي روڊ تي ڌرڻو هڻنداسين،سماجي اڳواڻ

ڏوڪري (ن ع)ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي تعلقہ اسپتال مان مبينا طور اغوا ٿي ويل 12 سالن جي نياڻي افسانا شيخ هفتو گذرڻ باوجود سندس خبر پئجي نہ سگهيس اسپتال اندر لڳل سي سي ٽي وي ڪئميرائن فوٽيجز بابت اسپتال انتظاميہ جاچ ۾ وارثن سان مدد ڪرڻ کان لنوائڻ لڳي، ڏوڪري پوليس پراسرار نموني اغوا ٿي ويل نياڻي افسانا شيخ بابت جاچ ۾ ڪاهلي ڪرائي نہ ڪئي ٻي پهچ غريب هئڻ سبب وارثن کي ڏلاسا ڏئي رهي آهي پر پراپر نموني صحيح جاچ نہ ٿي ڪري، ان سلسلي ۾ نوجوان سماجي اتحاد جي اڳواڻن ارشاد بگهيس صبيرلطيف جوڻيجو ساجد باغ جتوئي نذير جوڻيجو ۽ ٻين وفد جي صورت ۾ اسپتال انتظاميہ ۽ ايس ايڇ او ڏوڪري سان ملاقات ڪري اغوا ٿيل نياڻي افسانا شيخ جي بازيابي لاءِ ترت اپاءُ وٺڻ لاءِ زور ڀريو اسپتال انتظاميہ ۽ پوليس نياڻي جي اغوا ۾ وارثن سان سهڪار ڪري نياڻي واپس ڪرائي وڃي ٻي صورت ۾ ڊي آئي بي روڊ تي احتجاج ڪري ڌرڻو هڻڻ جو چتاءُ ڏنو ۽ نياڻي جي اغوا تي خاموش نہ ويهبو سندس بازيابي تائين جدوجهد ڪئي ويندي

ڏوڪري: اسپتال مان 8 ڏينهن اڳ اغوا ٿي ويل افسانا شيخ جو پتو نہ پيو

سچل سرمت هال ڊي سي آفيس خيرپور ۾ سرٽيفڪيٽ ڏيڻ واري تقريب

ڳوٺ سينگارفائونڊيشن،يورپي يونين پاڪستان پاورٽي ايليويشن فنڊ تقريب منعقد ڪئي

گراسپ منصوبو ڪاميابي سان پورو ٿيو هي سڀني جي ڪاميابي آهي،فياض راهوجو

خيرپور(ذ ر)ڳوٺ سينگارفائونڊيشن(GSF)پاران يورپي يونين پاڪستان پاورٽي ايليويشن فنڊ(PPAF)انٽرنيشنل ٽريڊ سينٽر(ITC)جي گڏيل سهڪار سان هلندڙ منصوبي گراسپ تحت ڪامياب ننڍن ۽ وڏن ڪاروبارين کي مائل اسٽون ڪمپليشن (پروجيڪٽ ڪمپليٽ) سرٽيفڪيٽ ڏيڻ واري تقريب سچل سرمت هال ڊي سي آفيس خيرپور ۾ ٿي گذري، جنهن جو مهمان خاص ڊپٽي ڪمشنر خيرپور فياض حسين راهوجو هيا.تقريب ۾ سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ لائيو اسٽاڪ ڊپارٽمينٽ ايگريڪلچر ايڪسٽينشن ڊپارٽمينٽ جي آفيسر سماجي اڳواڻ ڪاروباري شخصيتن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.تقريب کي خطاب ڪندي مهمان خاص ڊپٽي ڪمشنر خيرپور فياض حسين راهوجو چيو تہ گراسپ منصوبو ڪاميابي سان پورو ٿيو ۽ هن جي منصوبي جي ڪاميابي انهن سڀني جي ڪاميابي آهي جنهن هن کي سمجهيو ۽ ان مان فائدو حاصل ڪيو ۽ وڏي ڪاميابي اها آهي جو هن ۾ وڌو انگ عورتن جو آهي.هن وڌيڪ چيو تہ اهڙا پروجيڪٽ اصل ۾ حڪومت جي مدد لاءِ آهن جتي حڪومت نٿي پهچي سگهي انهن علائقن ۽ ماڻهن جي هنن منصوبن تحت مدد ٿئي ٿي.هن وڌيڪ چيو تہ اسان سڀني جو مقصد غربت گهٽائڻ آهي. هن وڌيڪ چيو تہ گراسپ منصوبو هڪ بهترين منصوبو آهي ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ عوام کي هن منصوبي بابت جامع ڄاڻ ۽ معلومات ملڻ گهرجي تہ جيئن وڌ ۾ وڌ ڪاروبار ڪندڙ ماڻهو هن موقعي مان فائدو وٺي ڪاروباري سرگرمين کي وڌائڻ ۽ ڪاروبار ۾ جدت آڻي روزگار جا موقعا پيدا ڪن تہ جيئن غربت ۽ بيروزگاري ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي.هن وڌيڪ چيو تہ گراسپ هڪ شاندار منصوبو آهي جنهن تحت ننڍا ۽ وڏا ڪاروباري جيڪي ڪارڪون،انب،ڪيلو،بصر،ٽماٽر ۽ چوپائي مال سان جڙيل آهن پنهنجي ڪاروبار کي وڌائي ڪري بيروزگاري ۾ گهٽتائي آئيندا.يو اين هيچ جي صفيہ بلوچ سماجي اڳواڻ رابيل گل قلبپوٽو سوشل ويلفيئر ڊپارٽ مينٽ جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر مدثر راهوجو لائيو اسٽاڪ ڊپارٽمينٽ جي آفيسر ڊاڪٽر نذير ملاح عبدالڪريم ابڙو صداقت لغاري ذوالفقار قلبپوٽو مورخان مهر شهربانو شر نوربانو ملاح جنت خاتون جلباڻي خطاب ڪيو

انجمن تاجران خيرپور جي هنگامي ميٽنگ،شهر جي اشوز ۽ ڪراين تي تفصيلي غور

خيرپور(ذ ر) انجمن تاجران خيرپور جي صدر عاشق حسين عباسي نائب صدر نصيرڏيٿو سان خيرپور ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر يارمحمد قلبپوٽو جنرل ڪائونسلر ميونسپل ڪميٽي عملي سان هنگامي بنيادن تي ميٽنگ ٿي گذري جنهن ۾ شهر جي اشوز ۽ ميونسپل ڪميٽي جي شاپ جي ڪراين تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو چيئرمين ڊاڪٽر يارمحمد قلبپوٽو ۽ صدر انجمن تاجران عاشق حسين عباسي متفق راءِ سان گڏيل فيصلي کي تڪميل تائين پهچايو جيڪو فيصلو شهر جي تاجرن لاءِ بهترين ثابت ٿيندو ان موقعي تي چيئرمين ڊاڪٽر يارمحمد قلبپوٽو انجمن تاجران جا ٿورا مڃيا ۽ عهد ڪيو تہ شهرجي خوبصورتي ۽ شهر کي رليف ڏيندس جڏهن تہ انجمن تاجران جي صدر عاشق حسين عباسي خيرپور شهر جي ميونسپل ڪميٽي شاپس جي مالڪن کي گذارش ڪئي تہ ميونسپل ڪميٽي جو ڪرايو توهان سنڌهہ بينڪ ۾ اڪائونٽ ميونسپل ۾ جمع ڪرائين اسان انجمن تاجران تاجرن جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکندي ان موقعي تي ڪائونسلر بابو فضل ڪريم ڊاڪٽر احسان پٺاڻ ڪائونسلر احسان جماڻي انڪروچميت انچارج امتياز قلبپوٽو سنيٽيشن انچارج زون ون لالا نجف پٺاڻ زون ٽو لالا جنيد عامر حسين ۽ ٻيا موجود هيا

ماتلي بوائز هاءِ اسڪول ۾ ٻارڙن جي تحفظ بابت آگاهي سيمينار

ٻارڙن سان ٿيندڙ بدسلوڪي، زيادتي، تشدد يا ظلم بابت آگاهي

سيمينار رپورٽ ڪرڻ ۽ ان تي ڪارروائي بابت طريقيڪار کان واقف ڪرائڻ هو،مقرر

ماتلي (ن ع)سماجي بهبود کاتي بدين تعليم کاتي جي تعاون سان گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ماتلي ۾ ٻارڙن جي تحفظ بابت هڪ آگاهي سيمينار منعقد ڪيو. سيمينار جو مقصد استادن کي ٻارڙن جي حفاظت ۾ سندن اهم ڪردار بابت آگاهہ ڪرڻ ۽ ٻارڙن سان ٿيندڙ ڪنهن بہ قسم جي بدسلوڪي، زيادتي، تشدد يا ظلم جي رپورٽ ڪرڻ ۽ ان تي ڪارروائي بابت طريقيڪار کان واقف ڪرائڻ هو ايڊيشنل ڊائريڪٽر سماجي ڀلائي کاتو بدين عبدالغفار ڪوسو سيمينار ۾ خطاب ڪندي چيو تہ ٻارڙن جي حفاظت سڀني جي گڏيل ۽ بنيادي ذميواري آهي هن ٻڌايو تہ تشدد، استحصال، غفلت ۽ زيادتي اهي چار وڏا مسئلا آهن جن کي ٻارڙا سماج جي مختلف هنڌن تي منهن ڏين ٿا هن چيو تہ گهر ۽ اسڪول ٻارڙن لاءِ نسبتاً محفوظ جايون آهن پر بدقسمتي سان پنجاهہ سيڪڙو کان وڌيڪ ٻارڙا اسڪول کان ٻاهر آهن. تنهنڪري ضروري آهي تہ گڏجي ڪوشش ڪري سڀني ٻارن جي اسڪولن ۾ داخلا کي يقيني بڻائجي ايڊيشنل ڊائريڪٽر وڌيڪ چيو تہ استاد بهترين رول ماڊل هئڻ گهرجن ٻارڙن جي سڪيل رويڻ کي سمجهن سندن منفي عادتن کي ڇڏائڻ ۽ مثبت عادتن جي تربيت ۾ مدد ڪن. رسمي تعليم سان گڏ ٻارڙن کي زندگي جي بهترين قدرن ۽ شخصيت جي تعمير بابت سکيا ڏيڻ گهرجي.هن ٻڌايو تہ 1121 چائلڊ هيلپ لائن 24 ڪلاڪ ڪم ڪري رهي آهي ۽ ٻارڙن جي تحفظ سان لاڳاپيل سڀ شڪايتون هن نمبر تي درج ڪرايون وڃن سيمينار جي آخر ۾ بهترين ڪارڪردگي تي استادن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا. سوشل ويلفيئر آفيسر عبدالحميدصراڻي شاهد راجپوت، علي اختر ميمڻ محمد عارف سهتي طارق ظفر راجپوت نور احمد کٽي زاهده لغاري، عائشہ سيال ۽ بينش بہ سيمينار ۾ پنهنجا خيال پيش ڪيا

امين فهيم سروري سلسلي جي روحاني ميراث جو درخشان ستارو هو،مخدوم سعيد

هو پاڪستان جي سياست ۾ بردباري، روايت، رواداري ۽ عشقِ وطن جي علامت پڻ هو

مان مخدوم نوح سرور جو مريد ضرور آهيان منهنجو مرشد مخدوم امين فهيم آهي

سروري سرهاڻ تنظيم، مخدوم امين فهيم جي فڪر کي اڳتي وڌائڻ لاءِ پرعزم آهي

ڄامشورو (پ ر)مخدوم نوح سرور جي درگاهہ جي پندرهين نمبر سجاده نشين ناميارو شاعر ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي پارليامينٽرين جي صدر مخدوم امين فهيم جي ورسي جي موقعي تي، سروري تنظيم جي باني چيئرمين، سروري سرهاڻ ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان "عاطف" پنهنجي بيان ۾ چيو آهي تہ مخدوم امين فهيم نہ فقط سروري سلسلي جي روحاني ميراث جو درخشان ستارو هو پر هو پاڪستان جي سياست ۾ بردباري، روايت، رواداري ۽ عشقِ وطن جي علامت پڻ هو. سندن شخصيت محبت، وفاداري ۽ اصولن جي پابنديءَ جو اهڙو مثال آهي، جيڪو هميشہ ياد رکيو ويندو.مخدوم سعيد الزمان "عاطف" چيو تہ مان مخدوم نوح سرور جو مريد ضرور آهيان منهنجو مرشد مخدوم امين فهيم آهي هن وڌيڪ چيو تہ مخدوم امين فهيم جي زندگيءَ جو هر پهلو اسان لاءِ مشعلِ راهہ آهي، چاهي اهو روحانيت جو ميدان هجي خدمتِ خلق هجي يا سياسي تحريڪ جو سفر. هو هڪ اهڙو اڳواڻ هو جيڪو ڪڏهن بہ پنهنجي اصولن کان پٺتي نہ هٽيو ۽ جيڪو محبت امن ايڪتا ۽ انسانيت جي پيغام کي هر دل تائين پهچائڻ لاءِ هميشہ سرگرم رهيو. مخدوم سعيد الزمان "عاطف" وڌيڪ چيو تہ سروري سرهاڻ تنظيم مخدوم امين فهيم جي فڪر اصولن ۽ روحاني خدمت جي روايت کي اڳتي وڌائڻ لاءِ پرعزم آهي. "اسان جو فرض آهي تہ اسان سندس مشن کي وڌيڪ مضبوط بڻايون قوم سماج ۽ روحانيت جي خدمت کي سندن سکيا ۽ راهہ مطابق جاري رکون "آخر ۾ هن دعا ڪئي تہ الله پاڪ مخدوم امين فهيم جي مزار اقدس تي پنهنجي رحمتن جا وسيلا نازل فرمائي ۽ سروري سلسلي کي سندس علم، محبت ۽ خدمت واري راهہ تي قائم رکي



ڄامشورو: امين فهيم سروري سلسلي جي روحاني ميراث جو درخشان ستارو هو: مخدوم سعيد

محتسب اعلي سنڌ جو ادارو عوام جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ جاکوڙي رهيو آهي: فضل محمد شيخ

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي محتسب اعلي سنڌ گهوٽڪي جي ريجنل ڊائريڪٽر فضل محمد شيخ چيو آهي تہ محتسب اعلي سنڌ جو ادارو عوام جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ جاکوڙي رهيو آهي تہ شهرين کي گهرجي تہ سرڪاري ادارن خلاف پنهنجون شڪايتون ڪٽي اچن ڪين تڪڙو ۽ مفت انصاف فراهم ڪيو ويندو اهڙن خيالن جو اظهار هن گورنمينٽ گرلز لوئر سيڪنڊري اسڪول رحموالي گهوٽڪي جي دوري دوران ڪيو ان موقعي تي هن سيمينار کي خطاب ڪندي چيو تہ محتسب اعلي سنڌ جي هدايتن موجب عوام ۾ سجاڳي پيدا ڪئي پئي وڃي تہ محتسب اعلي سنڌ تڪڙو مفت ۽ بغير وڪيل جي انصاف فراهم ڪندڙ ادارو آهي جيڪو عام ماڻهن جي شڪايتن جو ازالو ڪرڻ لاءِ جاکوڙي پيو هن چيو تہ جيڪڏهن عام ماڻهن جو ڪنهن سرڪاري اداري ۾ جائز ڪم نہ پيو ٿئي يا بغير ڪنهن سبب جي دير ڪئي پئي وڃي تہ ريجنل آفيس گهوٽڪي ۾ سادي ڪاغذ تي درخواست جمع ڪرائي سگهجي ٿي ان کان علاوه محتسب اعلي سنڌ جي ويب سائيٽ تي پڻ شڪايتون داخل ڪري سگهجن ٿيون هن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو تہ اڄ جا شاگرد مستقبل

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال

ABC CERTIFIED

روزاني عبرت

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزاني عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

ڇنڇر 22 نومبر 2025ع

بدعنواني، حڪمراني ۽ معيشت ۾ ترقيءَ جو توازن

آءِ ايم ايف جي تازو جاري ڪيل گورننس اينڊ ڪرپشن ڊائيگناسٽڪ رپورٽ پاڪستان لاءِ هڪ خبردار ڪندڙ آواز آهي. رپورٽ ۾ هر سطح تي پکڙيل بدعنواني، ڪمزور طرزِ حڪمراني ۽ قانون جي عملداريءَ ۾ خامين کي اجاگر ڪندي چيو ويو آهي ته ملڪ جي معاشي ترقي انهن عنصرن جي غير موجودگيءَ سبب متاثر ٿي رهي آهي. آءِ ايم ايف جي مطابق، بدعنواني ۽ ناقص حڪمراني پاڪستان جي مجموعي معاشي پيداوار (GDP) کي سالانه 5 کان 6.5 سيڪڙو تائين گهٽائي رهي آهي، جيڪا ملڪ لاءِ سنگين اقتصادي نقصان جو سبب بڻجي رهيو آهي. آءِ ايم ايف رپورٽ ۾ ڪل 92 سفارشون پيش ڪيون ويون آهن، جن جو مقصد بدعنواني کي روڪڻ ۽ حڪومتي ادارن جي شفافيت کي يقيني بڻائڻ آهي. رپورٽ زور ڏئي ٿي ته اثاثن جي اعلان، نگران ادارن جي سربراهه جي تقرري ۽ سرڪاري ادارن جي قراردادن ۽ خريداريءَ جي عمل ۾ شفافيت کي فروغ ڏيڻ لازمي آهي. آءِ ايم ايف جي مطابق 2026 کان هر سطح تي وفاقي سول سرونٽس جا اثاثا عوام جي آگاهيءَ لاءِ رکڻ گهرجن ۽ انهن جي تصديق رسڪ جي بنياد تي ڪئي وڃي ته جيئن اختياري ۽ غير شفاف فيصلن کي روڪي سگهجي. رپورٽ ۾ 15 اهم شعبن تي زور ڏنو ويو آهي جن ۾ ڪنٽرولنگ ادارا جهڙوڪ SIFC ۽NAB ، SECP، CCP شامل آهن. آءِ ايم ايف ٻڌائي ٿو ته موجوده نظام ۾ انهن ادارن جي اختيارن ۾ ٽڪراءُ ۽ غير واضح پاليسيون موجود آهن، جيڪي فيصلن کي سست، بي ربط ۽ غير شفاف بڻائين ٿيون. مثال طور SIFCجا وسيع اختيار ۽ غير شفاف فيصلن جو عمل سرڪاري خريداري ۽ ٽيڪس مراعات ۾ سنگين نقصان جو سبب بڻجي رهيا آهن. آءِ ايم ايف ان ڳالهه تي زور ڏئي ٿو ته انهن ادارن جي سربراهه جي تقرريءَ لاءِ اهڙو قانوني فريم ورڪ جوڙڻ ضروري آهي جيڪو ميرٽ، شفافيت ۽ جوابدهيءَ کي يقيني بڻائي.

انهيءَ کان علاوه رپورٽ قانون جي حڪمراني ۽ عدالتن جي نظام تي پڻ ڌيان ڏئي ٿي. آءِ ايم ايف جي سفارش آهي ته تجارتي ۽ سول تڪرارن ۾ گهٽتائي لاءِ پروگرام ٺاهيا وڃن ۽ ان جي عملداري بابت رپورٽ عوام جي آگاهيءَ لاءِ جاري ڪئي وڃي. سول پروسيجر ڪوڊ جي اپڊيٽ ۽ ڪنٽريڪٽس ۽ جائيداد جي حقن کي مضبوط بڻائڻ لاءِ قانوني فريم ورڪ تي ڪم ڪرڻ لازمي آهي. اهي قدم قانون جي حڪمراني ۽ شفاف فيصلن لاءِ بنيادي اهميت رکن ٿا. ٻئي پاسي، پاڪستان جي حڪومت ۽ سرڪاري ادارن لاءِ اها رپورٽ هڪ چيلنج پڻ آهي. حڪومت کي اهو موقعو حاصل آهي ته آءِ ايم ايف جون سفارشون عمل ۾ آڻي ۽ ادارن جي ڪارڪردگي بهتر بڻائي. پر عملي سطح تي اهو ڏسڻ ضروري آهي ته صرف رپورٽ جاري ڪرڻ ڪافي ناهي: شفافيت ۽ احتساب کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ سياسي، انتظامي ۽ قانوني اراده موجود هجڻ. اهڙي صورتحال ۾ آءِ ايم ايف جي قرضي پروگرام جي قسط جاري ڪرڻ به هڪ محرڪ طور ڪم ڪري سگهي ٿي، پر اها بنيادي حل ناهي هڪ وچٿري راهه آهي ته آءِ ايم ايف جي رپورٽ جون سفارشون نه رڳو اقتصادي ضرورت آهن پر سياسي ۽ سماجي بهتريءَ لاءِ به اهميت رکن ٿيون. جڏهن سرڪاري ادارن ۾ شفافيت وڌندي، احتساب مضبوط ٿيندو ۽ قانون جي حڪمراني يقيني بڻجندي ته پوءِ پاڪستان جي معيشت ۾ وڌيڪ سيڙپڪاري، ترقي ۽ روزگار جا موقعا پيدا ٿيندا. ٻئي پاسي، حڪومت لاءِ اهو به ضروري آهي ته اهڙين تبديلين کي جلد ۽ منظم طريقي سان نافذ ڪندي ادارن جي خودمختياري ۽ فيصلن جي شفافيت برقرار رکجي. رپورٽ مان واضح آهي ته پاڪستان ۾ بدعنواني رڳو مالي نقصان جو سبب نه آهي پر اها سياسي ۽ سماجي نظام تي به اثرانداز ٿي رهي آهي. جيئن آءِ ايم ايف ٻڌائي ٿو ترقيءَ جي شرح کي گهٽائڻ اختيارن جو غير شفاف استعمال ۽ ادارن جي ڪارڪردگيءَ ۾ لاپرواهي قومي ترقيءَ لاءِ خطرناڪ آهي. تنهن ڪري، حڪومت لاءِ اها رپورٽ هڪ موقعو آهي ته هو ملڪ جي ادارن کي مضبوط بڻائي، شفافيت کي يقيني بڻائي ۽ بين الاقوامي اعتماد وڌائي. ملڪ لاءِ ضرورت صرف قرض حاصل ڪرڻ يا رپورٽ تي عمل ڪرڻ تائين محدود ناهي، پر اها حقيقت ته شفاف ۽ مضبوط ادارا ئي پاڪستان جي ترقيءَ جو بنياد بڻجي سگهن ٿا، سڀ کان اهم سبق آهي.

سياسي پارٽين جي وچ ۾ ڇڪتاڻ وارو تاجي پيتو

اعجاز ممنائي

پاڪستان ۾ سياسي پارٽين جي وچ ۾ ڇڪتاڻ برقرار رکڻ جو عمل ڪو نئون ناهي، جڏهن به آئين ۾ ترميم جي ضرورت هوندي آهي يا عدالتن پاران ڪو آئيني فيصلو التوا ۾ هوندو آهي ته سياسي پارٽين جي وچ ۾ مخالفت اهڙي طرح اڀري ايندي آهي جڻ سنڌن وچ ۾ صديون پراڻي قبائليت ۽ دشمني هجي. بهرحال، هر ملڪ ۾ جتي پارلياماني نظام آهي، آئين ۾ ترميم کي پارليامينٽ جو استحقاق سمجهيو ويندو آهي. اهو واضح آهي ته پارليامينٽ ۾ عوام جي نمائندن کي آئيني حق حاصل آهي ته اهي ڪنهن به طريقي سان ڪم ڪن، جيڪو عوام جي ڀلائي ۽ ملڪ جي سلامتيءَ لاءِ فائديمند هجي. پارليامينٽ جو وجود ۽ بقا ساڳئي آئين جي تابع آهي. پارليامينٽ پاڻ ان کي تبديل ڪرڻ جي ذميوار آهي. پوءِ 27-هين آئيني ترميم جي تجويزن تي ايترو شور شرابو ڇو آهي؟ ڇا اسان کي پنهنجن ماڻهن تي ڀروسو ناهي ۽ جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ اسان، عوام، پڻ ان جا ذميوار آهيون، جيڪي پنهنجن نمائندن کي چونڊيندا آهيون ۽ انهن کي پارليامينٽ تائين پهچائيندا آهيون ته جيئن اهي پنهنجي مشن مطابق عوام جي مفادن جي نگراني ڪري سگهن ۽ ضرورت پوڻ تي آئين ۾ تبديلي آڻي نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهن. ان حقيقت کان انحراف ڪرڻ ممڪن ناهي ته پاڪستان جو آئين هڪ زنده دستاويز آهي، جنهن ۾ هيستائين 26 ترميمون ڪيون ويون آهن. جڏهن به وقت ۽ حالتن مطابق عوامي سهولت، قومي مفاد ۽ بهتريءَ جي ضرورت پيش آئي، آئين ۾ مناسب ترميمون ڪيون ويون. 26-هين آئيني ترميم کان پوءِ، اهو ڏٺو ويو ته آئيني عدالت جي قيام سان سپريم ڪورٽ جي ڪيسن جي فيصلن ۾ ڪجهه بهتري آئي آهي بهرحال، ساڳئي آئيني عدالت اڃا تائين ٻين ڪيسن جي ٻڌڻيءَ جو بار آهي تنهن ڪري، هي بحث جاري آهي ۽ هيءَ تجويز غور هيٺ آهي ته هڪ الڳ آئيني عدالت قائم ڪئي وڃي ۽ آئيني ڪيسن کي الڳ الڳ حل ڪيو وڃي ته جيئن عدالتن تي دٻاءُ گهٽجي وڃي، ۽ ماڻهن کي فوري انصاف ملي سگهي. مشاهدي مان ظاهر ٿيو آهي ته جيتوڻيڪ آئيني ڪيسن جو مقدار سول، فوجداري ۽ متفرق ڪيسن جي مقابلي ۾ تمام گهٽ آهي، پر انهن ڪيسن سان لاڳاپيل پيچيده قانوني نقطن کي حل ڪرڻ ۾ تمام گهڻو وقت لڳندو آهي. آئيني ڪيس صرف 10 سيڪڙو آهن. جڏهن ته اهي عدالت جو 50 سيڪڙو آهن حيرت جي ڳالهه اها آهي ته جڏهن 27هين ترميم جي خبر سامهون آئي، تڏهن سپريم ڪورٽ بار ۽ صوبائي بار ڪائونسلن جي چونڊن لاءِ مهم جاري هئي. هتي اهو به ٻڌائڻ ضروري آهي ته پاڪستان ۾ چونڊيل وڪيلن جي اڪثريت 26-هين آئيني ترميم جي حمايت ڪئي هئي، جڏهن ته ڪجهه وڪيلن ان جي مخالفت ڪري تحريڪ جو اعلان ڪيو ۽ ڪجهه ڪاهي ڌر جي سياستدان سان ملي ڪري مظاهرا به ڪيا پر وقت گذرندي انهن تي ماٺ ڇانئجي وئي. انهي خاموشيءَ کي رضامندي به چئي سگهجي ٿو.

تازين چونڊن ۾ انهن ئي ماڻهن جي ڪاميابي ان حقيقت جو ثبوت آهي ته قانوني برادري نظام جي بهتري چاهي ٿي ۽ ڪنهن به سياسي گروهه جي پسند يا ناپسند تي عمل نه ٿي ڪري. يقيناً، وڪيلن جي قيادت سان 27 هين آئيني ترميم بابت پڻ صلاح مشورو ڪيو ويو هوندو، جنهن جو مقصد انصاف جي نظام کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ هو. وڪيلن جي سياست ۾ سرگرم پي ٽي آءِ جي حامي قيادت 26 هين ترميم جي تنقيد کي سياسي ۽ چونڊ بيانيه طور استعمال ڪيو ۽ تازو سپريم ڪورٽ بار ۽ صوبائي بار ڪائونسل جي چونڊن جي نتيجن اهو واضح ڪيو ته هن سياسي بيانيي کي قبول نه ڪيو. ان حوالي سان، ججن جي منتقلي جي حوالي سان هڪ تجويز غور هيٺ آهي ته جيئن اهو اختيار پاڪستان جي عدالتي ڪميشن کي ڏنو وڃي. جيئن ته عدالتي ڪميشن اڳ ۾ ئي ججن جي مقرريءَ جو اختيار رکي ٿي، ڪميشن ججن کي مقرر ڪرڻ جو مجاز ادارو آهي يا رکڻ گهرجي ته هن ڪميشن کي نه رڳو مقرري جو اختيار آهي پر ان ۾ وڪيلن، سول سوسائٽي ۽ ٻين لاڳاپيل طبقن جي نمائندگي پڻ شامل آهي، جيڪا هن عمل ۾ شفافيت، توازن ۽ ادارتي اعتماد کي وڌائيندي. جيڪڏهن اسان عدالتي اصطلاحن جي حوالي سان سامهون ايندڙ تجويزن تي غور ڪريون ته اهو نه رڳو عدالتي نظام کي بهتر بڻائيندو پر ماڻهن کي فوري انصاف فراهم ڪندي. عدالتي ڪارڪردگي کي به بهتر بڻائيندو ڪيسن جو بار گهٽائيندو. جديد دور ۾، جنگ جو انداز بدلجي ويو آهي هاڻي جنگيون نه رڳو ميدان ۾ پر سائبر انفارميشن ۽ ڊجيٽل امن ۾ پڻ وڙهيون وينديون آهن. تنهن ڪري، آرٽيڪل 243 جي حوالي سان ملڪ جي سالميت ۽ دفاع کي مضبوط ڪرڻ ۽ وڌيڪ هم آهنگي پيدا ڪرڻ ضروري سمجهيو وڃي ٿو ۽ هن جنگ ۾ ڪاميابي کان پوءِ، پاڪستان جي هٿياربند فوج کي مستقبل ۾ جنگين ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ وڌيڪ مضبوط ڪيو وڃي. خطي جي ٻين ملڪن پڻ پنهنجي دفاع کي مضبوط ڪرڻ لاءِ مختلف ترميمون ڪيون آهن، جيڪي انهن جي مدد ڪنديون. هن ترميمن فوج ۽ انهن جي دفاعي نظام کي مضبوط ڪيو ويو آهي ۽ انهن کي صورتحال سان منهن ڏيڻ ۾ مدد ڪئي آهي. جيئن ته هي قومي سلامتي جو معاملو آهي، ان تي غيرضروري بحث ۽ قياس آرائي ڪرڻ نامناسب آهي. بهرحال تجويز ڪيل ترميمن ۾ مئجسٽريٽ سسٽم جي بحالي پڻ شامل آهي. هن تجويز جو مقصد عدالت جو وقت بچائڻ، انتظامي معاملن کي انتظاميه جي حوالي ڪرڻ ۽ قيمتن جي ڪنٽرول کان وٺي عوامي حڪم تائين انهن معاملن کي انتظاميه جي اثرائتي نگرانيءَ هيٺ رکڻ آهي. ڪيترن ئي هنڌن تي، ڏوهن کي دهشتگردي سان جوڙيو ويو آهي. ڪجهه تجويزون پڻ آهن جن جو مقصد مجرمن ۽ دهشتگردن جي وچ ۾ تعلق

معاشري جي ترقيءَ لاءِ نوجوانن کي نظرياتي ٿي اڳيان وڌڻو پوندو!

مير قائم خان ٽالپر

اڄ جي گفتگو آئون ڪارل مارڪس جي انهن لفظن سان شروع ڪري رهيو آهيان جن ۾ هو مشورو ڏيندي چوي ٿو ته، "اسان جي ڌنڌو چونڊڻ جي لاءِ قانون اهو هئڻ گهرجي ته پنهنجي ذات جي تڪميل سان گڏوگڏ انسان ذات جي ڀلائيءَ جي لاءِ به ڪم ڪريون، اسان جو رجحان اهو هجڻ کپي ته ٻين ماڻهن جي بهتريءَ جي لاءِ ڪم ڪري پنهنجي ذات جي تڪميل ڪريون." ڪارل مارڪس جي انهن لفظن کي مدِنظر رکندي آئون عرض ڪريان ته انساني معاشري جي شروعات تڏهن کان ٿي جڏهن پهرين انسانن گروهه جي صورت ۾ گڏيل زندگيءَ جو بنياد رکيو ۽ گڏجي ڪجهه ضابطا ناهيا ته جيئن فائدن يا نقصانن کي گڏجي منهن ڏئي سگهجي. انهيءَ حقيقت کي مدنظر رکي معاشري ۾ موجود مرد ۽ عورت کي انهن لفظن جي ذريعي ڪارل مارڪس اهو مشورو ڏنو آهي. آئون عرض ڪريان ته اسان جي معاشري جو تقريبن هر فرد خصوصن نوجوان ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين تي هڪدم مايوسيءَ جو شڪار ٿيو وڃي ۽ پوءِ هو حقيقتن ۽ حالات جو مقابلو ڪرڻ جي بجاءِ ڊپريشن جو شڪار ٿيو وڃي. ڪيستائين اسان جا نوجوان مايوسين جي سمنڊ ۾ غرق ٿيندا رهندا؟ ڪيستائين اسان جون نياڻيون گهرن جي ڪمن لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏينديون؟ ڪيستائين اسان جو نوجوان بيروزگاريءَ جون ڌانهون ڪندي ڪندي زندگيءَ جا ڏينهن گذاريندو؟ ياد رکو اسان جو نوجوان پوءِ چاهي مرد هجي يا عورت هنن کي پنهنجو پاڻ کي نظرياتي بڻائڻو پوندو. انهيءَ ڪري جو پيڙيل معاشري جي آزادي ۽ نجات هميشه معاشري جي نوجوان مردن ۽ عورتن جي آزادي ۽ نجات سان ڳنڍيل آهي. ڇوڪرين کي پڙهائڻ معاشري ۾ مردن جي برابر ڪردار ادا ڪرائڻ. اهو سڀ تڏهن ممڪن ٿيندو جڏهن اسان جي معاشري جو هر نوجوان مرد ۽ عورت نظرياتي ٿي اڳيان وڌندا. هاڻي وقت اچي ويو آهي. اسان جي پٽ تي پيل اسان جي پيڙيل معاشري کي تبديل ڪرڻ جو انهي جي لاءِ اسان کي پنهنجي اندر ۾ تبديليون آڻيون پونديون.

ياد رکو ته اصل تبديلي اسان جي معاشري ۾ تڏهن ايندي جڏهن اسان جو نوجوان زندگيءَ مان مايوسيءَ واري لفظ کي هميشه هميشه جي لاءِ ڪڍي حالات سان مقابلو ڪرڻ جي همٿ پنهنجي اندر ۾ پيدا ڪندو باقي ڳالهين سان تبديليون ناهن اينديون ها ڪجهه وقت جي لاءِ قوم کي تبديليءَ جي نالي تي بيوقوف ضرور بڻائي سگهجي ٿو ليڪن ياد رکو جيڪڏهن جذبو، همٿ ۽ ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جي سوچ اسان جي نوجوان وٽ هجي ته بس؛ ليڪن افسوس اهو آهي ته اڄ اها همٿ، اها سوچ اهو جذبو اسان جي نوجوانن وٽ نه آهي. آئون پنهنجي نوجوانن جي لاءِ عرض ڪريان ته ڪاميابي همٿ، جذبو ۽ ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جو نالو آهي. اڄ اسان جي نوجوان وٽ سڀ ڪجهه آهي، سواءِ انهن شين جي. انهيءَ ٿي ڪري مون کي افسوس ٿو ٿئي، جڏهن اسان جا نوجوان اها شڪايت ڪندي نظر ايندا آهن ته اسان بيروزگار آهيون. نوڪريون نٿيون ملن. اسان وٽ تعليم حاصل ڪرڻ جا ذريعا مختصر آهن. ليڪن انهيءَ جي سببن تي اسان جا نوجوان نظر نٿا ڪن. انهن سڀني ڳالهين جو اصل سبب اهو آهي ته اسان جي نوجوان جي خواهش انهن جڳهين تي پهچڻ جي آهي، جيڪي اڳئي ڀريل هونديون آهن. اسان جو نوجوان انهن جڳهين جو سوچي ٿي ڪونه ٿو جيڪي بلڪل خالي پيل آهن. انهيءَ جو سبب اهو آهي ته اسان جو نوجوان پنهنجو پاڻ کي مٿيرائي جي صلاحيت جي اهل ئي نٿو سمجهي. جنهن ڏينهن اسان جي نوجوانن ۾ اهو احساس پيدا ٿي ويو ته اسان به مٿيرائيءَ جا اهل آهيون ته پوءِ يقين ڪريو ته مايوسي اسان جي معاشري جي نوجوانن جي ويجهو به نه ايندي. انهيءَ ڪري جو عام جاين تي هرڪو پهچي وڃي ٿو اهي هميشه ڀريل نظر اينديون آهن پر مٿيون جڳهيون هميشه خالي هونديون آهن. جن تي اسان جي نوجوان جي نظر ٿي نه ويندي آهي.

ياد رکو ڪاميابي همٿ، جذبي ۽ ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جي سوچ ۾ ئي لڪيل هوندي آهي پر اسان انهيءَ کي ڳولهڻ جي حڪمت نٿا ڄاڻون. اسان جي محدود سوچ هيٺين جڳهين تائين ئي رهي ٿي، اهي هيٺيون جڳهيون هميشه ڀريل هونديون آهن. ليڪن مٿيون جڳهيون هميشه خالي هونديون آهن. پوءِ اوهان پنهنجي اندر ۾ هميشه خواهش انهن جڳهين تي پهچڻ جي ڪريو. ياد رکو اهي جڳهيون اوهان جو انتظار ڪري رهيون آهن. اهي اڄ به اوهان جي انتظار ۾ آهن. هن وقت انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته نه صرف اسان ٿي نه پر سڄي دنيا هن وقت سخت حالتن کي منهن ڏئي رهي آهي، پوءِ چاهي اهي حالات جي حوالي سان هجن يا موسميات جي تبديليءَ جي حوالي سان. بهرحال سڄي دنيا هيٺئي سخت متاثر آهي. آئون عرض ڪريان ته هي حالات جي حوالي سان ڏکيو وقت اوهان امتحان الاهي سمجهي وڃايو نه. دير سوير مشڪلاتون ختم ٿي وينديون ۽ مون کي يقين آهي ته دنيا وري پنهنجي اصل حالت ڏانهن تمام جلد ضرور موٽندي. انهيءَ جي لاءِ هن وقت کي اوهان قدرت جي طرف کان مهلت سمجهي اڳتي اچڻ واري وقت کي پنهنجي ۽ پنهنجن جي لاءِ جيڪي اوهان تي دارومدار رکن ٿا، ڪي پروگرام سوچيو آهي لکو ۽ پنهنجي اندر خواهشن کي جنم ڏيو ۽ پنهنجي اندر ڪجهه ڪرڻ جي همٿ پيدا ڪريو.

هتي اڄ آئون پنهنجي نوجوانن کي همٿ، جذبي ۽ جوش جي ڳالهه ٻڌايان ٿو يقين ڪريو ته اهي ماڻهو به اسان جهڙا ٿي هئا ۽ اسان جهڙا ٿي آهن. آمريڪا جي شهر شڪاگو جي هڪڙي غريب گهراڻي ۾ جنم وٺندڙ والٽ ڊزني کي اڄ ڪارٽون فلمن جو باني چيو وڃي ٿو ۽ دنيا ۾ ڪير آهي جيڪو هن جي نالي کان واقف نه آهي؟ ليڪن اسان ڪڏهن غور ڪيو آهي ته انهيءَ منزل تائين پهچڻ ۾ هن غريب خاندان ۾ اک کولڻ واري والٽ ڊزني ڪيڏيون نه تڪليفون ڏٺيون. اسڪول مان فارغ ٿيڻ کانپوءِ هن فائن آرٽس جي اڪيڊمي مان تعليم حاصل ڪئي. ليڪن انهيءَ جي باوجود هن کي ڪٿي نوڪري نه ملي. بُک ۽ بيروزگاريءَ هن کي ايترو ته مجبور ڪري ڇڏيو جو پهرين جنگِ عظيم جي دوران هن فرانس ۾ ريڊڪراس جي ايمبولنس جو ڊرائيور ٿيڻ پڻ قبوليو انهي ڪانپوءِ 1918ع ۾ هن ڪينساس شهر ۾ ڪمرشل آرٽس جو دڪان کوليو. انهيءَ کان پوءِ هڪ فرم هن کي سئنيما هائوس ۾ ڏيکارڻ جي لاءِ اشتهارن جون سلائيڊيون ناهڻ جي ڪم تي رکيو. ليڪن هو انهيءَ ڪم ۾ به ناڪام رهيو ۽ پوءِ هڪ وقت والٽ ڊزني تي اهڙو به گذريو جو هو گمناميءَ جي دنيا ۾ غرق هو. يعني نوجوانيءَ ۾ والٽ ڊزني غربت جي هٿان ڏاڍو تنگ هو. اهڙو به وقت هن گذاريو جو هن وٽ ٻن وقتن جي ماني کائڻ جي لاءِ پئسا نه هئا. والٽ ڊزني ڪينساس ۾ ڪافي عرصو رهيو. هن کي آرٽسٽ بڻجڻ جو ڏاڍو شوق هو ۽ هميشه هن جي اهائي خواهش رهي. انهي ڪري هن ڪينساس سٽي اسٽار جي آفيس ۾ نوڪري ڪرڻ جي لاءِ درخواست ڏني، اخبار جي ايڊيٽر هن جون ڪجهه ڊرائنگز ڏٺيون ۽ پوءِ هن کي اهو چئي موٽائي ڇڏيو ته تنهنجي اندر ۾ آرٽسٽ بڻجڻ جي ڪابه صلاحيت نه آهي. والٽ ڊزني هن جي انهيءَ جواب کان پوءِ مايوس ٿي ضرور موٽيو ليڪن هن همٿ نه ڇڏي. آخرڪار هن کي گرجا گهر ۾ تصويرون ناهڻ جي لاءِ هڪ تمام معمولي پگهار تي نوڪريءَ ۾ رکيو ويو. هن وٽ ايترا پئسا نه هئا جو هو الڳ پنهنجو اسٽوڊيو ناهي سگهي. گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ هن پنهنجي پيءَ جي گيراج کي بطور اسٽوڊيو استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. گيراج ۾ ڪم ڪرڻ انهي وقت هن کي بيحد ڏکيو پئي لڳو. هڪ ڏينهن جڏهن والٽ ڊزني پنهنجي پيءَ جي گيراج ۾ ڪم ڪري رهيو هو ته گيراج جي ڪند مان هڪڙو ڪُئو نڪري هڪڙي تختي تي چڙهي راند ڪڏڻ لڳو. والٽ ڊزني ڪم ڇڏي هن کي ڏسڻ لڳو ۽ پوءِ هو اندر گهر ويو ۽ ٿوري ٻريڊ ڪٽي آڻي هن کي کارائڻ لڳو. جيئن جيئن ڏينهن گذرندا ويا اهو ڪئو هن سان مانوس ٿيندو ويو. ايستائين جو پوءِ جڏهن به والٽ ڊزني ڪم ڪندو هو ته هي هن جي ڊرائنگ بورڊ تي چڙهي ويٺو هوندو هو ۽ والٽ ڊزني پنهنجو ڪم ڪندو رهندو هو. آخرڪار جڏهن والٽ ڊزني وٽ 40 ڊالر ٿيا، تڏهن هي سڀ ڪجهه ڇڏي هالي ووڊ هليو ويو. هالي ووڊ پهچي اتي هن متحرڪ ڪارٽونن جو سلسلو شروع ڪيو ليڪن هن جو اهو سلسلو به ناڪام ثابت ٿيو ۽ هن جا ڏينهن وري فاقن ۾ گذرڻ لڳا. هڪڙي ڏينهن هو پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو هو ۽ ڪارٽونن جي نئين سلسلي جي باري ۾ سوچي رهيو هو ته اوچتو هن جي دماغ ۾ گيراج وارو ڪئو اچي ويو. هو انهي ٿي وقت اٿيو ۽ انهيءَ ڪئي جو خاڪو ناهڻ لڳو. اهڙي طرح ڪارٽونن جي سلسلي 'مڪي ماؤس' جنم ورتو. ڪينساس واريءَ انهي ڪئيءَ کي مرندي وقت گذري چڪو آهي. ليڪن والٽ ڊزني پنهنجي پويان هڪ اهڙو فلمي سلسلو ڪارٽون جي شڪل ۾ ڇڏي ويو آهي، جنهن جو شمار اڄ دنيا جي بهترين فلمن ۾ ٿئي ٿو. مڪي ماؤس کي هر روز ايترا ته خط ايندا هئا جو دنيا جو ڪو مشهور اداڪار به هن جو مقابلو نٿي ڪري سگهيو ۽ هن جي شهرت انهيءَ وقت هر وڏي اداڪار کان وڌيڪ هئي. والٽ ڊزني هفتي ۾ به ڪان تي پيرا راڻي باغ وڃي جانورن جي ٻولين جو مطالعو ڪندو هو. 'مڪي ماؤس' فلم ۾ ڪُئيءَ جو آواز هن پاڻ ڪڍيو آهي. انهيءَ کان علاوه پنهنجي ٻين فلمن ۾ به هن ٻين جانورن جا آواز پاڻ ڪڍيا آهن ۽ پوءِ اڳتي هلي والٽ ڊزني پنهنجي فلمن جي لاءِ پاڻ ڊرائنگز ناهڻ بند ڪري ڇڏيون ۽ نه ئي هو ڪا ڪهاڻي لکڻ لڳو. اهو سڄو ڪم پوءِ هن جو اسٽاف ڪرڻ لڳو. اڄ والٽ ڊزني جي ڪارٽون ڪمپني دنيا جي وڏي ڪارٽون ناهڻ واري ڪمپني آهي ۽ اڄ هن جو شمار دنيا جي مشهور ترين شخصيتن ۾ ٿئي ٿو هن پنهنجي زندگيءَ ۾ 22 آسڪر ايوارڊ حاصل ڪيا.

هاڻ اچو ته اسان پنهنجو پاڻ تي غور ڪريون ته ڇا اسان وٽ اهڙي همٿ آهي، ڇا اسان وٽ اهڙو جذبو آهي، جهڙي همٿ ۽ جذبو والٽ ڊزنيءَ وٽ هو؟ ڇا هو اسان جيان ڪنهن منزل تي مايوس ٿئي ٿو؟ منهنجو جواب آهي نه. ياد رکو اسان جي نوجوانن کي به همٿ ڪري دنيا کي پاڻ ڏانهن ائين ئي متوجه ڪرڻو آهي جيئن والٽ ڊزني همٿ، سوچ ۽ جذبي سان سوچڻ، لکڻ ۽ ڪارٽونن جي ذريعي دنيا کي پاڻ ڏانهن متوجه ڪيو. ڪاش اسان جا نوجوان هن وقت جنهن به حال ۾ آهن پنهنجي اندر جيئڻ ۽ اڳتي وڌڻ جي خواهش پيدا ڪن ۽ وقت کي ضايع نه ڪن، ڇو ته گذري ويل وقت وري واپس نه ايندو آهي ۽ زندگي به هڪ دفعو ٿي ملي ٿي، سوچو اڃا وقت ويو نه آهي، اهڙيون خواهشون پنهنجي اندر ۾ اپاريو جو اچڻ وارا نسل اوهان مان ڪجهه پرائين!

اسان پنهنجو پاڻ تي غور ڪريون ته ڇا اسان وٽ اهڙي همٿ آهي، ڇا اسان وٽ اهڙو جذبو آهي، جهڙي همٿ ۽ جذبو والٽ ڊزنيءَ وٽ هو؟ ڇا هو اسان جيان ڪنهن منزل تي مايوس ٿئي ٿو؟ منهنجو جواب آهي نه. ياد رکو اسان جي نوجوانن کي به همٿ ڪري دنيا کي پاڻ ڏانهن ائين ئي متوجه ڪرڻو آهي جيئن والٽ ڊزني همٿ، سوچ ۽ جذبي سان سوچڻ لکڻ ۽ ڪارٽونن جي ذريعي دنيا کي پاڻ ڏانهن متوجه ڪيو. ڪاش اسان جا نوجوان هن وقت جنهن به حال ۾ آهن پنهنجي اندر جيئڻ ۽ اڳتي وڌڻ جي خواهش پيدا ڪن ۽ وقت کي ضايع نه ڪن، ڇو ته گذري ويل وقت وري واپس نه ايندو آهي ۽ زندگي به هڪ دفعو ٿي ملي ٿي، سوچو اڃا وقت ويو نه آهي، اهڙيون خواهشون پنهنجي اندر ۾ اپاريو جو اچڻ وارا نسل اوهان مان ڪجهه پرائين!

سلامتي ڪائونسل غزه ۾ امن قائم ڪري سگهي ٿي؟

ڊاڪٽر رشيد احمد خان

گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل غزه ۾ مستقل فائر بندي ۽ پائيدار امن جي قيام لاءِ صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي 20 نقاطي امن سمجهوتي تي مبني هڪ قرارداد منظور ڪئي آهي جنهن تحت ٽرمپ جي امن منصوبي ۾ تجويز ڪيل اهم قدمن تي عملدرآمد جي راهه هموار ٿي وئي آهي. اها قرارداد امريڪا جي طرفان پيش ڪئي وئي هئي ۽ ڪائونسل جي تمام 10 غير مستقل ميمبرن کان علاوه پنج مان ٽن مستقل ميمبرن (امريڪا، برطانيا ۽ فرانس) اُن جي حق ۾ پنهنجو ووٽ ڏنو آهي. ڪائونسل جي باقي ٻن مستقل ميمبرن روس ۽ چين کي اُن قرارداد تي تحفظات هئا. اُن کان پهرين گڏيل قومن جي حلقن ۾ اِهي افواهون گرم هيون ته روس سلامتي ڪائونسل ۾ هڪ متبادل قرارداد ڏيارڻ جي لاءِ تياري ڪري رهيو آهي پر اُن ووٽنگ ۾ چين سان گڏ عدم شرڪت تي اتفاق ڪيو. روس ۽ چين کان علاوه حماس ۽ فلسطيني حلقن جي طرفان به اُن قرارداد تي اعتراض ڪيا پيا وڃن پر جيئن ته هن قرارداد کي امريڪا ۽ يورپي ملڪن کان علاوه ڪجهه عرب ۽ مسلمان ملڪن جي به حمايت حاصل هئي، اُن لاءِ روس ۽ چين قرارداد کي ويٽو نه ڪيو. مغربي ۽ مسلم دنيا ۾ اُن قرارداد جو خير مقدم ڪيو پيو وڃي ۽ اِهو چيو پيو وڃي ته جيتوڻيڪ هن قرارداد ۾ ڪيترائي ڳالهين تي اختلاف آهن ۽ فلسطين مسئلي جي حل جي لاءِ گهربل بنيادي قدمن کان پاسو ڪيو ويو آهي پر موجوده حلقن ۾ اُن کان علاوه ڪو آپشن به نظر نٿو اچي. گذريل ٻن سالن جي دوران غزه کي اسرائيل کنڊرات ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي 69 هزار کان وڌيڪ ماڻهو جن ۾ اڪثريت عورتن ۽ ٻارن جي آهي کي موت جي ننڊ سمهارڻ کان علاوه اسرائيل غزه جي پٽيءَ ۾ 80 سيڪڙو عمارتن کي تباهه ڪري غزه جي تقريبن تمام آبادي کي بي گهر ڪري ڇڏيو آهي ۽ اُن تباهيءَ ۾ اُن کي امريڪا جي ڀرپور حمايت حاصل هئي جڏهن ته سڄي دنيا بلڪ پاڻ امريڪا، برطانيا، فرانس، جرمني ۽ ٻين يورپي ملڪن ۾ اسرائيل جي بربريت جي خلاف لکين ماڻهن جي مظاهرن آخرڪار امريڪا کي غزه ۾ جنگ بندي جي لاءِ سيپٽمبر ۾ 20 نقاطي منصوبو پيش ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. اُن منصوبي جي سفارشن ۾ اسرائيلي مفادن جي تحفظ کي ترجيح ڏني وئي ۽ فلسطينين جي مفادن کي نظر انداز ڪيو ويو. جڏهن ته غزه کي وڌيڪ تباهي کان بچائڻ جي لاءِ حماس به اُن منصوبي جي حمايت تي رضامندي ظاهر ڪري ڇڏي. صدر ٽرمپ جي منصوبي تي اسرائيلي موقف جي حمايت ڪرڻ کان علاوه اِهو به اعتراض هو ته اُن جي ڪا قانوني بنياد نه آهي اُن لاءِ ڪيترائي ملڪن راءِ ڏني ته هن خامي کي ختم ڪرڻ جي لاءِ منصوبي کي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل مان منظور ڪرايو وڃي. 8 عرب ۽ مسلم ملڪن جن ۾ پاڪستان به شامل آهي، اُن ضمن ۾ ڪليدي ڪردار ادا ڪيو هو.

سلامتي ڪائونسل جي قرارداد ۾ صدر ٽرمپ جي منصوبي کي بنا ڪنهن اهم تبديلي جي ساڳي حالت ۾ منظور ڪيو ويو آهي اُن لاءِ جيڪي تحفظات ۽ خدشا صدر ٽرمپ جي منصوبي تي ظاهر ڪيا پئي ويا، اهي ساڳيا گڏيل قومن جي قرارداد جي باري ۾ ظاهر ڪيا پيا وڃن سلامتي ڪائونسل ۾ قرارداد تي بحث جي دوران روس جي نمائندي اُن تي سخت تنقيد ڪندي چيو ته قرارداد ۾ غزه تي ليگ آف نيشنز جي مينڊيٽ سسٽم وانگر هڪ اهڙي انتظاميا کي مسلط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ فلسطينين کي شامل ناهي ڪيو ويو. اهڙي طرح چين جي نمائندي به قرارداد ۾ غزه جي شهرين جي حقن ۽ مفادن کي نظر انداز ڪرڻ تي شديد تحفظات جو اظهار ڪيو. چيني نمائندي قرارداد ۾ غزه جي انتظام و انصرام جي لاءِ جنهن ڪائونسل آف پيس ۽ ٻين قدمن جي تفصيل بيان ڪئي ۽ اُن تي تبصرو ڪندي چيو ته اُن ۾ سواءِ فلسطيني عوام جي باقي سڀ ڪجهه آهي. قرارداد ۾ علمي استحڪام فورس جي تشڪيل ۽ اُن جي مينڊيٽ تي حماس پنهنجو ردِ عمل ڏيندي اُن جي سخت مخالفت ڪئي آهي اُن کان علاوه غزه مان اسرائيلي فوج جي واپسي کي جهڙي طرح اسرائيل جي مرضي ۽ صوابديد تي ڇڏيو ويو آهي، حماس اُن جي سخت مذمت ڪندي اُن کي رد ڪري ڇڏيو آهي ۽ چيو آهي ته گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل اسرائيل جي سامهون گوڏا کوڙي ڇڏيا آهن ۽ اسرائيل کي اُهي مقصد حاصل ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو آهي، جيڪو اُهو ٻن سالن جي بربريت ۽ سفاڪي جي ذريعي حاصل نه ڪري سگهيو. اُن ڳالهه کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته سلامتي ڪائونسل قرارداد ٽرمپ منصوبي جي ڪجهه شقن ۾ موجود ابهام کي واضح نه ڪري سگهي. مثال طور اڃا تائين اِهو واضح نه آهي ته علمي استحڪام فورس جو مينڊيٽ ڪهڙو هوندو؟ ڇا اُن جو ڪم امن جو قيام هوندو يا امن کي مسلط ڪرڻ هوندو. جيستائين امن جي قيام جو تعلق آهي ته ڇا اُن فورس کي اسرائيل جي خلاف طاقت استعمال ڪرڻ جو اختيار هوندو؟ قرارداد جي مطابق علمي استحڪام فورس چار فرض سرانجام ڏيندي، سرحدي علائقن ۾ تشدد جي روڪٿام ۽ امن امان جو قيام، غزه مان جنگجوئن جو خاتمو جنهن ۾ حماس کي مڪمل طور تي غير مسلح ڪرڻ شامل آهي. اُن کان علاوه فلسطينين تي مشتمل پوليس جي تنظيم ۽ تربيت ۽ غزه جي رهواسين تائين انساني امداد، خوراڪ پاڻي ۽ دوائن جي پهچ به اُن جي فرضن ۾ شامل آهي. گڏيل قومن جي قرارداد ۾ علمي استحڪام فورس کي وسيع اختيار ۽ اُنهن اختيارن کي استعمال ڪرڻ ۾ هر قسم جا ذريعا استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي آهي. ائين غزه کي پنهنجي شهرين جي بدران هڪ غير ملڪي فورس کي غزه تي پنهنجي حڪمراني جو حق ڏنو ويو آهي ۽ هڪ آزاد ۽ خودمختيار فلسطيني رياست جي قيام کي اڃا به مشڪوڪ بڻايو ويو آهي. اهڙي طرح گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل 17 نومبر جي قرارداد جي ذريعي فلسطين تي پنهنجي ماضي جي ڪيترائي قراردادن جي نفي ڪري ڇڏي آهي. جو ته اسرائيل سان گڏوگڏ فلسطين ۾ فلسطينين جي هڪ الڳ، آزاد ۽ باختيار رياست، جنهن ۾ اردن درياهه جو مغربي ڪنارو، غزه ۽ بيت المقدس جو مشرقي حصو شامل آهي. جو واعدو گڏيل قومن فلسطينين سان ڪيترائي پيرا ڪري چُڪي آهي. گڏيل قومن پنهنجي گذريل واعدن کي ورجائڻ جي بدران موجوده قرارداد ۾ فلسطيني رياست جي قيام کي غير يقيني بڻايو آهي. اِهو ئي سبب آهي ته نه صرف اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو بلڪ امريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ به قرارداد جي منظوري تي خوشي جو اظهار ڪري رهيو آهي. جو ته اسرائيل وانگر امريڪا به هڪ الڳ فلسطيني رياست جو مخالف آهي. اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو ته کليل طور اعلان ڪيو آهي ته اسرائيل ڪنهن صورت هڪ الڳ فلسطيني رياست جي قيام جي اجازت نه ڏيندو. پنهنجي هن منصوبي تي عملدرآمد ڪرڻ جي لاءِ اسرائيلي حڪومت والاريل مغربي ڪناري ۾ نيون يهودي آباديون تعمير ڪرڻ جو اعلان به ڪري ڇڏيو آهي ۽ اُن کان علاوه اسرائيلي پارليامينٽ مان مغربي ڪناري کي اسرائيل ۾ ضم ڪرڻ جي حق ۾ قرارداد به منظور ڪرائي ورتي آهي. ٽرمپ منصوبي جي بنياد تي سلامتي ڪائونسل جي تازي قرارداد جي خلاف اسرائيل جي ساڄي ڌر جي عنصرن جي طرفان احتجاج تي نيتن ياهو پنهنجي اُنهن حڪومتي اتحادين کي يقين ڏياريو آهي ته فلسطين ۾ فلسطينين جي هڪ الڳ رياست ڪڏهن به ڪونه نهندي. فلسطين مسئلي جي بنيادي ۽ انتهائي اهم پهلوئن کي نظر انداز ڪري يا غير ضروري ابهام پيدا ڪري گڏيل قومن جي قرارداد ٽرمپ منصوبي جي ناڪامي کي يقيني بڻائي ڇڏيو آهي. جو ته اسرائيل جو واحد مقصد حماس کي غير مسلح ڪري والاريل عرب علائقن خاص طور تي اردن درياهه جي مغربي ڪناري ۽ غزه ۾ فلسطيني مزاحمت کي هميشه جي لاءِ ختم ڪرڻ آهي ته جيئن اُهو گريٽر اسرائيل جو خواب شرمنده تعبير ڪري سگهي پر اسرائيل اُن ۾ ڪامياب نٿو ٿي سگهي. جو ته حماس غزه جي انتظام و انصرام کان عليحدگي تي پنهنجي رضامندي جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي پر اُهي اسرائيلي قابض فوجن جي خلاف قومي مزاحمت تان دستبردار نه ٿيندي. اهڙي طرح جيڪڏهن سلامتي ڪائونسل جي قرارداد جو مقصد ٽرمپ منصوبي ۾ ڏنل فريم ورڪ جي مطابق غزه ۾ هڪ غير ملڪي اٿارٽي کي مسلط ڪرڻ آهي ته اُن منصوبي جي ڪاميابي جو به ڪو امڪان نظر نٿو اچي.

عبرت پوسٽ Ibrat Post

خط: جي متن سان اداري جو متفق هجڻ ضروري ناهي

سرڪار جي ڪن لاٽار سبب تباهه ٿيندڙ تعليم!

دنيا ۾ تعليم کي ترقيءَ جو راز سمجهندي اتان جون حڪومتون هر حال ۾ درسگاهه آباد رکڻ لاءِ ڪوشان هونديون آهن. پر افسوس جو ساڻيهه سنڌ ۾ هٽ وٺي ڪري صوبي جو تعليمي نظام تباهه ڪري سنڌ جي لکين شاگردن جو مستقبل داءَ تي لڳايو ويو آهي. سنڌ اندر اڄ به سون جي تعداد ۾ اسڪول بند پيل آهن ۽ لکن جي تعداد ۾ ٻارڙا تعليم جهڙي بنيادي حق کان محروم آهن. اهڙوئي هڪ اسڪول تعلقي جمبڙ ۾ واقع آهي جيڪو قائم ته 2007ع ڌاري ٿيو پر سرڪاري بيحسيءَ ۽ تعليم کاتي جي لاپرواهي سبب هن اسڪول ۾ مستقل طور تدريسي عمل بحال ٿيڻ شاگردياڻين لاءِ اڄ به جڻ خواب بڻيل آهي. تازو ڳوٺاڻن جي سخت احتجاج ۽ اڻٿڪ ڪوششن ڪانپوءِ جڏهن تعليم کاتي پاران ٽيچر کي بدلي ڪري مقرر ڪيو ويو آهي ته افسوس جو ڪيترو ئي گذرڻ باوجود بدلي ٿي آيل ٽيچر جوائننگ ناهي ڏئي سگهي ۽ نه ئي ڊي اي او ٽي اي او توڙي تعليم کاتي ٽنڊوالهيار پاران ٽيچر جي جوائننگ نه ٿيڻ سبب تعلقي جمبڙ جي هن ڪئمپس اسڪول جي مسلسل تالابندي لاءِ ڪو قدم کنيو ويو آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته فوري طور تعليم کاتي جي لاڳاپيل اختيارين کي هن اسڪول جي مستقل بحالي لاءِ تحرڪ وٺڻ گهرجي ۽ بدلي ڪيل ٽيچر کي فوري جوائننگ ڪرائي شاگردياڻين جو مستقبل تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي.

آفتاب سليمان لغاري

سنڌ ڪابينا جا فيصلا

تازو سنڌ ڪابينا جي اجلاس ۾ ورڪس کاتي ۽ شگر انڊسٽري سان لاڳاپيل جيڪي اهم فيصلا ڪيا ويا، تن بابت ڪجهه اهم نڪتا اوهان جي معزز اخبار وسيلي عوام آڏو رکڻ ضروري ٿو سمجهان. پهريون ۽ نهايت اهم فيصلو اهو آهي ته سنڌ ڪابينا گريڊ 5 کان 15 تائين جي نوڪرين لاءِ "آءِ بي اي سکر جي ٽيسٽ نتيجن کي 2028ع تائين ڪارآمد قرار ڏنو آهي". هي قدم هزارين اميدوارن لاءِ وڏو اُساهه وارو ثابت ٿيو آهي، ڇو ته هاءِ ڪورٽ جا حڪم، عام چونڊون ۽ سرڪاري پابندين سبب اهي ڀرتيون وقت سر نه ٿي سگهيون. جيڪڏهن نتيجن جي مدي ۾ واڌ نه ٿئي ها ته 'ڪيترائي لائق ۽ محنتي نوجوان ناانصافيءَ جو شڪار ٿين ها. ڪابينا جو هي فيصلو انهيءَ حق تلفي کي روڪڻ ۾ مدد ڏيندو. ٻيو اهم قدم ورڪس کاتي کي 'پ پ موڊ وارين رٿائن' لاءِ ڀرتين جي اجازت ڏيڻ آهي، جن ۾ حيدرآباد—

سان شڪ شبها گهٽجندا ۽ قابليت کي ترجيح ملندي. ٻئي طرف اجلاس ۾ 'ڪمند جي پيڙهائي جي تاريخ 15 نومبر 2025ع مقرر ڪرڻ' پڻ اهم اعلان آهي. هر سال سنڌ ۾ ڪمند جي خريداريءَ ۾ دير سبب آبادگار سخت متاثر ٿيندا رهيا آهن. ڪمند سوڪهڙو ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ ڪڻڪ جي فصل لاءِ زمين جي تياري ۾ به دير پوي ٿي. حڪومت جو اهو موقف صحيح آهي ته شگر مل مالڪن کي وقت سر خريداري ڪرڻ گهرجي. پر افسوس جو پاسما وارا گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. جنهن سبب هر سال تڪرار پيدا ٿيندا آهن. حڪومت کي هن معاملي ۾ وڌيڪ سختي اختيار ڪرڻ گهرجي ته جيئن آبادگار ۽ شگر ملز وچ ۾ منصفاڻي نظام قائم ٿي سگهي. سنڌ جي نوجوانن، آبادگارن ۽ ماڻهن لاءِ ڪيل اهي فيصلا اهم ضرور آهن. پر انهن تي صحيح ۽ شفاف عملدرآمد ئي اصل ڪاميابي هوندي. اوهان جي اخبار رياستي ادارن کي جوابده رکڻ ۾ هميشه مثبت ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ اميد آهي ته هن معاملي ۾ به عوام جي آواز طور پنهنجو ڪردار جاري رکندي.

هڪ باشعور شهري

الرا ۽ جتوئي تڪرار

تازو پريالوءَ جي ڪچي ۾ ٿيل خونريز تڪرار بابت، جيڪو الرا ۽ جتوئي ڌرين وچ ۾ ٻيهر ڀڙڪي اٿيو، اخبار رپورٽ ڪيو آهي ته فائرنگ ۾ 'چار ڄڻا مارجي ويا ۽ پنج کان وڌيڪ زخمي ٿيا.' تڪرار جو مرڪزي علائقو الرا جاگير جو ڪچي وارو علائقو آهي، جتي هٿياربندن وچ ۾ سنڌو درياءَ جي ڪناري ڪيترائي ڪلاڪ فائرنگ هلندي رهي. اهڙي شدت ۽ جاني نقصان نه رڳو علائقي جي عوام لاءِ خطرناڪ آهي، پر امن ۽ قانون جي حڪمراني تي به سوال اٿاري ٿو. مقامي ماڻهن موجب، فيض محمد هنڊو ٽاٽي جي پوليس واقعي واري هنڌ تي دير سان پهتي، جنهن سبب وڌيڪ جاني نقصان ٿيو. ان جي مقابلي ۾ پوليس جو موقف آهي ته اطلاع ملڻ تي فوري طور تي موقعي تي پهچي ويو ۽ مقابلي دوران جوابدار اعظم جتوئي مارجي ويو. بعد ۾ ايس ايس پي خيرپور حسن سردار نيازي جي اڳواڻي ۾ ڳوٺ شير محمد جتوئي ۾ وڏو آپريشن ڪيو ويو جتي جوابدارن جا نڪاڻا ۽ خالي گهر ڀاهيون ڏئي ڊاهي ڇڏيا. پوليس

اهڙي صورتحال ۾ قانون جي حڪمراني ۽ پوليس جي بروقت ۽ مؤثر قدم جي ضرورت آهي ته جيئن اهڙا واقعا ٻيهر پيش نه اچن.

سرمد خاصخيلي، ميرپورخاص

ٽريان ٿي ٽاريا...

هن وقت هڪ اهم سياسي ۽ سماجي مسئلي تي پنهنجا خيال لکڻ پيو چاهيان. تازو ئي ايم ڪيو ايم جي سربراهه ڊاڪٽر خالد مقبول ۽ ڊاڪٽر فاروق ستار پاران سنڌ ۾ نئين صوبي جي ڌمڪي ۽ عدالتن ۾ وڃڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. ايم ڪيو ايم جو موقف آهي ته آئين جي آرٽيڪل 239 تحت نوان ضلعا، ڊويزن ۽ صوبا ناهڻ جا اختيار موجود آهن ۽ پيپلز پارٽي انهن مطالبن کي غداريءَ سان تشبيهه ڏئي رهي آهي. پر مون کي لڳي ٿو ته ايم ڪيو ايم جا هي مطالبا بنيادي طور تي غير عملي، علائقائي مفادن تي مرڪوز ۽ سياسي دٻاءُ پيدا ڪرڻ وارا آهن. جن ۾ عوامي ڀلائي جو ڪو به مقصد نه آهي. ايم ڪيو ايم هميشه پنهنجو موقف ڪراچي ۽ حيدرآباد جي ترقي ۽ انتظامي اختيارن تي زور ڏيڻ سان پيش ڪندي آهي، پر اصل ۾ اها سياسي طاقت حاصل ڪرڻ جو ذريعو بڻجي چڪي آهي. جڏهن ڪنهن سياسي جماعت جا مطالبا صرف هڪ مخصوص علائقي تائين محدود هوندا آهن ته اهو باقي سنڌ ۽ ملڪ جي عوام جي حقن کي نظرانداز ڪرڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿو. ڊاڪٽر خالد مقبول جي دعويٰ آهي ته ڪراچي مان 17 سالن جو قبضو ختم ٿيڻ گهرجي ۽ شهر جو ماسٽر پلان ڪرپشن ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي، پر حقيقت اها آهي ته ايم ڪيو ايم اڪثر سياسي بيان بازيون ڪندي عدالتن ۽ ميڊيا ذريعي دٻاءُ پيدا ڪرڻ تي پاڙ ٻڌي آهي. جڏهن ته اصل مسئلن جي حل لاءِ ڪو واضع ۽ عملي پلان پيش نه ٿو ڪيو وڃي جڏهن ڪو سياسي گروپ صرف پنهنجي علائقي ڪارڪنن جي مفادن لاءِ عدالتن ۽ روڊن تي احتجاج جو اعلان ڪري ٿو ته اها جمهوريت جي بنيادي اصولن جي خلاف آهي. ان کان علاوه، ايم ڪيو ايم جي موقف ۾ تضاد پڻ نظر اچي ٿو. هڪ طرف اهي عوام جي حقن ۽ آئين تي عملدرآمد جو نعرو هڻن ٿا ته ٻئي طرف اهي ٻين صوبن ۽ علائقن جي حقن تي ڌيان ڏيڻ کان قاصر آهن. جيڪڏهن پيپلز پارٽي يا ڪنهن ٻئي

منصوبا نه پر صرف بنيادي انتظامي ڪمن جو حصو آهن. اهڙي طريقي سان سياسي جماعتن جو ڪم صرف عوام کي ڏاڍائي ۽ احتجاج ذريعي دٻاءُ ۾ رکڻ بڻجي ٿو جيڪو ڪنهن به صحتمند جمهوريت لاءِ نقصانڪار آهي. آخر ۾ مان اها ڳالهه زور سان چاهيان ٿو ته ايم ڪيو ايم جا مطالبا صرف سياسي ۽ علائقائي مفادن تائين محدود آهن، جيڪي آئين جي روح ۽ عوامي مفادن جي لحاظ کان شڪ جوڳا آهن. جيڪڏهن ڪنهن به جماعت کي عدالت ۽ روڊن تي احتجاج ذريعي پنهنجا مطالبا مڃرائڻا آهن ته اها جمهوري عمل ۾ خلل پيدا ڪري ٿي ۽ ٻين علائقن جي عوام جي حقن کي نظرانداز ڪندي آهي. جمهوريت ۾ مسئلن جو حل سياسي بحث، قانوني حڪمت عملي ۽ شفاف انتظامي عمل سان ٿيڻ گهرجي نه ڪي ڌمڪيون ۽ مخصوص علائقائي مفادن تي زور ڏيڻ سان. هيو ته سنڌ ڪروڙين ماڻهن جو وطن رهي آهي، اُن کي جيڪڏهن ڪو ٽوڙڻ جي ڳالهه ڪندو ته اُن خلاف ڪروڌ ۽ ڪاوڙ فطري بڻجي ٿو. تنهن ڪري ايم ڪيو ايم کي نفرتن جي راند ڇڏي پائيچاري جي ڳالهه ڪرڻ گهرجي.

عاشق حسين پنهور، سکر

غزه جو امن

غزه ۾ امن جي هلندڙ ڪوششن تي هاڻي پاليسي کان وڌيڪ انساني دلين جو زور ضروري آهي. جنهن لمحي وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ پرڏيهي کاتي جهڙين قيادتن حماس جي مشروط ردعمل کي جنگ بنديءَ جو سنهرو موقعو قرار ڏنو. ان وقت دنيا کي ڪشادي دل سان سوچڻ گهرجي ته هن موقعي کي ضايع ٿيڻ کان ڪيئن بچايو وڃي. پاڪستان جو موقف- هميشه فلسطيني عوام جي پاسي ۾ بيهڻ- ايئن ٿي رڳو سياسي نعرو نه، پر اخلاقي ذميواريءَ جو اظهار آهي. پر لفظن کان اڳ عمل ۽ مستقل عالمي دٻاءُ لازمي آهي. ايڏي وڏي انساني تباهيءَ جي پسمنظر ۾، جيڪا رپورٽن موجب دهشتگرديءَ جي بدران جنم وٺندڙ بدترين شهيدن ۽ زخمين جو منظر پيش ڪري رهي آهي، دنيا جو ضمير سُتل آهي. هزارين معصوم عورتون، ٻار ۽ بزرگ خندقن ۾ پنهنجون زندگيون وڃائي رهيا آهن. اسپتال ۽ بنيادي سهولتون تباهه ٿي چڪيون آهن. خوراڪ ۽ دوائن جي گهٽتائي ماڻهن کي زنده رکڻ جا چيلينج پيدا ڪري رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ ڪنهن به قسم جي جنگي تبديليءَ کي سياسي مفادن جي چشمي سان ڏسڻ وڏي ناانصافي آهي. اهو پڻ ياد رکڻ گهرجي ته هر جنگ بنديءَ کان پوءِ به اقتصادي ۽ سماجي

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ فيملي جج-I هالا
گارڊين ايپليڪيشن نمبر..... سال 2025

شڪيل احمد پٽ محمد يعقوب مسلم بالغ ذات ميمڻ رهندڙ محلا پڙو هالا نيو تعلقو هالا ضلعو مٽياري. موبائل نمبر: 3359302-0307....ايپليڪينٽ...خلاف: صنم حسين ميمڻ زال شڪيل احمد مسلم بالغ ذات ميمڻ رهندڙ محلا پڙو هالا نيو تعلقو هالا ضلعو مٽياري، جنرل پبلڪ ايٽ لارج.. آپوزيٽس... مائنر نالي: (1) Sabiqa فاطمه (عمر اٽڪل 11 سال) (2) Sanika فاطمه (عمر اٽڪل 10 سال) ٻئي مائنر ڌيئرون شڪيل احمد...مائنر/وارڊ

نالي مٿين آپوزيٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف ايپليڪيشن انڊر سيڪشن 7، 10، 29 آف گارڊين اينڊ وارڊس ايڪٽ 1890 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 01-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ فيملي جج-I هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ فيملي جج-I هالا
فيملي سوٽ نمبر87 سال 2025

مسمات انيسه ڌيءُ حاجي محمد زال اعجاز ذات سومرو حال رهندڙ فقير ڪالوني ڀٽ شاهه تعلقو هالا ضلعو مٽياري . پليٽنف . خلاف. اعجاز ولد عثمان ذات سومرو رهندڙ سفورا گوٺ ڪراچي سيل نمبر 03032238702...ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 22-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ فيملي جج-I هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب VIth ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد
سمري سوٽ نمبر..... سال 2025

محمد شريف پٽ محمد غني رهندڙ هائوس نمبر 655/B محلا اماني شاهه ڪالوني يونٽ نمبر 11 لطيف آباد حيدرآباد...پليٽنف...خلاف: شهزاد احمد شاهه پٽ سيد خورشيد احمد شاهه مسلم ذات سيد رهندڙ هائوس نمبر 514/1 محلا ويجهو پراڻي عيدگاهه صدر ڪينٽ حيدرآباد....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف سمري سوٽ يو/او XXXVII رول II سي پي سي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

VIth ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب IXth ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد
سڪسيشن ايپليڪيشن نمبر 195 سال 2025

ڪامران مبين خان پٽ مرحوم مبين احمد خان ميئو رهندڙ هائوس نمبر 262 بلاڪ-بي محلا ايوب ڪالوني يونٽ نمبر 11 لطيف آباد حيدرآباد...ايپليڪينٽ...خلاف: (1) مسمات صوفيه نصير (2) مسمات فوزيه مبين (3) مسمات شازيه آصف سڀ ڌيئرون مرحوم مبين احمد خان ميئو سڀ مسلم بالغ رهندڙ هائوس نمبر262 بلاڪ-B محلا ايوب ڪالوني يونٽ نمبر 11 لطيف آباد حيدرآباد ۽ ٻيا.....ريسپانڊنٽس

نالي مٿين ريسپانڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي مرحوم مبين احمد خان ميئو ولد منير احمد خان ميئو وفات جي تاريخ 01-05-2025 هنڌ حيدرآباد پراپرٽي جو شيڊيول (1) اين ايس سي برانچ گاڏي کاتو حيدرآباد (2) اين ايس سي برانچ-II يونٽ نمبر 2 لطيف آباد (3 اين ايس سي برانچ-III لطيف آباد نمبر7 (4) اين ايس سي برانچ پريس ڪلب حيدرآباد (5) يو بي ايل قائد اعظم روڊ-0536 حيدرآباد (6) سينٽرل ڊيپوزيٽري ڪمپني (CDC) آف پاڪستان لميٽيڊ CDC هائوس نمبر B-99 بلاڪ-B S.M.C.H.S مين شاهراهه فيصل ڪراچي. گروي ٿيل پراپرٽي جو شيڊيول: (1) پلاٽ نمبر 262 بلاڪ نمبر B شاهه لطيف يونٽ نمبر11 نيو لطيف آباد حيدرآباد سيٽلائيٽ ٽائون اسڪيم حيدرآباد (2) پلاٽ نمبر:B-49 ايراضي 240 اسڪوائر يارڊس ''بي'' ٽائيپ ايٽ ڪوهسار هائوسنگ اسڪيم ايڇ ڊي اي اسڪيم نمبر5 حيدرآباد . تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 25-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

IXth ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سول جج / جي ايم / ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ ڄامشورو
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر سال 2025
ان فيملي سوٽ نمبر 84 سال 2022

مسمات ثميند ڌيءُ محرم علي ذات پاهي رهندڙ گوٺ لاکو فقير ڄامشورو...پليٽنف...خلاف: نويد احمد ولد نيڪ محمد ذات پاهي رهندڙ گوٺ لاکو فقير ڄامشورو....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 13 فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج / جي ايم / ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ ڄامشورو

عاق نامون

اٿون پنهنجي هوش ۽ حواس سان اقرار ٿو ڪيان ۽ لکي ٿو ڏيان ته نالي عبدالرحمان جيڪو منهنجو حقيقي پٽ آهي جيڪو بري صحبت ۾ اچي چڪو آهي ۽ غلط ماڻهن سان اٿڻ ويهڻ آهي ۽ غلط فعلن ۾ ملوث/شامل ٿي چڪو آهي جنهن ڪري مان هن لکت ذريعي پاڻ ۽ پارڻ پنهنجي ٻي اولاد ۽ گهر ڀاتين جي طرفان پنهنجي عام طرح جائيداد منقولا ۽ غير منقولا جائيداد مان هر طرح سان عاق ۽ لاتعلق ڪيان ٿو ڪين سان اڄ کان پوءِ منهنجو يا منهنجي ڪنهن به گهر جي فرد جو ڪو به تعلق نه آهي ۽ نه رهندو ۽ جو ڪو به فعل ڪري ٿو ان جو ذميوار اهو خود هوندو ان سان منهنجو يا منهنجي ٻي اولاد جو ڪو به واسطو نه رهندو اگر ڪو به شخص ان سان ڏيتي ليتي ڪندو ته ان جو ذميوار اهو خود هوندو

واصل خان ولد لعل خان ويٺل محلہ گوليمار ڪيمپ نمبر 2 نوابشاهه شناختي ڪارڊ نمبر 4540234356963

عام اطلاع

هر عام خاص کي اطلاع ڏيڻو ٿو ته عرضدار نالي علي رضا ولد محمد امين چنڊ رهندڙ گوٺ جيٺمل ڪوٽ تعلقومٽياري اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي محمدامين چنڊ ولداحمدخان چنڊ تاريخ 2023 - 9 - 09 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 128 ،124 ،2، / 123 ايراضي حصي موجب ديهه اميلپور ٽپو ايڊيشنل ڪاٺي تعلقه حيدرآباد ۾ آهي جنهن جوفوتي کاتو تبديل ڪري ڏنوءجي فوتي فوت ٿيڻ کان پوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن ٿالن نالي يارمحمدچنڊ،محسن چنڊ اوهان جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي. (1) علي رضا پٽ (2) عارف رضا پٽ (3)حسنين رضا پٽ (4) طارق احمد پٽ (5) عشرت خاتون (بيواهه). جن جي نالن تي فوتي کاتاتبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪو به جائزوارث هجڻ دعويٰ ڪري ٿو ته ڪيس فوتي کاتاتبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي ستن ڏينهن اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جکرا قائڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معيادگذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض ياڻ دعوا قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقه حيدرآباد

عام اطلاع

هن اشتهار ذريعي وابسته ماڻهن کي اطلاع ٿو ڪجي ته منير احمد ولد فتح محمد منگريو مختيارڪار روينيو خيرپورناٿن شاهه کي درخواست ڏني آهي ته سندس جو والد صاحب نالي فتح محمد ولد محمد زمان منگريو کي ديهه چنڊڻ ٽپو اي- مير محمد تعلقو خيرپورناٿن شاهه ۾ زرعي زمين آهي ۽ فتح محمد ولد محمد زمان منگريو فوت ٿي چڪو آهي ۽ پويان ڇڏيل وارثن ۾ فقط اولاد: (1) منير احمد ولد فتح محمد منگريو (2) نور احمد ولد فتح محمد منگريو اولاد اٿس انهن کان علاوه ٻيو ڪوبه وارث ڪونه اٿس جيڪڏهن ٻيو ڪوبه وارث اٿس يا ڪنهن کي اعتراض آهي ته پنهنجو اعتراض 07 ڏينهن جي اندر مختيارڪار آفيس روينيو خيرپورناٿن شاهه ۾ جمع ڪرائيندا 07 ڏينهن کانپوءِ اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو

مختيارڪار (روينيو) خيرپورناٿن شاهه

ڪورٽ نوٽيس

سول اينڊ فيملي جج اينڊ جي ايم-III ميرپورخاص
فيملي سوٽ نمبر92 سال 2025

شريمتي Niyan ڌيءُ جيوو زال ڪرشن ذات لوهر رهندڙ صوفي ٽائون ويجهو سبزي منڊي تعلقو حسين بخش مري ضلعو ميرپورخاص.. پليٽنف..خلاف: ڪرشن پٽ بهاري لوهر رهندڙ مالهي ڪالوني ويجهو بابو شاهه بنگلو ميرپورخاص....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف جڊيشل سيپريشن ۽ رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج اينڊ جي ايم-III ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه
ايف ايس نمبر107 سال 2025

مسمات ثانيه زال غلام رضا ڌيءُ موندر مشوري ويٺل مجر ڪالوني ڪي اين شاهه ضلعو دادو...پليٽنف...خلاف: غلام رضا ولد پيروز فقير مشوري ويٺل گوٺ ميان نصير محمد تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، مينٽيننس، رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز، ڊليوري ايڪسپينسز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 25-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول ڪورٽ ڪي اين شاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج VII حيدرآباد
سڪسيشن ايپليڪيشن نمبر214 سال 2025

مسمات عليزه ڌيءُ مرحوم لياقت علي بالغ مسلم رهندڙ هائوس نمبر D-43 محلا گلشن مهراڻ قاسم آباد حيدرآباد...ايپليڪينٽ...خلاف: (1) مسمات چنل خاتون زال Dharoon خان (2) مسمات شانزه فاطمه ڌيءُ مرحوم لياقت علي (3) شيرين فاطمه ڌيءُ مرحوم لياقت علي (مائنر) سيريل نمبر1 ۽ 2 بالغ سيريل نمبر3 مائنر مسلم رهندڙ هائوس d-43 محلا گلشن مهراڻ قاسم آباد حيدرآباد (4) مختيارڪار تعلقو قاسم آباد SRTC گرائونڊ سامهون اسٽيٽ لائف بلڊنگ ٿڌي سڙڪ حيدرآباد (5) مئنيجر يونائيٽيڊ بينڪ لميٽيڊ قاسم آباد برانچ حيدرآباد (6) جنرل پبلڪ ايٽ لارج....آپوزيٽس

نالي مٿين آپوزيٽس/ سمورن واسطيدار ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست داخل ڪئي آهي. زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ 1925 تحت سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي مرحوم لياقت علي ولد ڏاڙهون خان وفات جي تاريخ 16-05-2025 شناختي ڪارڊ نمبر: 41306-0246854-1. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 26-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

VIIth ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي/گارڊين جج گولاڙچي
(روبرو جناب عرفان علي خواجه)
گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر..... سال 2025

علي بخش پٽ بخت علي چانڊيو رهندڙ گوٺ بادل خان چانڊيو تعلقو ايس ايف راهو ضلعو بدين...ايپليڪينٽ..خلاف: (1) عاشق حسين (2) شوڪت علي (3) مسمات نسرين (4) مسمات ممتاز سڀ پٽ ڌيءُ بخت علي رهندڙ گوٺ بادل خان چانڊيو تعلقو ايس ايف راهو ضلعو بدين... آپوزيٽس... (1) انچارج نادرا ايس ايف راهو (2) ايس ايڇ او پي ايس ڪڙيو گهنور (3) ڊي مختيارڪار (روينيو) ايس ايف راهو (4) پبلڪ ايٽ لارج....ريسپانڊنٽس

نالي مٿين آپوزيٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7، 17 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي. متي ڄاڻايل آپوزيٽس جي گارڊين جي مقرري اميگريشن/ پاسپورٽ وغيره لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 27-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج/فيملي جج گولاڙچي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج-I ڪنري
(روبرو جناب جئي سورج)
فيملي ايگزيڪيوشن نمبر07 سال 2025
فيملي سوٽ نمبر 23 سال 2025

شريمتي هنجو ڌيءُ لکمڻ بالغ هندو ڪولهي رهندڙ گوٺ ميمڻ ڪنري تعلقو ڪنري ضلعو عمرڪوٽ...پليٽنف..خلاف: ڪانجي پٽ جينو بالغ هندو ڪولهي رهندڙ گوٺ رنگي موري ڪولهي ڪالوني ويجهو منشي گوٺ تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊوالهيار....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين آپوزيٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف ايگزيڪيوٽو ايپليڪيشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 22-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي ڪورٽ-I ڪنري

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج-XII حيدرآباد
گارڊين اينڊ وارڊس ايپليڪيشن نمبر484 سال 2025

مسمات مهرالنساءِ زال فيصل علي رضا رهندڙ هائوس نمبر C-22 خير شاهه جو پڙ ويجهو ڊومڻ واهه روڊ حيدرآباد....ايپليڪينٽ...خلاف: جنرل پبلڪ ايٽ لارج...آپوزيٽس... بخت فاطمه عمر اٽڪل 18 سال....مائنر

نالي مٿين آپوزيٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف ايپليڪيشن يو/ايس 7 ۽ 10 آف گارڊين اينڊ وارڊس ايڪٽ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 02-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

XIIth سول اينڊ فيملي جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج-II ٽنڊوالهيار
فيملي سوٽ نمبر..... سال 2025

شريمتي لڇمي ڌيءُ پورو ڪولهي بالغ هندو رهندڙ گوٺ حاجي علو ساهيوال تعلقو جهنڊو مري ۽ ضلعو ٽنڊوالهيار. پي.ايس عمر ساند..پليٽنف..خلاف: سترام پٽ هرسن بالغ هندو ذات ڪچي ڪولهي رهندڙ گوٺ عبدالقيوم ساند تعلقو جهنڊو مري ۽ ضلعو ٽنڊوالهيار سيل نمبر: 03283972722....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين آپوزيٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف جڊيشل سيپريشن. رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 04-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج-II ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر527 سال 2025

مسمات زبيده زال مير خان زرداري رهندڙ ويجهو نور مصطفيٰ مسجد دولت ڪالوني نوابشاهه ...پليٽنف....خلاف: مير خان زرداري پٽ شمس الدين زرداري رهندڙ گوٺ فقير محمد زرداري ويجهو لنڊي شاخ شاپ قاضي احمد روڊ تعلقو نوابشاهه . سيل نمبر: 0301-2194623....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين آپوزيٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پليٽنف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس اينڊ رڪوري آف حق مهر 50000 رپيا لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 27-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

عام اطلاع

هر عام خاص کي اطلاع ڏيڻو ٿو ته عرضدار نالي مشتاق علي ٿالبر ولد لطف علي رهندڙ گوٺ حسين خان ٿوڙهو تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي مسمات حوا ڌيءُ حسين علي تاريخ 17-08-1960 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 132,125,126/A ۽ ٻيا ايراضي حصي موجب ديهه تکيو جيوڻ شاهه رعيتي ٽپو مولان تعلقه حيدرآباد ۾ آهي جنهن جوفوتي کاتو تبديل ڪري ڏنوءجي فوتي فوت ٿيڻ کان پوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي. فوتين جو فقه جعفريه سان واسطو هو فوتي محمد رحيم (پٽ) محمد رحيم مورخ 03-02-1969 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث (1) فوتڻ مسمات فاطمه عرف ڦاپو زال گهمڻ (ڌي) مسمات فاطمه عرف ڦاپو مورخ 03-10-1990 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث فوتڻ مسمات جنان (ڌي) مسمات جنان زال لطف علي مورخ 20-04-1991 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث (1) مشتاق علي (پٽ)(2) مسمات بانوي (ڌي) (3) مسمات پراڻي (ڌي) جن جي نالن تي فوتي کاتاتبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪو به جائزوارث هجڻ دعويٰ ڪري ٿو ته ڪيس فوتي کاتاتبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي ستن ڏينهن اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جکرا قائڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معيادگذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض ياڻ دعوا قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقه حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي عبدالغفور ولد عبدالغني جت درخواست ڏني آهي ته سندس پيءُ نالي عبدالغني ولد مراد جت جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه سرووڙو ٽپو سرووڙو تعلقه بدين سروي نمبر 72 ۽ ٻين ۾ زرعي زمين ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي روينيو کاتي تعلقي بدين ۾ سندس نالي سروي زرعي زمين آهي سندس کاتي ۾ غلطي سبب فوتي جو نالو عبدالڪريم ولد مراد جت لکجي ويو آهي جيڪو غلط آهي جنهنکي درست ڪري صحيح نالو عبدالغني ولد مراد جت آهي جنهن کي روينيو رڪارڊ ۾ درست ڪري درستگي ڪئي وڃي تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ڏو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

اسسٽنٽ ڪمشنر روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي احمد خان ولد حاجي الهڏنو پرڳڙي درخواست ڏني آهي ته هن جي پاڇائي نالي مسمات جندو زال حاجي سعيد خان پرڳڙي جيڪا فوت ٿي ويل آهي فوتڻ کي ديهه بدين ٽپو بدين تعلقي بدين ۾ سروي نمبر 105 مان ايراضي 29761 چورس فوٽ پلاٽ مان گڏيل حصيداري مان ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام شهر بدين تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي شاهدن جي شاهدي موجب فوتڻ کي پنهنجي مڙس جي حصي مان مليل حصو آهي فوتڻ جو سندس ڪوبه اولاد نه هجڻ ڪري سندس حصي جا جائز وارث فوتڻ جا پاڻ ثابت ٿيا آهن انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري بن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتڻ جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتڻ مسمات جندو زال حاجي سعيد خان پرڳڙي جا جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 محمد صديق پٽ خدا بخش پرڳڙي پاءُ فوتڻ جو 2 غلام مصطفيٰ پٽ خدا بخش پرڳڙي پاءُ فوتڻ جو فوت جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ڏو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتڻ جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي الهه بخش ولد مراد سومرو درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي مراد ولد احمد سومرو جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه سونهر ٽپو بدين تعلقي بدين سروي نمبر 176 مان ايراضي 20_1 ايڪڙ حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام گوٺ بدين سومرو تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري بن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي مراد ولد احمد سومرو جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 محمد قاسم پٽ فوتي جو 2 علي احمد پٽ فوتي جو فوت 3 محمد يعقوب پٽ فوتي جو 4 محمد رحيم پٽ فوتي جو 5 الهه بخش پٽ فوتي جو فوت جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ڏو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

بقايا 1 | مخدوم جميل

مزار تي گلن جون چادرون چاڙهي دعا گهري ان موقعي تي مخدوم جميل الزمان ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مخدوم امين فهيم پنهنجي سموري حياتي پيپلزپارٽي سان رهيا ۽ عوام جي خدمت ڪئي مخدوم امين فهيم جي ڪاوشن جي ڪري مخدوم خاندان ۽ سروري جماعت پيپلزپارٽي ۾ شامل ٿيا هن چيو ته اٺون هالا مٽياري سنڌ جي عوام سميت سروري جماعت کي خراج محبت پيش ڪريان ٿو جن اسان سان ساٿ نڀايو آهي هن چيو ته ستاويهين ترميم ۾ عوام کي ڪوبہ نقصان نه آهي ڪجهه ٽيڪنيڪل مسئلا آهن جن کي حل ڪيو ويو آهي ته جيئن ملڪ ترقي ڪري سگهي. مخدوم جميل الزمان چيو ته سنڌ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ جو شوشو ڇڏيو ويو آهي جنهن جي ڪابه ضرورت نه آهي بلڪ مقين صوبن ۾ ضلعا ٺاهڻ جي ضرورت آهي ملڪ ۾ سياسي صورتحال بهتر آهي سيني کان وڌيڪ بلاول ڀٽو زرداري جي پاليسي آهي جنهن تحت هو سيني کي گڏ ڪئي هلي رهيو آهي مخدوم محمد امين فهيم جي ڏهين ورسي جي موقعي تي مٽياري ضلعي حڪومت پاران سڄي ضلعي ۾ عام موڪل جو اعلان پڻ ڪيو ويو هو جڏهن ته ميونسپل ڪميٽي طرفان شهر ۾ صفائي ستھرائي جا انتظام مڪمل ڪري سيڪيورٽي جا انتظام پڻ سخت ڪيا ويا

بقايا 2 | اسپتال منتقل

سخت زخمي ٿي پيو سندس مٿي ۾ ڌڪ لڳڻ سبب شديد زخمي ٿيو پوليس ٽريڪٽر ٽرالي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڊگهڙي ٿاڻي منتقل ڪري ڇڏي

بقايا 3 | چيپاتجي فوت

ڪري لاڙڪاڻي رفر ڪيو ويو جيڪو زخمن جا سور نه سهندي رستي ۾ فوت ٿي ويو پوليس برووقت ڪارروائي ڪري المڪه ڪوچ ۽ ان جو ڪنڊيڪٽر سفيان علي گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو ان موقعي تي وارثن جو چوڻ هو ته مرحوم ممتاز علي جکرو پنهنجي ٻچن جو گذر سفر ڪرڻ لاءِ ڪير ڪٽي شهر طرف وڃي رهيو هو ته هي واقعو پيش آيو ايس ايڇ او ممتاز علي سومرو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان کي جيئن ئي اطلاع مليو ته اسان برووقت پهچي ڪارروائي ڪري ڪوچ جو ڪنڊيڪٽر ۽ ڪوچ پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

بقايا 4 | وضاحت طلب

ٻڙا اسڪول جو دورو ڪيو جتي ڄاڻايل ماسترياڻيون موجود نه هئيون اسڪول جي شاگردن ٻڌايو ته ڄاڻايل ماسترياڻيون روزاني جي بنياد تي دير سان اينديون آهن جڏهن ته ماسترياڻيون دير سان اسڪول پهچڻ بعد تعلقه ايجوڪيشن آفيسر سان بداخلاقي ڪئي ۽ مثبت جواب نه ڏنو ليٽر ۾ ڄاڻايل 6 ماسترياڻين کي 3 ڏينهن اندر وضاحت ڏيڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي ٻي صورت ۾ سنڌن خلاف ڪارروائي جو چٽاءُ ڏنو ويو آهي واضح رهي ته خيرپور شهر سميت ضلعي جي ڪيترن ئي اسڪولن ۾ ماستر توڙي ماسترياڻيون اسيمبلي جي وقت اسڪول ۾ موجود نه رهڻ ۽ دير سان اچڻ جا عادي آهن.

بقايا 5 | 23شڪي

وٺي آپريشن گوٺ سلطان ڪليري ماجو ڪليري ڊرب مهير شاهه سميت مختلف علائقن ۾ ڪيو ايس ايس پي خيرپور حسن سردار نيازي چيو ته ضلعي جو امن خراب ڪندڙ ڪي بخش نه ڪبو ۽ جوابدارن جي گرفتاريءَ تائين آپريشن جاري رهندو

ايس ايس پي وڌيڪ چيو ته شڪ جي بنياد تي گرفتار ڪيل ماڻهن کي اڻڄاتل هنڌن ڏانهن منتقل ڪيو ويو آهي جن کان پڇا ڳاڇا وارو عمل جاري آهي ٻي طرف قبائلي دشمنين ۾ 4ڏڻن کان وڌيڪ ماڻهو قتل ٿي چڪا آهن خيرپور ضلعو قبائلي دشمنين ۾ سڀ کان پهرين نمبر تي آهي قبائلي دشمنين جي ڪري ڪنگري ۽ ڪمبٽ جا علائقا ويران ٿي ويا آهن خيرپور جي سماجي اڳواڻن اپيل ڪئي آهي ته خيرپور ۾ قبائلي دشمنين کي ختم ڪرڻ لاءِ ضلعي انتظاميه کي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

بقايا 6 | مدد جي اپيل

گذارڻ تي مجبور اڪيلو ڪمائڻ وارو آهيان گهر واري جو علاج ڪرائڻ جي توفيق ناهي مدد ڪئي وڃي : خميسو ماڇي سون ڪي هڪ نياڻي جو اولاد مزدوري ڪندو آهيان گهر جي ڇت لاءِ به پريشان آهيان وس وارا واهر ڪن : پوروهيت

بقايا 7 | گرفتار

فائرنگ شروع ڪري ڏني فائرنگ جي نتيجي ۾ پوليس سان گڏ ويل مبينا منشيات فروش احسان ماڇهي زخمي ٿي پيو جنهن کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو فرار ٿيل منشيات فروشن جي ڳولا لاءِ ڪارروائيون جاري آهن. جڏهن ته گرفتار ملزم جو ڪريمنل رڪارڊ ضلع جي مختلف ٿاڻن مان حاصل ڪيو پيو وڃي

بقايا 8 | تدفين

تدفين ماحول کي سوگوار بڻائي ڇڏيو ، فوت ٿي ويل ٻئي نوجوان هڪ ٻئي جا سوٽ هئا جيڪي گذريل رات حادثي ۾ فوت ٿي ويا ، فوتين مان ريحان علي ولد محمد علي ٽنڊو محمد خان جو رهواسي هو جڏهن ته سندس سوٽ اسامه ولد ياسين ٽاڙو ٽنڊو محمد خان مان حيدرآباد رهائش اختيار ڪئي هئي جڏهن ته فوتي ريحان علي کي معذور ڪوٽا مان پبلڪ هيلٿ کاتي ۾ ملازمت پڻ مليل هئي . فوتين جي وفات سلسلي ۾ سنڌن عزيزن ٽنڊو محمد خان شهر جي واڻ بازار ۾ تعزيتن لاءِ ٽاڙو وڇايو آهي جنازي ۾ علائقي جي سياسي سماجي مذهبي شخصيتن عوام وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي . هوڏانهن حادثي جو سبب بڻيل ٽريلر ڊرائيور ٽريلر سميت پوليس جي حراست ۾ آهي پر ٻي ڏينهن تائين واقعي بابت وارثن طرفان ڪا به ايف آءِ آر داخل نه ڪئي وئي آهي.

بقايا 9 | گرفتار

مال ۽ ٻيو قيمتي سامان قبضو ڪيو ويو ذريعن موجب پوليس علائقي ۾ داخل ٿي، ناڪابندي، گشت ۽ شڪي هنڌن تي ڇاپا ۽ تلاشيون ورتيون. پوليس جو چوڻ آهي ته هي آپريشن ڦر اغوا ۽ ٻين ڏوهن جي وارداتن کي روڪڻ لاءِ ڪيو ويو آهي ۽ مستقبل ۾ وڌيڪ ڪارروائيون جاري رهنديون ڳوٺاڻن موجب ان واقعي سبب علائقي ۾ خوف ۽ بيچيني وڌي وئي آهي...

بقايا 10 | هٿ نه آيو

بعد ريسڪيو آپريشن شروع ڪيو ويو ۾ ريسڪيو ٽيم جي مسلسل ڪوشش باوجود نوجوان هٿ نه اچي سگهيو اي سي سوڀوديرو پاران وارثن کي يقين ڏياريو ته نوجوان جي ڳولها ۾ هر ممڪن مدد ڪئي ويندي ان موقعي تي باني پريس ڪلب سيٽارجا سنئير صحافي گلاب علي سهتو رسول بخش سهتو ٽيپدار عامر سومرونثار احمد,اطهر علي، ۽ ٻيا موجود هئا

بقايا 11 | احتجاج

ڪري سگهي آهي پوليس قاتلن جي خلاف ڪجهه نه ڪيو آهي فريادي اڪبر چوليائي دانهن ڪئي پريس ڪلب پهتو جتي فريادي احتجاج ڪندي چيو ته منهنجي ڇاچي نور حسن چوليائي ۽ سندس پٽ نائب چوليائي کي بنگلاڻي برادري جي ڏوهاري قتل ڪيو آهي ڪرمپور ٿاڻي تي جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو آهي پر پوليس قاتل جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ بدران ايس ايڇ او فون بند ڪري ملڻ لاءِ به تيار نه آهي پوليس جي نااهلي سبب خوني ٽڪرار پيدا ٿيڻ جو خدشو آهي اسين پرامن رهڻ چاهيون ٿا ڪنهن به قانوني رستو اختيار ڪري قاتلن کي سزا ڏيارڻ چاهيون ٿا ميڊيا ذريعي ايس ايس پي محمد مراد گهانگهرو ۽ وس وارن کان مطالبو ڪيون ٿا ته قاتل جوابدار گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ اسين قاتلن جي گرفتاري لاءِ انبس هاري تي احتجاجي ڌرڻو هڻنداسين.

بقايا 12 | محمد علي شاهه

استقبال ڪيو انهي تقريب ۾ آجيائڻو پيش ڪندي شاهنواز شورو چيو ته پ پ عوام جي دلين ۾ راڄ ڪري ٿي هتان جي ماڻهن هميشه پارٽي سان ساٿ نڀايو مگر هتان جي چونڊيل نمائندن هميشه عوام جي ڀلائي لاءِ ڪجهه نه ڪيو جنهن ڪري سوين ڳوٺن کي گئس جي سهولت به ميسر ناهي هتي مڊل اسڪول شاخ منظور ڪرائي هزارين خاندانن کي روزگار فراهم ڪرڻ ۾ ڄاموٽ خاندان جو وڏو هٿ آهي اسان کي اميد آهي ته ايندڙ وقت ۾ به عوام جي بهتري لاءِ پاڻ ڀرپور ڪوشش جاري رکندا انهي تقريب کي خطاب ڪندي سيد محمد علي شاهه ڄاموٽ چيو ته پ پ جون پاڙون عوام ۾ کتل آهن اسان هميشه عوام جي بنا فرق خدمت ڪئي ڪڏهن به ڪنهن کي اڪيلو ناهي ڇڏيو هر دور ۾ عوام جي ڀلي لاءِ نمايان ڪردار ادا ڪيو پنهنجي ضلعي ناظمي واري دور ۾ پوري ضلعي اندر رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا مگر هتي پهچي اڄ اٿين محسوس ٿيو ته هيڏي وڏي علائقي جي ماڻهن کي گئس سميت ٻين سهولتن نه ملڻ تي افسوس ٿئي ٿو انشاالله ايندڙ دور ۾ عوام جا مسئلا ترجيح بنياد تي حل ڪرايا ويندا . انهي تقريب ۾ ساٿن گڏ سيد نويد حيدر شاهه سيد عبدالعزيز شاهه وڏيرو شير محمد سمون خان اڀڙو حاجي پرويز ميمڻ قمر ميمڻ وڏيرو هونڊل شورو مرتضي شورو خير محمد شورو رئيس الهه ڏنو ڪوسو يوسي چيئرمين وڏيرو ميهار سهتو ڪائونسلر گل محمد ڪوسو فرمان سمون غلام شبير ابڙو علي حسن ڪوسو سميت ٻيا ساٿي گڏ هيا آخر ۾ يوم تاسيس جو ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو

بقايا 13 | احتجاج

ضلعي قيادت سيد هزار شاهه ايڊوائيزر هاءِ ڪورٽ سينئر مظهر حسين مگريو ڪامران دل سجاد دل ڪليم الله بجاراڻي احسان برو هيرو خان سومرو ۽ ٻيا، ڪارڪنن ۽ وڏي تعداد ۾ پرامن شهري شرڪت ڪئي مظاهرين پنهنجو احتجاج پرجوش ۽ پرامن انداز ۾ رڪارڊ ڪرايو ملڪ ۾ آئين جي بالادستي، جمهوري قدرن جي تحفظ ۽ وڪيلن جي تحريڪن لاءِ پنهنجي غير متزلزل حمايت جو اظهار ڪيو

بقايا 14 | زخمي

رکيو مرڻائي جتوئي زخمي ٿيڻ جا اطلاع...

بقايا 15 | رياض چانڊيو

عوام لاءِ عذاب بڻايو ويو آهي استاد چاڪر عزيز جکرو ۽ ڏيپلو ۾ رمضان ڪوسو جو قتل عدالت کان معافهون آهي پوليس کي هاف ۽ فل فرائي جو لائسنس ۽ جبري نوجوانن کي کڻي گم ڪرڻ جو ٺيڪو مليل آهي. هن چيو ته سانگهڙ ضلعو تيل گئس معدني وسيلن سان مالا مال هجڻ باوجود هتي يونيورسٽيءَ تعليم اسپتالون هجڻ گهرجن ها پر عوام جي ڀلائي ترقي لاءِ ڪي به جوڳا اپاءَ ناهن ورتا ويا نه ئي سنڌ جي اقتصادي ۽ معاشي صورتحال ۾ ڪا بهتري آئي آهي هن استاد چاڪر عزيز جکرو ۽ رمضان ڪوسو واقعي جي جوڊيشل انڪوائري جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 16 | ڪيس داخل

فصل ۾ لهي ويا اهڙو اطلاع اڳڙا پوليس جي ايس ايڇ او امداد علي شيخ کي ڏنو جيڪو نفري ساڻ ڪري برووقت پهچي ويو ان موقعي تي منهنجي فون تي نامعلوم نمبر تان ڪال آئي جنهن پنهنجو نالو بچل عرف بچو ڪورائي ٻڌايو ۽ ڌمڪي ڏيندي چيو ته "منهنجي هٿيارٻندن پاران ڪيل فائرنگ ۾ بچي وئين ڇا؟ ، ٻيهر تو تي حملو ڪندس تيار رهي چڪ" هن وڌيڪ ٻڌائيندي چيو ته صبح ٿيڻ تي پيرائن ۽ ڪوچي ڪتن معرفت پيرا ڪڍايا سين جيڪي گوٺ صوبدار لاشاريءِ ۾ سعيد ولد محمد علي لاشاري ۽ سور ولد رمضان لاشاري جي گهر ۾ لڳا . ٻئي طرف آصف علي ڪورائي اڳڙا ٿاڻي تي پهچي پنهنجن جوابدارن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرائي ڇڏي جن ۾ سور ولد رمضان لاشاري ، سعيد ولد محمد علي لاشاري ۽ ٽي نامعلوم ماڻهو شامل آهن اڳڙا پوليس جوابدارن جي گهرن تي چڙهائي ڪئي ته جوابدار فرار ٿي ويا جنهن بعد به ماڻهو عيوضي طور گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيا ۽ ٻي ڏور ميٺن جا ڏڪ حوالي ڪري ڇڏيا.

بقايا 17 | مظاهرو

عباسي،ڊويزن نائب صدر مجاهد ڪليو ڊسٽرڪٽ نائب صدر رزاق ملاح تعلقا صدر ذوالفقار ڪليو تعلقا جنرل سيڪريٽري مشتاق ڪوسو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي

ريلي پريس ڪلب پهتي جتي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته 26هين ۽ 27هين ترميمون عوامي حقن آئين جي بالادستي ۽ جمهوري نظام لاءِ خطرو آهن جيڪي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه آهن هنن چيو ته حڪومت آئين ۾ غيرضروري ترميمون ڪري عوامي نمائندگي ۽ صوبن جي اختيارن کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي

بقايا 18 | ڪيس داخل

کي گرفتار ڪري لاڪ اپ ڪري ڇڏيو ٻئي طرف دادو اي سيڪشن ٿاڻي تي سرڪاري فرياد تي ڏنام نمبر 346/25 تحت 5 سڃاتلن سميت 15ڄڻن تي ڊيوٽي اکڻ، جهيڙي خوف حراس ڦهلائڻ 144 قلم جي ڀڃڪڙي ڪرڻ ڪورٽ ۾ ڏنڊن سان داخل ٿيڻ هل هنگامو ڪرڻ سميت ٻين قلمن هيٺ ڪيس داخل ڪري ورتو آهي. دادو پوليس رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته دادو سيشن ڪورٽ جي مک گيٽ کان زبردستي ٽريڪٽر ٽرالي ۽ ڏنڊا ڏاڪا ۽ لوهي سيخون اندر زبردستي کڻي وڃڻ تي منع ڪرڻ تان دادو جي ڳوٺ احمد خان برهماڻي جي رهواسين ڪورٽ ۾ خوف ڦهلايو روڪڻ تي پوليس اهلڪارن سان جهيڙو ڪيو تنهن بعد 5 ڄڻن کي گرفتار ڪري سندس مٿان سرڪاري فرياد تي ڪيس داخل ڪيو آهي.

بقايا 19 | انڪروچمينٽ آپريشن

آهي _ اها ڪارروائي علي پليس ، لنڊن ٽائون ، نسيم نگر حسين آباد ، واڏو واهه، نيرون ڪوٽ ، بينظير فلائي اوور ۽ اسرا اسپتال سميت ٻين مک علائقن ۾ ڪيو ويو _ حددخلين خلاف ڪارروائي دوران اسٽال ڪيبن روڊ تي قائم پارڪنگ ، شوروموز ، ريسٽورنٽس ۽ ٻين رڪاوٽن کي هٽايو ويو _اينٽي انڪروچمينٽ ٽيم شهرين ۽ دڪاندارن کي سخت وارننگ نوٽيس پڻ جاري ڪيا جڏهن ته ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن ، ٽريفڪ پوليس ۽ لاڳاپيل ادارن جي مشاورت سان وڌيڪ ڪارروائي ڪرڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو ته جيئن اڳتي اهڙي ڪنهن به غير قانوني سرگرمي کي برووقت روڪي سگهجي ڊپٽي ڪمشنر واضح ڪيو ته عوامي جڳهن تي قبضو ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو ۽ شهرن ۾ حددخلين خلاف ڪارروائيون مستقبل ۾ پڻ جاري رهنديون

بقايا 20 | هٿڪڙيون

جاتي منير احمد عدالتي حڪم باوجود ڪيس داخل نه ڪيو جنهن تي فريادي ڌر جي وڪيل اڪبر جماري عدالت ۾ ڪنٽيميٽ (ڪنٽيمپٽ) داخل ڪئي ايس ايڇ او منير احمد ڪلهه عدالت ۾ پيش ٿيو جتي هن مبينه طور غلط بياني ڪئي جنهن تي سيشن جج سخت نوٽيس وٺندي ڪيس هٿ ڪڙيون هڻائي جيل ڪسٽڊي ۾ موڪلڻ جو حڪم جاري ڪيو عدالت ان سلسلي ۾ ايس ايس پي سڄاول عليمہ راڄپر کي به 24 تاريخ تي طلب ڪري ورتو آهي

بقايا 21 | محمد بخش مهر

مسئلا ترقياتي ضرورتون بنيادي سهولتن جي کوٽ، واٽر سپلائي، روڊن جي مرمت، تعليمي ادارن جي حالت، زرعي سهولتن ۽ ٻين سرڪاري خدمتن بابت تفصيلي طور صوبائي وزير محمد بخش خان مهر آڏو پيش ڪيا.شرڪت ڪندڙن طرفان سرڪاري کاتن ۾ غفلت، بدانتظامي ۽ عوامي سهولتن جي غيرموجودگي بابت به شڪايتون پيش ڪيون ويون جن تي صوبائي وزير غور سان ٻڌو ۽ لاڳاپيل کاتن کي فوري قدم کڻڻ جون هدايتون جاري ڪيون. سردار محمد بخش خان مهر ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي جي اعليٰ قيادت عوامي ڀلائي، ترقياتي منصوبن جي اڳڀرائي ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ مڪمل طور سنجيده آهي، ۽ هن دور ۾ عوامي مسئلن جو حل حڪومت جي پهرين ترجيح آهي.هن وڌيڪ چيو ته علائقي جي ترقي، امن امان جي بهتر صورتحال ۽ عوام کي بنيادي سهولتون ڏيڻ لاءِ موثر حڪمت عملي تحت قدم کنيا پيا وڃن ۽ ڪنهن به کاتي ۾ غفلت برداشت نه ڪئي ويندي.صوبائي وزير يقين ڏياريو ته علائقي واسين جا جائز مسئلا جلد حل ڪيا ويندا ۽ ترقياتي ڪم شفاف نموني مڪمل ڪرايا ويندا.

بقايا 22 | لاڙڪاڻو

اظهار ڪيو دعا ڪندي چيو ته الله پاڪ کين مغفرت فرمائي ۽ جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي

بقايا 23 | تقريب

هاري ڪارڊ ۽ مالي سهائتا جي حڪومتي پاليسي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. پي پي ضلعي عمرڪوٽ جي جنرل سيڪريٽري

صوفي نواز سومرو هاري ڪارڊ سروي ۽ رقم ورهاست واري عمل تي تنقيد ڪندي پنهنجي خطاب ۾ چيو ته انهي حوالي سان مقرر پاليسي ميڪرن جا فيصلا انتهائي غلط آهن ضلعي عمرڪوٽ ۾ صرف 8 هزار هاري ڪارڊ ڏنا ويا اڪثر هارين سان زيادتي ڪئي وئي روينيو کاتي جي ريڪارڊ موجب هڪ 1 کان 25 ايڪڙ تائين زمين رکندڙ هر هاري کي هاري ڪارڊ سروي ۾ شامل ڪيو وڃي آنهي سروي ٽوڙي رقم ورهاست واري موقعي تي به پارٽي عهديدارن کي اعتماد ۾ نه پيو ورتو وڃي سنڌ بئنڪ جي مئنيجرن کي فري هينڊ ڏنو ويو آهي ڪارڊ تي محترمه بينظير ڀٽو جي تصوير هجڻ باوجود بئنڪ مينيجر کي ڪهڙي طاقت جو هو پيو پئسا ورهائي ۽ ماڻهن کي تنگ ڪري رلائين پيا پارٽي پاليسي موجب تنظيمي عهديدارن کي اهميت ڏني وڃي ڊي سيز ۽ مختيارڪارن کي پابند ڪيو وڃي ته هر تعلقي ۾ پي پي تعلقي صدر کي سروي ۽ رقم ورهاست وغيره واري موقعي تي ويهاريو سندن هٿان ورهاست ڪرائي وڃي آئين نه ٿيو ته سخت احتجاج ڪنداسين ڪڻڪ جي سبسڊي به پوکائي جي آخري مرحلي ۾ ڏني اهو موقعو وڃائي ڇڏيو پر آئنده آئين نه ٿيڻ کپي هن موقعي پي پي جو 58هون يوم تاسيس 30 نومبر تي ضلع هيڊڪوارٽر عمرڪوٽ ۾ شاندار نموني ملهائڻ جو اعلان پڻ ڪيو ويو

بقايا 24 | قتل

عورت جي پوسٽ مارٽم لاءِ سنڌس لاش کي تعلقہ سول اسپتال سنجهورو منتقل ڪيو ويو آهي جتي پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو هوڏانهن مليل ڄاڻ موجب عبدالرحمان ۽ سنڌس ماءُ گهر ۾ اڪيلا رهندا هئا ۽ پٽ عبدالرحمان لغاري جو ذهني توازن ٺيڪ نه هجڻ سبب ڪيس هڪ مهينو اڳ ۾ ڪيس گدو اسپتال حيدرآباد داخل ڪيو ويو هوجتان قتل ٿيندڙ ماءُ ڪيس 20 ڏينهن کان اڳ پاڻ واپس وٺي آئي هئي جتي ڳوٺاڻن موجب پٽ عبدالرحمان جو ماءُ سان 4 ڏينهن اڳ جهيڙو به ٿيو هو. جڏهن ته مليل ڄاڻ موجب پٽ هٿان قتل ٿيندڙ عورت راڻي بيگم بيوه هئي اولاد ۾ 3 پٽ 3 نياڻيون آهن هڪ جنهن ۾ وڏو 2 پٽ فوت ٿيل آهن ۽ ڪئي نياڻيون شادي شده آهن پوليس موجب ضروري ڪارروائي بعد ڪيس درج ڪيو ويندو.

بقايا 25 | ريلي

پناه ۽ سرائي سوڊل سولنگي سميت شهرين شرڪت ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي مرتضيٰ گوپانگ ۽ ٻين چيو ته 27 هين آئيني ترميم صوبن کي ٽوڙڻ ۽ عدليه خلاف هڪ سنگين سازش آهي جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو هنن چيو ته چور حڪمران احتساب کان بچڻ لاءِ مختلف قسمن جا حربا هلائي ملڪ جي آئين ۽ قانون کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن هنن وڌيڪ چيو ته اسان ڪنهن به صورت ۾ سنڌ کي ٽڪرن ۾ تقسيم ڪرڻ نه ڏينداسين هنن مطالبو ڪيو ته فوري طور ملڪ دشمن 27 هين آئيني ترميم کي ختم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

بقايا 26 | ريلي

برڙو اصغر شاهاڻي عليرضا چنا پي ٽي آءِ اڳواڻ عبدالڪريم بروهي، رحيم بوڙدان ڪئي .اڳواڻن مطالبو ڪيو ته 27 هين ترميم ختم ڪرڻ سان گڏ عمران خان جي آزادي جو مطالبو ڪيو.

بقايا 27 | مظاهرو

وڃڻ جو مطالبو ڪيو.پريس ڪانفرنس دوران صحافي گوگي راهو ڏانهن ڪندي الزام هنيو ته سنڌس ڪيمرا مين مهيش ڪمار موبائل ايپ ذريعي سنڌس ايڇ بي ايل بئنڪ اڪائونٽ مان 19 لک روپيا فراڊ ذريعي ڪيرائي ورتا آهن. هن چيو ته اها رقم هن جي سڄي زندگي جي ڪمائي هئي جيڪا ڏرڪو ۽ لاپرواهي سان لٽي وئي، پر اڃا تائين جوابدار خلاف ڪا به اثرائتي ڪارروائي نه ٿي آهي.گوگي راهو مطالبو ڪيو ته سنڌ جي آءِ جي غلام نبي ميمڻ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب پٺاڻ ۽ ايس ايس پي شڪارپور شاهزيب چاچڙ واقعي جو نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف قانوني قدم کڻي کيس انصاف فراهم ڪن.

بقايا 28 | جائزو ورتو

ڪري رهي آهي انٽرنيشنل ڪريڊ سينٽر پي آءِ ايف ايف اي ۽ سافڪو جي نمائندن پاران ڪيل هن دوري ۾ عورتن جي اڳواڻي ۾ زرعي ڪاروبار ڪندڙن سان بحث مباحثا پڻ ڪيا ويا، اهو ڏسڻ لاءِ ته جيئن مارڪيٽ رابطن، ڪاروباري ترقي جي خدمتن مالي مدد تائين رسائي ۽ صلاحيت

جي تعمير وارن شعبن ۾ GRASSP جي ڪوشش جي نتيجن کي سمجهي سگهجي ان موقعي تي يورپي وفد گراسپ پروجيڪٽ مئنيجر مصطفيٰ راڄپر ۽ سنڌس ٽيم جي ڪارڪردگيءِ جي تعريف ڪئي ڪرسچن بين هل چيو ته منصوبي جا نتيجا انهن جي اميدن کان بهتر ثابت ٿيا آهن ۽ اهڙي ترقي يقيني طور تي معاشي بهتري آڻيندي

بقايا 29 | تيجهو تي گڏرو

پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر سينيئر صحافي لالا رحمان سمون پريس ڪلب جي صدر ۽ پي ايف يو جي جي نائب صدر خالد ڪوڪ پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري حميد الرحمن سينيئر صحافي حسين خان ايڇ يو جي صدر محمد وسيم خان رمضان شورو جنيد خانزاده، حامد شيخ صحافي اقبال ملاح، صحافي جاني خاصخيلي، ونود ڪمار اشوڪ شرما، امتياز کهاوڙ ناصر حسن خان ارشد جبار قريشي، ايڇ يو جي سيڪريٽري حمزه زيدي، حسن خان نور عالم شاهه حسنين علي شاهه حسنين علي واحد، راڻا حميل نويد قائمخاني، ڪاشف خان سانگهڙ يونين آف جرنلسٽس صدر امير بخش ٻڙدي، سانگهڙ جي صحافي حسن لاڏن پاڪستان هندو منڊر مينيجمنٽ ڪميٽي جي چيئرمين ڪرشن شرما، سيشن جج ٽنڊو محمد خان جسٽس انعام ڪلهوڙو سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن جي باني چيئرمين بخش علي لاکو پوليس ٽريننگ سينٽر سڪرنڊ جي انچارج ايس ايس پي رخسار احمد ڪهاوڙ ڪاٺون چيئرمين حسين آباد عمير مولا بخش چانڊيو ايڊووڪيٽ سپريم ڪورٽ ماءِ يوسف لغاري، جيل سپرنٽينڊنٽ ميرپورخاص اشفاق ڪلهوڙو وائيس پرنسپل پوليس ٽريننگ سينٽرل جيل خانو جات آصف علي لاکو ايس ايڇ او بي سيڪشن حيدرآباد نياز پهنور اقبال سومرو ڪالم نگار امداد سومرو ڊائريڪٽر ايس اينڊ جيسڪو سيد عاقب شاهه، ضلعي صدر سنڌ ترقي پسند پارٽي جان محمد جونيجو حيدر ملاح محمد علي ابڙو مراد ابڙو انفارميشن سيڪريٽري ديدار شاهه پيپلز پارٽي اڳواڻ عشرت حسن، ضلعي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري اسد ابڙو اختر پرڳڙي، ممتاز بلوچ حاجي خان لاکو نظام مگسي، نجيب ابڙو دعوت اسلامي ترجمان عبد الغني عطاري يو سي چيئرمين خالد چانڊيو سميت سياسي سماجي ۽ مذهبي اڳواڻن ۽ شهر جي معزز شخصيتن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ مرحوم جي روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ دعا گهري وئي ۽ خيرات جي ساني ورهائي وئي هوڏانهن پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي صدر افضل بٽ، سيڪريٽري جنرل ارشد انصاري، فنانس سيڪريٽري لالاسد پٺاڻ، ميمبر ايف اي سي ۽ سينيئر تجزيه نگار مظهر عباس، ناصر زيدي، حبيب خان ناصر خان لياقت ڪشميري، ڪراچي يونين آف جرنلسٽس صدر طاهر حسن خان اسلام آباد پريس ڪلب جنرل سيڪريٽري نير علي، علي رضا عابدي، نظير چارڻ، ميمبر قومي اسيمبلي طارق شاهه جاموٽ، صوبائي وزير ثقافت سيد ذوالفقار علي شاهه، ايم پي اي نعيم کهڙل معاون خصوصي عبدالجبار خان، ميئر حيدرآباد ڪاشف علي شورو، پريس ڪلب جي روح روان سينيئر صحافي علي حسن، ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو ڊپٽي ڪمشنر زين العابدين ميمڻ، ايس ايس پي عديل حسين چانڊيو ۽ ٻين ايڇ يو جي سيڪريٽري جام فريد لاکو سان فون تي تعزيت جو اظهار ڪيو.

بقايا 30 | مظاهرو

ڪيون ٿا ۽ سنڌ خلاف ڪنهن به سازش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين هنن چيو ته جيسين 26 ۽ 27 هين آئيني ترميم واپس نه ورتي ويندي تيسين اسان جو احتجاجي مظاهرن جو سلسلو جاري رهندو

بقايا 31 | ملهايو ويو

آهي ان ۾ لاڪو اسٽاڪ سميت مختلف اسٽال پڻ لڳايا ويا هئا جن جي مالڪن کي پڻ هار ۽ اجرڪون پارايون ويون ان موقعي تي معين مهمانن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته سنڌ ۾ صوفين ۽ بزرگن جي سرزمين رهي آهي انهن ۾ عالمي شهرت يافته ڪلاسيڪل شاعر حمل فقير جو پڻ آهي جنهن جو اڄ 151 هون عرس ملهايو پيو وڃي هن وڌيڪ چيو ته مهربانيون ثقافت کاتي جون جيڪي ميلي جو اهتمام ڪندا آهن پر اسان جي خواهش آهي ته جيئن ماضيءَ ۾ سيد امداد محمد شاهه جي دور ۾ حمل جو ميلو سنڌ سطح تائين ٿيندو هو جنهن جو افتتاح وقت جو وڏو وزير ڪندو هو اهو ميلو جيڪو هن وقت ڳوٺ تائين يا تعلقي تائين محدود آهي ان کي ٻيهر مٿين سطح تي ڪرائڻ گهرجي هن وڌيڪ

چيو ته بلاول ڀٽو زرداري سميت پيپلز پارٽي جي قيادت جيڪا پنائي سرڪار ۽ قلندر سائين جي ميلي ۾ شرڪت ڪري ٿي ايئن حمل فقير لغاري تي پڻ اچڻ گهرجي ان موقعي تي غلام عباس مگسي ، نصرالله ملاح ، ڊاڪٽر برڪت لاکو ، اعجاز لغاري ، اسامہ لغاري ، مراد علي ملاح ، عبداللطيف لغاري ، عبد الله شيخ ۽ سڪرنڊ پريس ڪلب جو جنرل سيڪريٽري غلام حيدر سولنگي پڻ موجود هئا

بقايا 32 | اعلان

ڪلب ٺٽو جي جنرل باڊي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ اعلائيل مچ ڪچهري ۽ ايڪتا جي سلسلي ۾ سمورين سرگرمين سميت 7 ڊسمبر تي ايڪتا ڏينهن کي ڀرپور نموني سان ڪامياب بنائڻ لاءِ مختلف ڪميٽيون پڻ تشڪيل ڏنيون ويون

بقايا 33 | لاڙڪاڻو

ويجهو ساڻي محمد هاشم خاصخيلي جو ٽنڊو پاڻ احمد خان خاصخيلي لاڏاڻو ڪري ويو آهي سندس جنازي نماز بعد ابائي قبرستان ۾ تدفين ڪئي وئي، پوئترن سان تعزيت جو سلسلو هلندڙ آهي عبرت سٽ جي سرواڻ قاضي اسد عابد پاران پوئترن سان ڏک جو اظهار ڪيو

بقايا 34 | ملهائي وئي

ڀٽو جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ان موقعي تي ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته پ پ شهيد ڀٽو مستقبل ۾ ملڪ جي مضبوط جمهوري پارٽي ٿي اُڀرندي. جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو جي قيادت تي سنڌين مڪمل اعتماد آهي ان موقعي تي پ پ شهيد ڀٽو يوٿ ضلعي ٺٽي جي اڳواڻن چيو ته پ پ شهيد ڀٽو يوٿ ضلعي ٺٽي جي باڊي جو اعلان 23 نومبر آچر ڏينهن مڪلي تي تقريب منعقد ڪري ان ۾ ڪيو ويندو جنهن ۾ پ پ شهيد ڀٽو يوٿ حيدرآباد ڊويزن جو صدر ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ شرڪت ڪندا

بقايا 35 | ڊرٽو

آهي ته لڳايل هٿرادو ٽيڪسن جو فوري نوٽيس وٺي غريب پورهيتن سان انصاف ڪيو وڃي، نااهل ميئر لاڙڪاڻو ۽ ڊي سي لاڙڪاڻو کي فوري هٽائي ٻيو ڪو ميئر لاڙڪاڻو ۽ ڊي سي لاڙڪاڻو مقرر ڪيو وڃي ته جيئن اسان پورهيتن سان انصاف ٿي سگهي، نه ته ٻي صورت ۾ هو عدالت سان رجوع ڪرڻ لاءِ مجبور ٿينداسين ٻئي طرف پورهيتن جي احتجاج ۾ سينيئر وڪيل ڪامريڊ غلام شبير جتوئي آصف علي جتوئي ۽ ٻين پهچي پورهيتن سان درپيش مسئلن بابت ڄاڻ ورتي

بقايا 36 | اياز پليجو

چاهيون ٿا ڪرپٽ، عوام دشمن ۽ چور حڪمرانن سنڌ کي شامي غريبا بڻائي ڇڏيو آهي. پيپلزپارٽي وزيراعظم جي ڪرسي حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي انچ انچ کي نيلام ڪرڻ چاهي ٿي اياز لطيف پليجي چيو ته نواز ليگ، پيپلزپارٽي ۽ ٻين سنڌ دشمن قوتن کي سنڌي ڏٺي نٿا وڻن سنڌين سان سخت بيزار آهن

بقايا 37 | پيٽا پيش

اهڙو اظهار ملدسي هاءِ اسڪول ۾ سينئر استاد سر لڪاڏنو خاصخيلي جي سروس مڪمل ٿيڻ تي ملدسي ۾ سينئر هيڊ ماستر نياز اي نائچ . سر علي مراد خاصخيلي . گستا اڳواڻ بشير حسين نظاماڻي محمد صالح ساند عطا محمد خاصخيلي سهراب ساند غلام حسين خطاب ڪندي چيو ته هنن چيو ته ملدسي هاءِ اسڪول جو نالو روشن ڪرڻ ۾ لڪاڏنو خاصخيلي جو وڏو ڪردار رهيو پنهنجي ٻچن جيان تعليمي سرگرمين ڪرائي شاگردن ۽ شاگرداڻين ۾ اتساهه پيداڪيو جيڪا خوشبوءِ اڄ موجود آهي ان جو بانيڪار سائين لڪاڏنو خاصخيلي آهي اسان کيس سلام پيش ڪريون ٿا تقريب کان پهرين استاد لڪاڏنو کي اجرڪن گلن ۽ پئسن جا هار پارايا ويا اسڪول پرنسپال سر نياز اي نائچ ۽ سر علي مراد خاصخيلي جي قيادت ۾ سر لڪاڏنو خاصخيلي جو والهاڻو استقبال ڪيو ويو، چاڻٺا کان آيل محترم ڊاڪٽر عبدالرحمان خاصخيلي . سر عبدالعزيز . ڪامريڊ محمد خان پڻ شريڪ آهن سر سهراب ساند رٽائرڊ استاد سيد محبوب شاهه . منظور بروهي منظور زرداري غلام حسين زرداري عبدالستار خاصخيلي سجاد سهتو رضوان راجپوت عبدالرحمان . عثمان ڪنبر ۽ ٻين سينئر استادن پڻ خطاب ڪيو تقريب دوران شاگرد شاگرداڻين پاران سر لڪاڏنو خاصخيلي کي سلام ۽ پيٽا پيش ڪئي وئي سر لڪاڏنو خاصخيلي کي بهترين استاد جي سجيتا ڏني وئي ڪتاب پڻ گفٽ ڪيا ويا ۽ شاگردن پاران سلام استاد جي سلامي ڏني وئي

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني (HESCO)

HESCO

واڪ جي دعوت

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني (HESCO)، هڪ پاور ڊسٽريبيوشن ڪمپني، جنهن جو بنيادي ڪم سنڌ صوبي جي 13 ضلعن جي علائقي ۾ بجلي (بجلي) جي فراهمي، ورڇ ۽ وڪرو ڪرڻ آهي. حيسڪو/ڊسڪوز/اين ٽي ڊي سي/پي پي اي ايم سي/واپڊا جي اڳوات قابليت رکندڙ ۽ رجسٽرڊ مينوفيڪچررز کان سنگل اسٽيج سنگل لفافي طريقيڪار تحت مهر بند واڪ طلب ڪري ٿو جيڪي انڪم ٽيڪس ۽ سيلز ٽيڪس ڊپارٽمينٽ سان رجسٽرڊ آهن ۽ جيڪي فيڊرل بورڊ آف روينيو جي فعال ٽيڪس ادا ڪندڙ لسٽ ۾ آهن. هيٺين سامان جي فراهمي لاءِ:

Tender No.	Lot. No.	Description	Unit	Quantity	Date & Time: Submission of bids:	Date & Time: Opening of bids:
127/2025	I	Screw Wrench 200mm	No.	1000	16.12.2025 at 11.00 am	16.12.2025 at 11.30 am
		Screw Wrench 300mm	No.	1000		
	II	Screw Driver 7"	No.	100		
		Screw Driver 8"	No.	100		
		Screw Driver 9"	No.	100		
		Screw Driver 10"	No.	100		
	III	Side Cutting Pliers	No.	1000		
	IV	Lineman Tool Bag	No.	1200		
	V	Bolt Cutter	No.	80		
	VI	Lineman Knife	No.	500		
128/2025	I	Lineman Rain Coat 54"	No.	400	17.12.2025 at 11.00 am	17.12.2025 at 11.30 am
		Lineman Rain Coat 50"	No.	400		
	II	Lineman Uniform (Skilled) (M)	Pair	1000		
		Lineman Uniform (Skilled) (L)	Pair	1000		
		Lineman Uniform (Skilled) (EL)	Pair	1000		
	III	Lineman Uniform (Un-Skilled) (M)	Pair	1000		
		Lineman Uniform (Un-Skilled) (L)	Pair	1000		
		Lineman Uniform (Un-Skilled) (EL)	Pair	1000		
129/2025	I	Earth Grounding Set	No.	80		
	II	High Voltage Detector	No.	80		
	III	Clipon Ampere / Volt Meter	No.	100		
130/2025	I	Grip Pulling Cond. 12.5mm	No.	200	18.12.2025 at 11.00 am	18.12.2025 at 11.30 am
	II	Grip Pulling Cond. 6.1mm	No.	200		
	III	Cuffing Hoist (Rachet Lever) 1.5 ton	No.	100		
	IV	Chain Pulley Block 3-Ton	No.	80		
131/2025	I	Smoke Mask	No.	50		
	II	Safety Google	No.	100		
	III	Fire Extinguisher 5-7kg CO2	No.	50		
132/2025		Insulated Bucket Mounted Vehicles	No.	12	19.12.2025 at 11.00 am	19.12.2025 at 11.30 am

1. شرط ۽ ضابطن جي مطابق E-واڪن جا دستاويزن، تفصيلي شرط ۽ ضابطا، وضاحتون ضروريات وغيره تي مشتمل رجسٽرڊ واڪ ڏيندڙن جي لاءِ EPADS تي دستياب آهي (www.eprocure.gov.pk).
2. اليڪٽرانڪ واڪ مقرر تاريخ ۽ وقت تي EPADS استعمال ڪري جمع ڪرايون ويندين دستي واڪ قبول نه ڪيا ويندا. اليڪٽرانڪ واڪ انهيءَ ڏينهن کوليا ويندا.
3. سمورا E-واڪ سان گڏ هڪ واڪ سيڪيورٽي سان گڏ هئڻ گهرجن. جيڪي فرمون پنهنجي اڪائونٽ سان تيار ڪنديون. ڪنهن به شيڊيول بينڪ آف پاڪستان کان چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر، حيسڪو حيدرآباد جي نالي ۾ بينڪ گارنٽي/ سي ڊي آر/ بينڪر چيڪ جي صورت ۾ هئڻ گهرجن. جيڪي 28 ڏينهن تائين ڪارگر هجن. واڪ جي درستگي جي تاريخ. ممڪنہ واڪ ڏيندڙ EPADS تي واڪ جي حفاظت ٿيل اسڪين ٿيل ڪاپي اپ لوڊ ڪندا ۽ اصل واڪ جي حفاظت تي E-واڪ جي افتتاحي تاريخ کان هڪ ڏينهن پهرين پروڪيورنگ ايجنسي تي جمع ڪرائڻ ضروري آهي. جنهن ۾ ناڪام ٿيڻ تي E-واڪن کي رد ڪيو ويندو
4. نمونا (جيڪڏهن واڪ واري دستاويز ۾ گهربل هجي) اي-بول جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۽ وقت تي يا ان کان اڳ خريداري ايجنسي کي جمع ڪرائڻ گهرجن. نه ته اي-واڪ رد ڪئي ويندي
5. واڪ ڏيندڙن کي فرم/ حتمي قيمتن جو حوالو ڏيڻو پوندو ۽ واڪ کولڻ کانپوءِ واڪ لاڳت ۾ اضافي جي ڪابه درخواست نه ڪئي ويندي.
6. هي اشتهار PPRA جي ويب سائيٽ تي www.ppra.org.pk ۽ حيسڪو جي ويب سائيٽ: www.hesco.gov.pk تي دستياب آهي.

نوٽ:

i. PPRA قاعدي 2004 جي قاعدي-48 جي لحاظ کان تشڪيل ڪيل GRC جو نوٽيفڪيشن EPADS تي (www.eprocure.gov.pk) تي فراهم ڪيل آهي.

مئنيجر (مٽيريل مئنيجمينٽ) HESCO حيدرآباد

روم نمبر: 237 واپڊا آفيسز ڪامپليڪس، حسين آباد، حيدرآباد.فون نمبر: 022-9260127،
اي ميل: mmmhesco@yahoo.com

PID(H)196/2025

هالا ۾ نالياري برڪ سياستدان مخدوم محمد امين فهيم جي ورسي ملهائي وئي

مخدوم امين فهيم جي ڪاوشن جي ڪري مخدوم خاندان پيپلزپارٽي ۾ شامل ٿيا:مخدوم جميل

ستاويهين ترميم ۾ عوام کي ڪوبه نقصان نه آهي. ڪجھ ٽيڪنيڪل مسئلا آهن جن کي حل ڪيو ويو آهي

سنڌ ۾ نوان صوبا ناهڻ جو شوشو ڇڏيو ويو آهي جنهن جي ڪابه ضرورت نه آهي بلڪ مڙني صوبن ۾ ضلعا ناهڻ جي ضرورت آهي

ملڪ ۾ سياسي صورتحال بهتر آهي سوني ڪان وڌيڪ بلاول ڀٽو زرداري جي پاليسي آهي جنهن تحت هو سوني کي گڏ ڪئي هلي رهيو آهي

هالا (رپورٽ: ايم حيات بلوچ) هالا ۾ نالياري برڪ سياستدان پاڪستان پيپلزپارٽي پارليامينٽيرين جي اڳوڻي چيئرمين مخدوم محمد امين فهيم جي ڏهين ورسي نهايت ئي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي ورسي جي موقعي تي مخدوم امين فهيم جي ايصال ثواب لاءِ درگاهه سرور نوح جي احاطي ۾ قرآن خواني ڪرائي وئي جڏهن ته سياسي سماجي شخصيتن ۽ شهرين پاران وفدن جي صورت ۾ مزار تي گلن جون چادرون چاڙهي دعائون گهريون ويون ورسي جي موقعي تي سروري جماعت جو روحاني پيشوا ميمبر قومي اسيمبلي مخدوم جميل الزمان ۽ صوبائي وزير خوراڪ مخدوم محبوب الزمان پنهنجي مريدن ۽ عقيدتمندن سان گڏ درگاهه سرور نوح تي پهچي مخدوم امين فهيم جي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

هالا: مخدوم جميل الزمان ۽ مخدوم محبوب الزمان مخدوم امين فهيم جي مزار تي دعا گهري رهيا آهن

ڏگهڙي ۾ لوڊر رڪشا ۽ ٽريڪٽر ٽرالي ۾ ٽڪر هڪ ڄڻو زخمي، اسپتال منتقل

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي ٽنڊو جان محمد روڊ تي واقع ڏگهڙي ريلوي ڦاٽڪ وٽ ٽريڪٽر ٽرالي ۽ رڪشا ۾ اوچتو تصادم ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ديهه 153 جي ڳوٺ ناڳان جو رهواسي 34 ورهين جو رڪشا ڊرائيور خالد ڪمبوهه ولد نيڪ محمد ڪمبوهه سخت زخمي ٿي پيو زخمي کي فوري طور تعلقا اسپتال ڏگهڙي منتقل ڪيو ويو جتي ابتدائي طبي امداد ڏيڻ بعد سندس نازڪ حالت سبب حيدرآباد ريفر ڪيو ويو موجب لوڊر رڪشي تي بڪريون لڏ هيون رڪشو اوچتو بي قابو ٿي ٽرالي سان ٽڪرائجي ويو جنهن سبب ڊرائيور کي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي: حادثي ۾ زخمي ٿيل نوجوان اسپتال ۾ علاج ڪرائيندي

ڪورواهه: ڪارو گونگڙو واسي پورهيت جو ڪينسر ۾ مبتلا گهر واري جي علاج مدد جي اپيل

ڪورواهه(ن ع) ڪارو گونگڙو سم نالي تي ڳوٺ هاشم چانڊيو ۾ پورهيت جي گهر واري ڪينسر ۾ مبتلا مدد جي اپيل پورهيت خميسو ماڇي جي گهر واري مسمات زرينا ڪيٽري عرصي کان ڪينسر جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا گهر نه هئڻ ڪري سخت سيءَ ۾ به کلي آسمان هيٺ

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

سجاول لڳ پوليس جو مبينا مقابلو، هڪ ڌوڙاري زخمي حالت ۾ گرفتار

سجاول (ڊ ر) آمري اسٽاپ جي ويجهو پوليس ۽ منشيات فروشن وچ ۾ فائرنگ جو مبينه مقابلو جنهن دوران هڪ منشيات فروش زخمي حالت ۾ گرفتار هڪ ڪلوگرام چرس هٿ گرفتار جوابدار احسان ماڇهي جي نشاندهي تي پوليس دڙو بنون روڊ آمري اسٽاپ وٽ پهتي ته اتي موجود ٻين منشيات فروشن پوليس تي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي ياسين لڳ تيز رفتار ڪوچ جي ٽڪر ۾ واٽهڙو ڄمپائي فوت

انڊس هاءِ وي تي ڪير ڪپائيندڙ پورهيت ممتاز جکرو کي ڪوچ ٽڪر هنيو

زخمي کي پوليس ڪٿائي اسپتال منتقل ڪيو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو

ڳڙهي ياسين (ن ع) ڳڙهي ياسين پرسان لاڙڪاڻو شڪارپور انڊس هاءِ وي تي تيز رفتار ڪوچ جي ٽڪر ۾ مصري واهڻ جو رهواسي ممتاز علي ولد رند علي جکرو صبح سوير ڪير ڪپائڻ لاءِ شهر وڃي رهيو ته بائي پاس ڪراس ڪندي لاهور کان لاڙڪاڻي ويندڙ ڪوچ جي ٽڪر پورهيت ممتاز علي جکرو سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي ڳڙهي ياسين پوليس بروقت پهچي پوليس موبائل ۾ ڪٿائي شڪارپور اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي پورهيت جي طبيعت ناساز هئڻ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڊي ايچ او تعليم خيرپور پاران دير سان ايندڙ 6 ماسترياڻين کان وضاحت طلب

ڳوٺ چاچي ٻرڙا جي گورنمينٽ گرلز هائير سيڪنڊري اسڪول جو ڊي ايچ او دورو ڪيو

دير سان اسڪول اچڻ جي عادي 6 ماسترياڻين کي ليٽر لکي وضاحت طلب ڪئي وئي

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پرسان ڳوٺ چاچي ٻرڙا جي گورنمينٽ گرلز هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ دير سان اسڪول اچڻ جي عادي 6 ماسترياڻين کان وضاحت طلب، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر عبدالسميع پنهور جاڻايل اسڪول جي 6 ماسترياڻين سيده ريحانه بيبي، تسيمنه ڦلش سورٺ، نورين، حنا ۽ رباب بتول کان 3 ڏينهن اندر سندس آفيس پهچي وضاحت ڏيڻ جي هدايت ليٽر ۾ جاڻايو ويو آهي ته 4 ڏينهن اڳ تعلقه ايجوڪيشن آفيسر فيميل ڪوٽڏيجي چاچي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران مختلف هنڌن تي ڌوڙارين خلاف آپريشن، 23 شڪي

ايس ايس پي جي اڳواڻي ۾ پوليس ڌوڙارين جي ٺڪاڻن کي باهيون ڏنيون ويون

امن خراب ڪندڙن جوابدارن جي گرفتاريءَ تائين آپريشن جاري رهندو: ايس ايس پي

خيرپور(ڊ ر)ايس ايس پي خيرپور جي اڳواڻي ۾ خيرپور پوليس جو ڪهڙا ٿاڻي جي مختلف علائقن ۾ ڌوڙارين خلاف آپريشن 23 شڪي ماڻهو گرفتار اڻڄاتل هنڌ منتقل ڌوڙارين خلاف آپريشن ۾ بڪتربند گاڏين ۽ هيوي مشينري جي استعمال سان ڌوڙارين جي ٺڪاڻن کي ڊاهي پٽ ڪري باهه ڏني

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ ڪارگو رڪشا ڪلٽي، 12 ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

يونيورسٽي روڊ تي حادثي ۾ زخمي حمير، جاني، راڻو ۽ ٻين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

خيرپور(ڊ ر)خيرپور لڳ مهراڻ هاءِ يونيورسٽي روڊ تي ڪارگو رڪشا ڪلٽي ٿي پئي آهي جنهن ڪري 12 ڄڻا حمير، جاني، راڻو، منظور، پورو، حاڪم، ساڄن، سونارو، انيس پريت، ممتاز، ڪندن پيارو ماڙوائي سخت زخمي ٿي پيا آهن جن کي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو آهي.

ماتلي: سوشل ويلفيئر جو ڊپٽي ڊائريڪٽر غفار ڪوسو ۽ ٻيا تقريب کي خطاب ڪري رهيا آهن

ٽنڊومحمدخان ۾ ٽريلر ٽڪر ۾ فوت ٿيل ٻن نوجوانن جي تدفين

حادثي ۾ فوت ٿيل ريحان علي ۽ اسامه گدي جي مڙهه کي مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

ٽرالر ڊرائيور پوليس حراست ۾، وارثن پاران ڪا به ايف آءِ آر داخل نه ڪئي وئي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي لاڪاٽ روڊ تي ٽريلر جي ٽڪر سبب فوت ٿي ويل ٻن نوجوانن ريحان علي گدي ۽ اسامه گدي جي هڪ ئي وقت تدفين ، ماحول سوڳوار بڻائي ڇڏيو ، خبر موجب ٽنڊو محمد خان جي لاڪاٽ روڊ سول اسپتال پرسان ٽريلر موٽر سائيڪل جي ٽڪر جي نتيجي ۾ ڦٽڻي تي فوت ٿي ويل 23 سالا ريحان علي گدي ۽ 25 سالا اسامه گدي جي فوتگي ڪائيو سنڌن ٽنڊو محمد خان جي سخي برهان شاهه قبرستان ۾ هڪ ئي وقت

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي پوليس پاران ٻن جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي پوليس منشيات خلاف ڪارروائي ڪندي ڪارو کهو ۽ صمير ٽاؤن ۾ ڇاپا هڻي محسن شورو ۽ لونگ عرف راجا شورو کي گرفتار ڪري وٽائن زيڊ ايڪهه مين پوري ۽ آئس جو وڏو مقدار برآمد ڪري سنڌن خلاف الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا آهن

خانپورمهر ويجهو پوليس جو امن بحالي لاءِ ڌوڙارين خلاف آپريشن، 4 شڪي گرفتار

ايس ايڇ او جي اڳواڻي ۾ پوليس ڳوٺ سانجهڙو بوزدان، پير پري ۽ سومر موري ۾ آپريشن ڪيو

آپريشن کان اڳ جوابدار لياقت، گهنور، امجد عرف امجو، نيڪ محمد عرف نيڪو گهر خالي ڪري ويا: پوليس

جوابدارن جي گهرن کي ڊاهي پٽ ڪيو آهي، مختلف هنڌن تان 4 شڪي ماڻهن کي گرفتار پڻ ڪيو آهي

خانپورمهر(ن ع) خانپورمهر ويجهو سب ڊويزن ميرپورماٿيلو جي پوليس، ايس ايڇ او خانپور مهر طالب جسڪاڻي جي اڳواڻي ۾، ڌوڙارين جي گرفتاري لاءِ وڏي چڙهائي ڪئي جنهن دوران مختلف ڳوٺن سانجهڙو بوزدان پير پري ۽ سومر موري ۾ آپريشن ڪيو ويو پوليس دعويٰ ڪري ٿي ته اهي گهر اهي ماڻهو استعمال ڪري رهيا هئا جيڪي سنگين ڏوهن ۾ ملوث هئا ۽ انهن جي گرفتاري لاءِ گهرن تي گهربل حڪمن جو عمل ڪيو ويو آپريشن دوران 10 گهر ڊهائي ويا، جنهن ۾ لياقت بوزدان گهنور بوزدان امجد عرف امجو بوزدار ۽ نيڪ محمد عرف نيڪو جا گهر شامل هئا جيڪي گهر خالي ڪري فرار ٿي ويا. پوليس ذريعن موجب 4 شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪيا ويا ۽ مبينا ڌوڙارين جا چوپائي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ماهيگيري جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي فشر فوڪ فورم پاران ڪرايل ماهيگير ميلي ۾ ٽيبلو پيش ڪيو پيو وڃي

ٺري ميرواهه لڳ ٻڏي ويل نوجوان جي لاش جي ريسڪيو آپريشن، لاش هٿ نه آيو

ٺري ميرواهه (ن ع) اسسٽنٽ ڪمشنر سوڀوديرو شاهه محمد چانڊڪ جي نگراني ۾ ريسڪيو ٽيم 22 11 سيلارجا روهڙي ڪئنال پهچي روهڙي ڪئنال سيلارجا ۾ ٻيڙي ذريعي ڪئنال ۾ ٻن ڪلاڪن جو ريسڪيو آپريشن ڪيو ويو پر نوجوان هٿ نه آيو گم ٿيل 15 سالا نوجوان ڏاڪر ملاح جي وارثن کي نوجوان جي روهڙي ڪئنال ۾ ڪيو ڏيڻ وارين شاهدين جي بنياد تي اسسٽنٽ ڪمشنر سوڀوديرو شاهه محمد چانڊڪ گم ٿيل نوجوان جي وارثن سان ملاقات ڪري تفصيل ورتا ۽ ايس ايڇ او هنگورجا کان فون ذريعي معلومات ورتي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ شخص هٿ ريڙهي تي ٻارڻ جون ڪاٺيون کڻي وڃي رهيو آهي

ڪنڌڪوٽ ۾ قتل ٿيل پيءُ ۽ پٽ جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج

چاچي نور حسن ۽ سندس پٽ نائب کي بنگلاڻي برادري جي ڌوڙاري قتل ڪيو آهي

ٿاڻي تي جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو آهي پر پوليس قاتل گرفتار نٿي ڪري:مظاهرين

ڪنڌ ڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌ ڪوٽ ڪجھ ڏينهن اڳ ڪرمپور ٿاڻي جي حد ۾ قتل ٿيل پيءُ پٽ جا قاتل پوليس گرفتار نه

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

پ پ جون پاڙون عوام ۾ کتل آهن، هميشه بنا فرق خدمت ڪئي: محمد علي شاهه

ڪاڏهن به ڪنهن کي اڪيلو ناهي ڇڏيو هر دور ۾ عوام جي ڀلي لاءِ نمايان ڪردار ادا ڪيو

پنهنجي ضلعي ناظمي واري دور ۾ پوري ضلعي اندر رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا

ڪندورو (ن ع) پ پ جي اڳوڻي سينيٽر سيد محمد علي شاهه جاموٽ جي ڪندو اسٽاپ تي شاهه نواز شورو پاران پ پ جي 58 يوم تاسيس جي پروگرام ۾ شرڪت ڪئي جتي عوام سنڌن وڏي پرجوش

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ۾ 26 هين ۽ 27 هين آئيني ترميمن ۽ ظلم، جبر ۽ فاشزم جي خلاف احتجاج

محمود خان اڇڪزئي، علامه راجا ناصر عباس جعفري، سيد زين شاهه ۽ ٻين اڳواڻن احتجاج رڪارڊ ڪرايو

اڳواڻن پاران ملڪ ۾ آئين جي بالادستي، جمهوري قدرن جي تحفظ ۽ وڪيلن جي تحريڪن لاءِ حمايت جو اظهار

شڪارپور (ڊ ر) پاڪستان جي آئين جي تحفظ جي تحريڪ شڪارپور پاران ملڪ گير ڪارو ڏينهن ۽ احتجاجي ڏينهن ملهايو ويو احتجاجي ريلي جي تفصيل پاڪستان جي آئين جي تحفظ جي تحريڪ جي مرڪزي قيادت محمود خان اڇڪزئي علامه راجا ناصر عباس جعفري، سيد زين شاهه ۽ ٻين اڳواڻن جي سڏ تي 26 هين ۽ 27 هين آئيني ترميمن ۽ ملڪ ۾ جاري ظلم جبر ۽ فاشزم جي خلاف شڪارپور ضلعي سان گڏوگڏ ملڪ جي ٻين حصن ۾ به ڀرپور احتجاج رڪارڊ ڪيو ويو ڪربلا جي مرڪزي امام بارگاهه جي سربراهه غلام سرور جتوئي، مجلس وحدت مسلمين ضلعي شڪارپور جي صدر مولانا مهدي رضا جعفري، اصغر علي سيلار ۽ مجلس وحدت مسلمين ضلعي شڪارپور جي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: گاڏين ۾ ايم ٽيگ لڳائڻ لاءِ سينٽر تي ماڻهن جون قطارون لڳل آهن

شهدادپور واسي ف ليگ اڳواڻ حاجي راڻا سردار احمد لاڏاڻو ڪري ويو

شهدادپور(ن ع) فنڪشنل مسلم ليگ ضلع سانگهڙ جو جنرل سيڪريٽري حاجي راڻا سردار احمد ڪجھ عرصو بيمار رهڻ بعد هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو ڪيس سوين آلين اکين سان اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو سندس جنازي نماز ۾ سياسي سماجي ڌرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي هوڏانهن سندس پونئيرن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

عمرڪوٽ: بينظير هاري ڪارڊ ورهائڻ واري تقريب جو ڏيک

عمرڪوٽ ۾ پي پي پاران هارين جي مالي سهائتا، 58هين يوم تاسيس جي تقريب

هارين ۽ آبادگارن لاءِ هاري ڪارڊ ۽ مالي سهائتا جي پاليسي تي عملدرآمد

30نومبر تي عمرڪوٽ ۾ پي پي جو 58هون يوم تاسيس شاندار نموني ملهائڻ جو اعلان

پاليسي ميڪرن جا فيصلا غلط آهن عمرڪوٽ ۾ 8 هزار ڪارڊ ڏئي اڪثر هارين سان زيادتي ڪئي وئي: نواز سومرو

عمرڪوٽ(ڊ ر) پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تي پي پي ضلعي عمرڪوٽ پاران هارين ۽ آبادگارن لاءِ ڪٽڪ ۽ پاڻ جي مالي سهائتا ۽ پارٽي جي 58هين يوم تاسيس جي حوالي سان عمرڪوٽ ۾ تقريب ٿي جنهن ۾ آبادگارن،سياسي اڳواڻن ۽ پارٽي عهديدارن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي هن موقعي تي شريڪ زراعت ۽ ٻين ڪاتي جي عملدارن

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

عبرت جي سرڪيوليشن مينيجر محمد عظيم گڏاڻي جو والد لاڏاڻو ڪري ويو

مرحوم جمال الدين گڏاڻي جي جنازي نماز بعد اباڻي قبرستان ۾ تدفين ڪئي وئي

عظيم گڏاڻي ۽ ٻين پونئرن سان قاضي اسد عابد، عبرت سٽ پاران ڏک جو اظهار

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) عبرت جي سرڪيوليشن مينيجر محمد عظيم گڏاڻي جو والد جمال الدين گڏاڻي رضا الاهي سان لاڏاڻو ڪري ويو آهي سندس جنازي نماز بعد اباڻي قبرستان ۾ تدفين ڪئي وئي. پونئرن سان تعزيت جو سلسلو هلندڙ آهي. هوڏانهن عبرت سٽ جي سرواڻ قاضي اسد عابد ۽ سموري عبرت سٽ عظيم گڏاڻي سان سندس والد جي وفات تي تعزيت جو

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

عوامي مسئلن جو حل حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: محمد بخش مهر

قيادت عوامي ڀلائي ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ مڪمل طور سنجيده آهي

علائقي واسين جا جائز مسئلا جلد حل ڪري ۽ ترقياتي ڪم شفاف نموني مڪمل ڪرايا ويندا

خانپورمهر(ن ع) زراعت، رانديون، نوجوانن جي معاملن ۽ اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ سنڌ جي صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر اڄ مهر هائوس خانگڙهه ۾ پنهنجي حلقي جي ماڻهن سان گڏجاڻي ڪئي، جنهن ۾ علائقي جي معززين سياسي ۽ سماجي شخصيتن سميت عام شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.گڏجاڻي دوران علائقي واسين پنهنجا

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

خانپور مهر: صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر ماڻهن جا مسئلا ٻڌي رهيو آهي

عدالتي حڪم تي عمل نه ڪرڻ تي ايس ايڇ او کي هٿڪڙيون

سجاول عدالت ڪيس داخل نه ڪرڻ تي ايس ايڇ او جاتي کي جيل ۾ موڪلڻ جو حڪم ڏنو

ايس ايس پي سجاول کي 24 تاريخ تي عدالت ۾ طلب ڪرڻ جو حڪم

جاتي(ن ع) جاتي ۾ اغوا ۽ نڪاح معان نڪاح واري مبينه واقعي بابت ڪيس داخل نه ڪرڻ تي سيشن ڪورٽ سجاول وڏوقدم کڻي ورتو آهي جاتي موجب جاتي واسي عبدالغفور ملاح پاران ڪورٽ ۾ اي—22 داخل ڪرائي مؤقف اختيار ڪيو ته سندس گهر واري کي اغوا ڪري نڪاح معان نڪاح ڪرايو ويو آهي جنهن تي سيشن جج سجاول محترمه زاهده پروين ايس ايڇ او جاتي کي فوري طور ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو فريادي ڌر موجب ايس ايڇ او

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي نگراني هيٺ وڏي پيماني تي اينٽي انڪروچمينٽ آپريشن

عوامي گذرگاهن جي بحالي ۽ ٽريفڪ جي رواني لاءِ شهر جي مک علائقن ۾ ڪارروائي

اسٽال، ڪيبنز ۽ روڊ تي قائم رڪاوٽون هٽايون ويون، ڀڃڪڙي ڪندڙن کي وارننگ جاري

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ جي هدايت تحت لاڳاپيل اسسٽنٽ ڪمشنرن، حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن ۽ ٽائون ميونسپل ڪميٽين جي نگراني ۾ وڏي پيماني تي اينٽي انڪروچمينٽ آپريشن جاري آهي ۽ ڪيترن ئي علائقن ۾ مڪمل عملدرآمد ڪيو ويو آهي _ آپريشن جو مقصد عوام جي گذرگاهن جي بحالي ٽريفڪ جي روانيءَ ۾ بهتري آڻڻ ۽ ميونسپل قوانين تي سختي سان عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ ڏنڀا بردار ڳوٺاڻن ۽ پوليس وچ ۾ ڇڪتاڻ، 15 ڄڻن تي ڪيس داخل

ڏنڀا بردار ڳوٺاڻن پاران عدالت ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش تي پوليس سان ڇڪتاڻ

پوليس ڪنٽرول سنڀالي 15 ڄڻن تي دهشتگردي ايڪٽ، جهيڙي، خوف هراس جو ڪيس داخل ڪيو

دادو(ڊ-ر) دادو ۾ ڏنڀا بردار ڳوٺاڻن پاران عدالت ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش عدالتي مقرر ڳهاٽ جي اهلڪارن پاران روڪڻ تان ڇڪتاڻ پوليس اهلڪارن ۽ برهماڻي برادري جي ڏنڀا بردار ماڻهن وچ ۾ ڇڪتاڻ تيز ٿيڻ جي اطلاع ملڻ تي دادو اي سيڪشن پوليس دادو سيشن ڪورٽ پهچي ڪنٽرول سنڀالي ورتو علي اعظم برهماڻي ڪمال خان، شهزاد، امتياز، ذيشان ۽ خالد برهماڻي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

دادو: سيشن ڪورٽ آڏو ايل ڏنڀا بردارن کي پوليس گرفتار ڪري رهي آهي

ڪنڊيارو ۾ مختلف تنظيمن پاران 26 ۽ 27 آئيني ترميمن خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين سيد زوهيب، عبدالستار ابڙو انور سولنگي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

26هين ۽ 27هين ترميمون عوامي حقن، آئين جي بالادستي ۽ جمهوري نظام لاءِ خطرو آهن

ڪنڊيارو(ن ع) 26 ۽ 27هين آئيني ترميم خلاف سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ۽ تحريڪ انصاف پاران ڌار ڌار احتجاجي ريليون ڪڍيون ويون پي ٽي آءِ اڳواڻ سيد زوهيب علي شاهه ، پروفيسر عبدالستار ابڙو ايس يو پي اڳواڻ انور سولنگي، سجاد مهيسر ۽ راشد مهيسر جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي پريس ڪلب پهتي هوڏانهن پاڪستان تحريڪ انصاف جي سنڌ تي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري سيد زاهد علي شاهه ڊويزنل نائب صدر وهاب

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

راضيديرو لڳ هٿيارٻندن جي واپاري جي دڪان تي ڪاهه، فائرنگ، ڪيس داخل

پنج هٿيارٻندن آصف ڪورائي جي دڪان تي فائرنگ ڪري ڏني، واپاري ۽ ٻيا محفوظ رهيا

ڪيس داخل ڪرائڻ بعد پوليس ٻيا ڪئي ٻن ڄڻن کي حراست ۾ وٺي جاچ شروع ڪئي

راضيديرو (ن ع) راضيديرو پرسان خيرپور لاڙڪاڻو بائي پاس وٽ رات دير سان ڪريش ۽ بولهاڙي جي مشهور واپاري آصف علي ڪورائي تي قاتلاڻو حملو ، آصف علي ڪورائي صحافين کي ٻڌائيندي چيو ته رات دير سان آءُ مزدورن سميت پنهنجي دڪان تي موجود هئس اوچتو پنج نامعلوم هٿيارٻندن اسان جي مٿان فائرنگ شروع ڪري ڏني ، جنهن ڪان پوءِ اسين پنهنجي تحفظ خاطر جوابي فائرنگ ڪئي جنهن بعد هٿيارٻند روڊ ڇڏي ڪمند جي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

استاد عزيز جکرو ۽ رمضان ڪوسو واقعي جي انڪوائري ڪرائي وڃي: رياض چانڊيو

پوليس کي هاڻ ۽ ذل فرائي جو ۽ جيئري نوجوانن کي ڪنهن گم ڪرڻ جو ٺيڪو مليل آهي

26/27آئيني ترميم سنڌ لاءِ وڏي سازش آهي، ڊسمبر ۾ وڏي تحريڪ هلائينداسين

شهدادپور(ن ع) سنڌ معان پ پ جو 18سالن کان عذاب آهي 26/27 آئيني ترميم سنڌ لاءِ وڏي سازش آهي ڊسمبر ۾ وڏي تحريڪ هلائينداسين اهڙن خيالن جو جئي سنڌ محاذ چيئرمين رياض چانڊيو شهدادپور پوليس حراست ۾ فوت ٿيندڙ هيڊ ماستر جام عزيز جکرو جي ٿڏي تي سندس وارثن جام ارشد ۽ سهيل اختر لاکو سان تعزيت بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن چيو پوليس ڏوهه منشيات ڏاڍيل ڪلچر ڏ ختم نه ٿي ڪري سگهي پر پوليس کي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

شهدادپور: جيئي سنڌ محاذ جو چيئرمين رياض چانڊيو مبينا پوليس تشدد ۾ مارجي ويل استاد جي وارثن سان تعزيت ڪري رهيو آهي

مانجهند ويجهو گهرواڻٽ تان عورت خودڪشي ڪري ڇڏي

آمري ۾ شادي شده عورت حنا ملاح زال شريف ملاح انتهائي قدم کنيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٿائي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

مانجهند (ن ع) آمري ۾ شادي شده عورت حنا ملاح زال شريف ملاح گهرو انٽيشت تان گهر ۾ ڳچي ۾ رسو ٻڌي خودڪشي ڪري ڇڏي جنهن جي لاش کي تعلقه اسپتال سيوهڻ منتقل ڪيو جتي لاش جي پوسٽ مارٽم ڪئي پئي وڃي عورت جي خودڪشي ڪائيو سنڌس گهر ۾ کهرام مچي ويو

پنوعاقل لڳ جنگا مهر ۽ مرٽاڻي جتوئي ۾ تڪرار تان فائرنگ، 3 ڄڻا زخمي

زخمي ياسين، ڀيراڻو جنگو مهر ۽ الله رکيو مرٽاڻي جتوئي کي اسپتال آندو ويو

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل جنگا مهر مرٽاڻي جتوئي ڌرين ۾ هلندڙ تڪرار تان فائرنگ ۾ الهڻ جنگو مهر پيراڻو جنگو مهر ۽ الله

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

سنجهورو ويجهو ذهني مريض پٽ ماءُ کي تيز ڌار اوزار سان ڪهي قتل ڪري ڇڏيو

ڳوٺ ڪريم ڏنو وساڻ ۾ جوابدار عبدالرحمان لغاري 60 ورهين جي ماءُ راڻي بيگم کي ڪهي لاش هنڌ ۾ لڪائي ڇڏيو

گهر مان ڌپ اچڻ تي ڳوٺاڻن جي اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٿائي تعلقي اسپتال منتقل ڪيو

نوجوان ذهني مريض آهي ڪيس ماءُ 20 ڏينهن اڳ گدو اسپتال مان ڪيرائي ڳوٺ آندو ته هن قتل ڪيو: ڳوٺاڻا

سنجهورو (رپورٽ خادم حسين خاصخيلي) سنجهورو ويجهو لڳ ڳوٺ ڪريم ڏنو وساڻ ۾ لڱ ڪانڌارينڊڙ واقعو : عبدالرحمان لغاري پنهنجي 60 ورهين جي ماءُ راڻي بيگم زال ابراهيم لغاري کي ڪنهن تيز ڌار اوزار سان ڪهي قتل ڪري ڇڏيو 3 ڏينهن تائين سندس لاش گهر ۾ لڪائي رکيو. مقامي ڳوٺاڻن کي شڪ پوڻ تي هنن سنجهورو پوليس کي اطلاع ڪيو اطلاع تي سنجهورو پوليس ڳوٺ جي نيڪ مردن سان گڏ جي سان گڏجي عبدالرحمان لغاري جي گهر ۾ داخل ٿي کيس گرفتار ڪري 3 ڏينهن کان قتل ڪري گهر جي ڪمري ۾ بسترن ۾ لڪايل سندس مقتول ماءُ راڻي بيگم زال ابراهيم لغاري جو لاش هٿ ڪري اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو سنجهورو پوليس مطابق مقتول

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ: ڪول ڪمپنين جا ملازم احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽرڪول بلاڪ ٽو ۾ مزدورن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

اسلام ڪوٽ(ن ع) ٽرڪول بلاڪ ٽو جي هونڊا ڪمپني ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪم ڇڏهڙتال ڪري احتجاج ڪيو ويو،ڊرائيورن ٻڌايو ويو ته احتجاج پگهارون وقت سر نه ڏيڻ ۽ پگهارن مان مبينا ڪٽوتي ڪرڻ خلاف ڪيو آهي ايڇ آر جا عملدار اسان جا حق ڪاٽي رهيا آهن،اسان پنهنجو چارٽر آف ڊمانڊ ڏنو آهي جيڪڏهن چائينز ڪمپني توڙي هن ۾ ڪم ڪندڙ هتي جي ايڇ آر انتظاميه مڃي ٿي ته اسان پنهنجو احتجاج ختم ڪري ڇڏينداسين،ڊرائيورن سميت ٻين ملازمن اهو پڻ ٻڌايو ته ڪمپني ۾ عملدار اسان جي پگهارن مان ڪٽوتي ڪن ٿا،هونڊا ڪمپني جا چائنيز پگهارون پوريون ڏيڻ لاءِ چون پيا ۽ هتي جي پاڪستاني مئنجمينٽ اسان جا حق کائي رهيا آهن

باڊهه ۾ ايس يو پي پاران 27 هين آئيني ترميم خلاف احتجاجي ريلي

ڪارڪنن مرتضيٰ ڳوپانگ، نويد ڪانڌڙو ۽ ڪاشف جوڻيجو جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاج ڪيو

27 هين آئيني ترميم کي ختم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

باڊهه (ن ع) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي سڏ تي ايس يو پي باڊهه پاران 27 هين آئيني ترميم خلاف پارٽي اڳواڻن مرتضيٰ ڳوپانگ، نويد ڪانڌڙو ۽ ڪاشف جوڻيجو جي اڳواڻيءَ ۾ ٽائون هال کان حيدر چڙڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر سان سلهاڙيل شخصيتن علي انور عسڪري، زيب علي ساريو اصغر نوناري، ڪامريڊ محمد علي خشڪ منور نوناري، مولا بخش ٿليوڪي ڪامران ميراڻي زاهد

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ٽائون چيئرمين حاجي نواز بروهي ارڙي ۽ روبيلا کان بچاءُ لاءِ مهم ۾ ٻار کي ڦڙا پياري رهيو آهي

لڪي غلام شاهه: صحافي سان فراڊ خلاف شهرين ۽ صحافين جو احتجاجي مظاهرو

لڪي غلام شاهه (ن ع) صحافي ڳوڳي راهو المعروف ديوان چند سان ٿيل فراڊ خلاف شهرين ۽ صحافين پاران پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن بعد هڪ هنگامي پريس ڪانفرنس پڻ منعقد ڪئي وئي. شرڪت ڪندڙن صحافي سان ٿيندڙ زيادتي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي اعليٰ اختيارين کان فوري نوٽيس

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي لڳ ٽريڪٽر ٽرالي ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر سبب نوجوان فوت

بولهاڙي ڪٽڪ گدامن وٽ حادثي ۾ نوجوان راشد علي ٿڏي تي دم ڏنو

پوليس ڊرائيور کي گرفتار ڪري لاش اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

ڪوٽڙي (ن ع) بولهاڙي ڪٽڪ گدامن لڳ حيدرآباد واسي موٽر سائيڪل سوار نوجوان راشد علي کي ٽريڪٽر ٽرلي جو زور دار ٽڪر لڳو جنهن ڪري نوجوان چيپاڄي موقعي تي فوت ٿي ويو ساٿيٽ پوليس ڊرائيور کي گرفتار ڪري ٽيڪٽر کي تحويل ۾ ورتو جڏهن ته فوتي نوجوان جو لاش بلاول ميڊيڪل اسپتال مان ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

ڀان سيدآباد ۾ قومپرست جماعتن پاران 27 هين آئيني ترميم خلاف احتجاجي ريلي

ڪارڪنن دريا خان لغاري، اصغر سولنگي، غلام شبير ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

مظاهرين پاران27 هين ترميم ختم ڪرڻ سان گڏ عمران خان جي آزادي جو مطالبو

ڀان سيد آباد (ن-ع (ڀان سيدآباد ۾ تحفظ آئين پاڪستان جي زيراهتمام قومپرست جماعتن طرفان ايس يو پي جي مرڪزي سڏ تي برڙا هائوس ڀان کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. جنهن بعد پريس ڪلب اڳيان ڌرڻو هنيو ويو ۽ سخت نعريبازي ڪئي وئي. ريلي ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي، تحريڪ انصاف، تحريڪ لبيڪ سميت ٻين پارٽين جا اڳواڻ توڙي ڪارڪن شريڪ هئا .ريلي جي اڳواڻي ايس يو پي اڳواڻ دريا خان لغاري، اصغر سولنگي، غلام شبير

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

يورپي يونين جي وفد ڪراچي ۽ حيدرآباد جو دورو، زرعي ڪاروبار ۽ GRASSP پروجيڪٽ جو جائزو ورتو

سعيد خان انٽرپرائزز، النور ڪولڊ اسٽوريج ۽ بايو انرجي سوليوشنز ۾ ٽيڪنالاجي سهولتن جو افتتاح

وفد دورو ڪندي ڏٺو ته يورپي يونين جي مدد ڪيئن مقامي معيشت، ويليو چين ۽ روزگار جا موقعا وڌائي رهي آهي

عورتن جي اڳواڻي ۾ زرعي ڪاروبار ڪندڙن سان مباحثو، GRASSP پروجيڪٽ جي ڪوششن جي نتيجن جي تعريف

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) پاڪستان ۾ يورپي يونين جي آپريشن مئنيجر ڪرسچن بين هل جي اڳواڻيءَ ۾ وفد ڪالهه ڪراچي ۽ حيدرآباد جو دورو ڪيو وفد پنهنجي دوري دوران هڪ ڪروڙ کان ٻه ڪروڙ روپين جي امداد حاصل ڪندڙ سعيد خان انٽرپرائزز النور ڪولڊ اسٽوريج، ڪولڊ اسٽوريج، بايو انرجي سوليوشنز جو معائنو ڪيو وفد ميون ۽ ڀاڄين مان مختلف شيون تيار ڪرڻ روانگي واپار وڌائڻ روزگار جا موقعا پيدا ڪندڙ انهن ادارن ۾ ڇهن مختلف ٽيڪنالاجي سهولتن جو افتتاح پڻ ڪيو يورپي يونين جي وفد جي دوري جو مقصد اهو ڏسڻ هو ته يورپي يونين جي مدد ڪيئن ٻهراڙيءَ جي معيشت کي هٿي وٺرائي رهي آهي، ويليو چين کي وڌائي رهي آهي ۽ سنڌ ۾ پائيدار معاشي ترقي ۾ اڳڀرائي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: نئين پل وٽ لنڊا بازار مان ماڻهو ڪپڙا ۽ ٻيو سامان خريد ڪري رهيا آهن

حيدرآباد ۾ سينيئر صحافي جام فريد لاکو جي والده جو تيجهو ٿي گذريو

لالا رحمان، خالد ڪوڪر، وسيم، رمضان چانڊيو حامد شيخ، اقبال ۽ ٻين جي شرڪت

رخسار احمد ڪهاوڙ، مولا بخش چانڊيو، يوسف لغاري، نياز ڀهڻ، اقبال سومرو ۽ ٻين پڻ شريڪ ٿيا

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سينيئر صحافي حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي جنرل سيڪريٽري ۽ اي آر واءِ جي ڪرائيم رپورٽر جام فريد لاکو پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ جانب لاکو سنڌ ترقي پسند پارٽي جي اڳواڻ اسلم لاکو ۽ اسپيشل ايجوڪيشن ڪراچي جي عملدار سخاوت علي لاکو جي والده جو تيجهو ڪالهه ذيشان هائوسنگ سوسائٽي قاسم آباد ۾ ٿيو جنهن ۾ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي سرڪاري اڳواڻ ۽حيدرآباد

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

محرابپور ۾ مختلف جماعتن پاران 26 ۽ 27 ترميم خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين ڊاڪٽر راشد مغل رونق شاهه قمر شيخ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

جيستائين ترميمون واپس نه ورتيون وينديون تيستائين احتجاجن جو سلسلو جاري رهندو

محرابپور (ن-ر) محرابپور ۾ مختلف جماعتن پاران 26 ۽ 27 ترميم خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان ڏس ۾ محرابپور ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي تحريڪ انصاف سنڌ هاري ڪاميٽي پ پ شهيد ڀٽو جي مقامي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن پاران ڊاڪٽر راشد مغل رونق شاهه قمر شيخ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ لوڌي چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته 26 ۽ 27 آئيني ترميم کي مڪمل طور تي رد

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ۾ صوفي شاعر حمل فقير لغاري جو 151 هون عرس مبارڪ ملهايو ويو

تقريبن جو ايم اين اي غلام قادر چانڊيو ۽ ڪمشنر شهمير ڀٽو افتتاح ڪيو

سڪرنڊ (ن ع) سنڌي ۽ سرائڪي جي عظيم صوفي شاعر حمل فقير لغاري جو 151 هون عرس مبارڪ ملهايو ويو جنهن جو افتتاح MPA غلام قادر چانڊيو ۽ ڪمشنر ڊويزن SBA شهمير خان ڀٽو جن ڪيو ساڻس گڏ حاجي علي نوز چانڊيو ، غلام شاهه لغاري ، محمد صالح ڪيريو ۽ امام الدين جلباڻي پڻ هئا افتتاحي تقريب ۾ آيل مهمانن کي لنگين ، اجرڪن ۽ سنڌي ٽوپين جا تحفا پيش ڪيا ويا جڏهن ته عرس جيڪو ٻه روزه ميلي جي صورت ۾

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: نوڪرين مان ڪڍيل پوليس اهلڪار بحالي لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ٺٽو پريس ڪلب پاران ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان ڇنڇر تي مچ ڪچهري منعقد ڪرڻ جو اعلان

ٺٽو (ڊ ر) نيشنل پريس ڪلب ٺٽو پاران ثقافتي ڏهاڙي جي سلسلي ۾ 29 نومبر تي ڇنڇر ڏينهن شام جو نيشنل پريس ڪلب ٺٽو جي اڳڻ تي شاندار "مچ ڪچهري" منعقد ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي جنهن ۾ راڳي سگهڙ شاعر اديب شرڪت ڪندا ۽ مچ ڪچهري ۾ ٺٽي ضلعي جي سياسي سماجي عوامي ۽ قومپرست تنظيمن ۽ ڪارڪنن توڙي شاگردن استادن واپارين ۽ شهرين کي دعوتون ڏيڻي مچ ڪچهري کي ڀرپور نموني سان ڪامياب ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ نيشنل پريس

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد لڳ پ پ اڳواڻ هاشم خاصخيلي جو ٽنڊو ڀاءُ احمد خان لاڏاڻو ڪري ويو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) پ پ جو بزرگ جيالو ۽ عبرت سرواڻ قاضي اسد عابد جو

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ٺٽي ۾ پ پ شهيد ڀٽو يوٿ پاران شهيد شاهنواز ڀٽو جي سالگرهه ملهائي وئي

ٺٽو (ڊ ر) پ پ شهيد ڀٽو يوٿ ضلعي ٺٽي پاران شهيد شاهنواز ڀٽو جي 67هين سالگرهه جي تقريب نيشنل پريس ڪلب ٺٽو ۾ منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ پ پ شهيد ڀٽو يوٿ ضلعي ٺٽي جي چيف آرگنائيزر زوهيب بلوچ ضمير شاهه وحيد سنڌي مرتضيٰ ڀٽو قربان شيخ صالح محمد بروهي وقاص ميمڻ ۽ ٻين شهيد شاهنواز

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ ريڙها هلائيندڙن پورهيت جو واڌو ٽيڪس وصولي خلاف احتجاجي ڌرڻو

مظاهرين عبدالجبار هليو، عاشق علي، عمران جتوئي، منصور ميراڻي، رضا محمد تنيو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ميونسپل ڪميٽي عملدار 2 رپين بعد 50 رپيا ٽيڪس ورتو هاڻ لوهه جي پٽي لڳائي 700 رپيا وصول پيا ڪن: مظاهرين

لڳايل هٿرادو ٽيڪسن جو فوري نوٽيس وٺي غريب پورهيتن سان انصاف ڪيو وڃي نه عدالت وينداسين

لاڙڪاڻو(رپورٽ عبدالوحيد ابڙو) لاڙڪاڻي ۾ پورهيت ريڙهين هلائيندڙن کان مبينا طور ڀتو وصول ڪيو پيو وڃي. لاڙڪاڻو شهر جي مختلف علائقن جي پورهيت ريڙهين هلائيندڙ لاڙڪاڻو وي آءِ پي روڊ تي ريڙهين بيهاري مين روڊ بند ڪري ڌرڻو هڻي ويٺا ان موقعي تي عبدالجبار هليو عاشق علي جتوئي، عمران جتوئي، منصور ميراڻي رضا محمد تنيو ۽ قانوندان ايڊووڪيٽ غلام شبير جتوئي ۽ ٻين پورهيتن وڪيلن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ميونسپل ڪميٽي لاڙڪاڻو طرفان اڳ ريڙهين جي ٽيڪس پرچي فيس 2 رپيا هئي هاڻي 50 رپيا ڪئي وئي آهي ۽ ريڙهين تي لوهي پٽي جو اسٽيمپ هڻي 700 سئو کان هڪ هزار ورتو پيو وڃي ڪنهن جو قانون آهي، پورهيتن جو چوڻ

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

پ پ وزيراعظم ڪرسي حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جو انچ انچ نيلام ڪرڻ چاهي ٿي:اياز پليجو

نواز ليگ، پ پ ۽ ٻين سنڌ دشمن قوتن کي سنڌي ڏئي ٽڪا وٺن، سنڌين مان سخت بيزار آهن

سنڌ جي پورهيتن ۽ هيٺين وچولي طبقي جو ٻچو ٻچو پنهنجي آخري گهڙي تائين وڙهندو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ پاران (اڄ) 27 هين آئيني ترميم ۽ سنڌ دشمن منصوبن خلاف قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو جي اڳواڻي ۾ ٽنڊو پارڪ ۾ هزارين ماڻهن جو پيادل مارچ ۽ جلسي عام ڪيو ويندو هوڏانهن اياز لطيف پليجي چيو آهي ته ڌرتيءَ، درياءَ، وسيلن ۽ انقلابن جا فيصلا ڪورٽن ۽ اسيمبلي آڏرن سان نه جدوجهد ۽ ميدانن ۾ مقابلن سان ڪيا آهن سنڌ ڏوڪن ۽ اڪلن کي رد ڪري ٿي توهان ڏاڍ جبر ذريعي اسان سنڌين جو وطن پاڻي زمينون ۽ وسيلا ڪسيندا ته اسان مزاحمت ڪنداسين اياز لطيف پليجي چيو ته نواز ليگ ۽ پيپلزپارٽي نئين ترميم ذريعي سنڌ جي وحدت تي حملو ڪري سنڌي ماڻهن جي حق حاڪميت ختم ڪرڻ

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ملدسي هاءِ اسڪول جي استاد لڪاڏنو خاصخيلي جي مان رٽائر ٿيڻ تي الوداعي تقريب، ڀيٽا پيش

ملدسي (ن ع) بهترين استاد لڪاڏنو خاصخيلي جي بهترين تعليمي ۽ سماجي خدمت تي اسان کيس سلام پيش ڪريون ٿا محنتي جفا ڪش استاد لڪاڏنو خاصخيلي پنهنجي زندگي پرڪڏهن مايوس نه ٿيو هميشه شاگردن ۾ همت حوصلي سان گڏ علم سان چاهه رکڻ جو درس ڏنو پاڻ نهايت صابرين انسان آهي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل لڳ سوهو برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو زخمي، اسپتال داخل

پنوعاقل (ن ع) پنوعاقل،سوهو برادري جي ٻن ڌرين ۾ زمين جي مالڪي تان جهيڙو، نتيجي ۾ هڪ ڌر جي شاهد حسين سوهو کي مٿي ۾ ڪهاڙي لڳڻ سبب سخت زخمي تعلقا اسپتال منتقل

جيڪب آباد: گرفتار ٿيل 16 هٿيارٻند لاڪپ ۾ بند آهن

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي ، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.